مجمع المذاهب

(عالمي مذهبن جو تقابلي اڀياس)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ

مَجمع المذاهب

(عالمي مذهبن جو تقابلي اڀياس)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

maqblib.org

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ
2019ع

ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ آهن.
هن ڪتاب جي ترجمي يا ٻيهر ڇپائڻ لاءِ ناشر جي اجازت لازمي آهي.

ڪتاب جو نالو: مجمع المذاهب
لکندڙ: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ
ڇاپو پهريون: 2019ع
تعداد: 500 ڪاپيون
قيمت: 320 رپيا
ڪمپوزنگ: علي اصغر سيال /ياسر لطيف رونجهو
ڇاپيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي
ڇپائيندڙ: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ

All rights reserved, including the rights of translation into any local or foreign language. No part of this book may be reproduced in any form without prior permission of the publisher except for reference.

Name of Book: Majma ul Mazahib
Written By: Shams-ul-Ulama Mirza Kalich Beg
Edition 1st : 2019
Quantity: 500 Copies
Price: Rs. 320/-
Composed By: Yasir Latif Roonjho/ Ali Asghar Siyal
Published By: Peacock Printers, Karachi
Published: Shams-ul-Ulama Mirza Kalich Beg Chair, Sindh University, Jamshoro

Book available at
Shams-ul-Ulama Mirza Kalich Beg Chair
University of Sindh, Jamshoro, Sindh, Pakistan
Phone: +92-22-9213100

فهرست

- اداري پاران — ڊاڪٽر نواب ڪاڪا — 5
- مُنڍ — مرزا قليچ بيگ — 7

■ مجمع المذاهب — 22-10

• مذهبن جي وصف • ماڻهو اصل مذهب جو وجود آهي • مذهب جو تمام زوردار اثر آهي • مذهب ۽ سڌاري جي درجي بدرجي ترقي • جهنگلي قومن جا سياڻي مذهب • جادو پرستي • مرض ۽ موت • جهنگلي مذهبن ۾ بنيادي سچ جو ذرو • باقاعدي گهڻن خدائن جو مذهب • بُت پرستي • حيواني پرستش • اخلاقي يا تهذيبي ترقي

■ چين ملڪ جا مذهب — 35-23

• آڳاٽن ڏاڏن جو مذهب • چين جا مک ٽي مذهب • ڪنفيوشس جو ڌرم • تائو جو ڌرم • ٻُڌ جو ڌرم • روحن جو خدا • ڏاڏن پوڄا • پنهنجا خدا ناهڻ ۽ ڊاهڻ • جپان جو شنتو ڌرم

■ مصر ملڪ جا مذهب — 41-36

• حيوانن جي پوڄا • موت کان پوءِ نئين يا قيامت جو ڏينهن

■ بابل ۽ نينوا جا مذهب — 48-42

• ايشيا جي قديم سڌاري جون جايون • هاڻوڪو دنيا جو سڌارو اصل بابل مان نڪتو • بابل ۽ نينوا جا رهاڪو • علم هيئت ۽ علم نجوم • مذهب • پاڪ ڪتاب • اينڊر حياتي • سج ۽ چنڊ گرهڻ • هڪڙي خدا جي اعتقاد جون نشانيون

■ پارسين جو مذهب — 58-49

• هنن جو اصل نسل • زردشت • پاڪ باهه • پاڪ ڪتاب • مُئلن سان هلت • نيرنگ سان پاڪائي • ٻيو متفرق احوال

■ مانويہ يا مانيءَ جو مذهب — 63-59

• ان جو باني • مذهبي اصول

■ هندن جو مذهب — 79-64

• قديم هندن جا اصل رهاڪو • ڪولاين ۽ دل دراوڙن جون ڪامون • آرين جي ڪاهه • انهن جو مذهب • آرين جا اوائلي خدا يا ديوتا

• ويدَ • برهمنا • ٻلِ يا قربانيون • اُپنشدَ • هندو فلسفي جا ڇهه درس
• منوءَ جو ڌرم شاستر • راماين • مهاڀارت • پُرانَ • پُرانن جا مک ديوتا

■ هندن جا مختلف ۽ گڏيل مذهب 86-80
• بيراڳي • ڪبيرپنٿي • جوڳي • مداري • جدائي • گوسائن • دادو پنٿي • پيارا پنٿي • نانڪ پنٿي يا سک

■ هندن جا ڪي تازا سڌاريل مذهب 93-87
• برهم سماج • آريہ سماج • راڌا سوامي مت • سناتن ڌرم

■ ٻڌ ڌرم 102-94
• تاريخ • ٻڌ جي سوانح عمري • ٻڌ ڌرم جا اصول • ٻڌ ڌرم جا اخلاقي حڪم • ٻڌ ڌرم جا برهمن يا پروهت • ٻڌ ڌرم جو پکڙجڻ • هند پران جو اثر

■ جين ڌرم 105-103
• جين ڌرم

■ قديم يورپي قومن جا مذهب 117-106
• قديم يورپ جو مذهب • قديم يونانين ۽ رومن جو مذهب • ديوتائن جو بنياد ٻارنهن مک ديوتا • ڪيلٽڪ ۽ ٽيوٽانڪ ديوتا

يهودي مذهب 122-118
• مذهب • ايندڙ شفاعت واري جي اميد • پاڪ ڪتاب

■ عيسائي يا نصراني مذهب 132-123
• پيشنگوييون • تاريخي احوال • مذهبي حالت • مسيح جي اچڻ جي اميد • يسوع مسيح جي مختصر سوانح عمري • حضرت يسوع مسيح جي تعليم • اصول ۽ فرض • عيسائي مذهب جو پکڙجڻ • مذهبي فرقا

■ اسلام يا محمدي مذهب 159-133
• قديم عرب ۽ انهن جي حالت • حضرت محمد ﷺ جو مختصر احوال • مذهبي اصول ۽ عقيدا • مذهبي ارڪان ۽ عبادت جا فرض • پاڪ ڪتاب • مذهبي فرقا • اسماعيلي مذهب جو فرقو (خواجا ۽ بوهرا) • صوفي مذهب يا تصوف وارو فرقو • تصوف جو مختصر احوال • وهابي مذهب • بابي يا بهائي فرقي جي مذهب جي مختصر تاريخ • قادياني يا احمديہ مذهب ۽ ان جو باني

■ ٿياسفي مذهب 164-160
• ٿياسفي مذهب • انهي جا باني • مختصر احوال

اداري پاران

انساني سماجن تي مختلف مذهبن جو اثر وڏيڪ رهيو آهي. هر سماج ۽ قوم ۾ مذهب کي خاص اهميت حاصل رهي آهي، ظاهري طور لبرل ۽ سيڪيولر سڏائيندڙ رياستون ۽ ملڪ به مذهب جي اثر کان پاڻ بچائي ناهن سگهيا، ان ڪري مذهب جي وصف، ڪارج ۽ عالمي مذهبن جي ڄاڻ جي ضرورت هر دؤر ۾ رهندي. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پنهنجي ذات ۾ هڪ انسائيڪلو پيڊيا هو جنهن ايترو گهڻ رخو ڪم ڪيو آهي، جو اڄ تائين دنيا ۾ شايد ڪنهن انسان ڪيو هجي، هن ڪتاب ۾ مرزا صاحب عالمي مذهبن جو تقابلي اڀياس ڏنو آهي، جنهن ۾ دنيا جا اهم مذهب، فرقا ۽ سلسلا شامل آهن، مختلف مذهب سڄي دنيا ۾ رائج آهن. هر هڪ مذهب تي ڪيترائي ضخيم ڪتاب مختلف جلدن جي صورت ۾ موجود آهن.

هن طرح مختصر، تقابلي ۽ غير جانبدار اڀياس تمام گهٽ ڪتابن ۾ ڏنو ويو آهي. مرزا صاحب جتي هر موضوع تي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ڪتاب لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو اتي هن مذهبن جي علم جو به گهرو مطالعو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هن طرح جو اهم معلوماتي ڪتاب لکي ورتائين. هن کان علاوه مذهبي موضوعن تي سنڌس ٻيا به ڪيترائي ڪتاب موجود آهن، پر هي ڪتاب ٻين کان مختلف آهي، هن ڪتاب ۾ انساني تاريخ ۾ مذهبن جي ارتقا ۽ وصف کي به پيش ڪيو ويو آهي، هي ڪتاب هر پڙهندڙ خاص طور ڪمپيريٽو رليجن جي استادن، شاگردن ۽ محققن لاءِ اهم آهي. جيئن ته هي ڪتاب قلمي صورت ۾ هو، قلمي نسخي تان ڇپائي لاءِ تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته ڪي اوڻايون رهجي ويون هجن، جن جي نشاندهي ٿيڻ تي آئنده درستگيون ڪيون وينديون.

پبليڪيشن ڪميٽي جي ميمبرن ۽ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد برفت جو ٿورائتو آهيان، جن هن قلمي نسخي کي ڇپائڻ جي منظوري ڏني. اداري ۾ جيترو وقت به آهيان مرزا صاحب جي علمي خزاني کي عام ڪرڻ لاءِ ڪاوشون جاري رهنديون.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا
ڊائريڪٽر مرزا قليچ بيگ چيئر
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

مُنڍ

جدا جدا مذهبن بابت هن کان اڳي مون کي ڪتاب لکيا آهن مگر ڪن دوستن صلاح ڏني ته هڪڙو اهڙو ڪتاب هجڻ گهرجي جنهن ۾ دنيا جي سڀني مکيه مذهبن جو ذڪر موجود هجي جنهن مان انهن جي مکيه اصولن جي خبر پوي ۽ پڙهندڙن کي انهن جي مقابلي ڪرڻ جو وجهه ملي. اهڙو هڪڙو جهونو فارسي ڪتاب "داستان المذاهب" نالي مشهور آهي. اهو به مون پڙهيو ۽ جدا جدا مذهبن بابت لکيل انگريزي ڪتاب به پڙهيم پوءِ هي ڪتاب شروع ڪيم. انهيءَ ۾ هر هڪ مذهب جي باني جو مختصر احوال ۽ مذهبي اصول ۽ ٻيو ضروري احوال مختصر طرح ڏنو ويو آهي. جدا جدا مذهبن جا اصلوڪا اصطلاحي لفظ ڇڏي عام رواجي لفظ ڪم آندا اٿم. مدعا اهو هو ته پڙهندڙن کي خصوصن، مسلمانن کي اهي چڱي طرح سمجهه ۾ اچي وڃن، اگرچه اها ڳالهه انهن مذهبن وارن کي پسند نه هوندي. امڪان آهي ته ڌارين مذهبن کي بيان ڪندي ڪي غلطيون ٿيون هجن پر اميد آهي ته انهن جي معلوم ٿيڻ تي انهن جي اصلاح ٻئي دفعي ڪئي ويندي. هن ڪتاب جو نالو مجمع المذاهب رکيو ويو آهي.

(مرزا) قليچ بيگ

حيدرآباد، ڊسمبر 1926ع

maablib.org

ب: ڪتاب جي مضمونن جي يادداشت

ديباچو:

1. جهنگلي قومن جا سُيائي مذهب (جادو پرستي، مرض ۽ موت، بنيادي سچ جو ذرو، باقاعدي گهڙيل خدائن جو مذهب، بُت پرستي، حيواني پرستش، اخلاقي ترقي.)
2. چين ملڪ جا مذهب (ڏاڏن، پڙ ڏاڏن جو مذهب، ڪنفيوشس جو ڌرم، تائو جو ڌرم، رڪٽي جو خدا، ڏاڏاڻي پوڄا، پنهنجا خدا ٺاهڻ ۽ ڍاهڻ)
3. مصر ملڪ جو مذهب (حيوانن جي پوڄا، موت کان پوءِ فتويا قيامت جو ڏينهن)
4. بابل ۽ نينوا جا مذهب (عملي سڌارو مذهب، پاڪ ڪتاب، ايندڙ حياتي.)
5. پارسين جو مذهب (انهن جو اصل نسل، زردشت، پاڪ باهه، پاڪ ڪتاب، مئلن سان هلت، پاڪائي، بيو متفرقہ احوال)
6. مانويہ يا مانيءَ جو مذهب (مذهبي اصول)
7. هندن جو مذهب (آرين جا اوائلي خدا، ويد، برهمن، قربانيون يا بَل، اپنشد، هندو فلسفہ جا ڇهہ درس، منوشاستر، راماين، مها ڀارت، پُرانَ، پرانن جا مکيہ ديوتا)
8. هندن جا ٻيا مختلف ۽ گڏيل مذهب (بيراڳي، ڪبيرپنٿي، جوڳي گيسائين، دادو پنٿي، پيارا پنٿي، نانڪ پنٿي يا سک)
9. هندن جاڪي تازا سڌاريل مذهب (برهمو سماج، آريہ سماج، راڌا سوامي مت، سناتن ڌرم)
10. ٻڌ ڌرم (سوانح عمري، اصول، اخلاقي حڪم، ٻڌ برهمن يا

پروهت، ان جو پکڙ، هند ۾ ان جو اثر)

11. جين ڌرم.
12. قديم يورپي قومن جا مذهب (يونانين ۽ رومن جو مذهب، ديوتائن جو بنياد، ٻارڊن مک ديوتا، ڪيلٽڪ ۽ نيوٽا لڪ ديوتا)
13. يهودين جو مذهب (تاريخي احوال، مذهب، پاڪ ڪتاب)
14. عيسائي يا نصراني مذهب (پيشگويون، مذهبي حالت، يسوع مسيح جي سوانح عمري، ان جي تعليم، اصول ۽ فرض، مذهب جو پکڙ، مذهبي فرقا)
15. اسلام يا محمدي مذهب (قديم عرب ۽ انهن جي حالت، حضرت محمّد ﷺ جو مختصر احوال، مذهبي اصول ۽ عقيدا، ارڪان ۽ فرض، پاڪ ڪتاب، مذهبي فرقا، اسماعيلي مذهب، خواجا ۽ بوهرا، تصوف، وهابي مذهب، بابي يا بهائي مذهب، قادياني يا احمدي مذهب.)
16. ٿياسفي مذهب (انهي جا باني، مختصر احوال)

maablib.org

مجمع المذاهب

مذهبن جي وصف:

مذهب جدا جدا صورتون ٿو وٺي ۽ ان موجب ان جون وصفون به جدا جدا آهن، پر ان جي مختصر وصف آهي "اعليٰ طاقتن جي پرستش". ٻي چڱي وصف هي آهي ته "انسان جي دل جون اهي حالتون جي لفظن ۽ ڪمن ۽ رسمن ۽ رواجن ۽ بندو بستن ۾ ظاهر ٿين ٿيون ۽ جن مان ان جو اعتقاد فوق البشر ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ جنهن موجب هو انسان پنهنجو تعلق يا واسطو رکي ٿو." (•)

يعني ماڻهو وسهي ٿو ته ڪو اهڙو هڪڙو يا گهڻا وجود آهن جي ڪائنات وڏا ۽ مٿي آهن (فوق البشر) جي مٿس چڱو يا بڇڙو اثر پيدا ڪري ٿا سگهن. انهي ويساهه يا اعتقاد سان انهي جي مدد جي ضرورت جاڻي انهي کي تعظيم ڏيڻ ۽ انهي جي پرستش ڪرڻ کي مذهب ٿو سڏجي. اهو سڏاري جي اعليٰ توڙي ادنيٰ درجن ۽ صورتن سان لاڳو ٿئي ٿو.

ماڻهو اصل مذهب جو وجود آهي:

ماڻهو ڪهڙي به گهٽ درجي جو سڏارو رکندو هوندو ۽ ڪهڙي به جهنگلي حالت ۾ هوندو به سياڻي طرح هن جو ميل مذهب ڏانهن رهي ٿو ۽ اهو هڪڙي نه ٻي صورت يا رسم راهه ۾ ظاهر ڪري ٿو. (•)

مشهور قديم يوناني تاريخ نويس لکي ٿو ته: "اوهان کي ڪيترا ملڪ پٽين يا ڪوٽن کان سواءِ، قاعدن کان سواءِ، سڪن کان سواءِ،

(•) پهرين وصف مئزيز صاحب جي آهي ۽ ٻي ٽيل صاحب جي. مذهب عربي لفظ آهي جنهن جي اصلي معنيٰ آهي رستو يا هلڻ جي جاءِ يا هلت چلت.

(•) قرآن ۾ به آهي ته: "اسان سڀني قومن کي خدا جي نالي ياد ڪرڻ جو هڪڙو نه ٻيو رستو رکي ڏنو آهي."

لکڻ پڙهڻ کان سواءِ نظر ايندا مگر ڪا بہ قوم ڪنهن معبود يا خدا يا ديوتا کان سواءِ، عبادت کان سواءِ، مذهبي رسمن رواجن ۽ قربانين کان سواءِ ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندي.“ مشهور رومن ۽ عالم سيشرو جي بہ اهڙي ئي راءِ آهي، چوي ٿو تہ :”هيترن قسمن جي حيوانن ۽ مخلوقن ماڻهوءَ کان سواءِ اهڙو ڪو بہ ٻيو ڪونهي جنهن کي خدا جي ڪا شناخت هجي ۽ ماڻهن ۾ بہ اهڙي ڪا بہ جهنگلي قوم ڪانهي جنهن کي اهو خيال نہ هوندو تہ ڪو خدا آهي، ڀلي اها پوري خبر نہ بہ هوندين تہ اهو ڪهڙو آهي.“ هڪڙي امريڪن مصنف برنٽن نالي لکي ٿو تہ :”جي ماڻهو چون ٿا تہ جهنگلي ماڻهن کي پنهجن مذهبن جو ڪو بہ خيال ڪونهي سي غلط آهن. اٽلندو عام لاڳو قاعدو اهو آهي تہ اوائلي جهنگلي حالت ۾ ماڻهوءَ جي قريب ساري حياتي مذهبي خيالن ۾ ٿي گذري. جمڻ کان وٺي مرڻ تائين، ۾ خصوصن بلوغت جي عرصي ۾ هن جا روز مره جا ڪم تمام مشڪل ۽ تڪليف جهڙن ـ سمن تي منحصر رهن ٿا. هن کي پنهنجو اختيار ڪو بہ ڪونهي. اهڙن رسمي مذهبي قانونن ۽ شرطن جو غلام ٿي گذاريندو آهي“.

مذهب جو تمام زوردار اثر آهي:

ڪارلائل صاحب لکي ٿو تہ: ”ڪنهين بہ شخص يا ڪنهين بہ قوم جي نسبت ۾ اسين پهرين پهرين پڇون ٿا تہ ان جو يا انهن جو مذهب ڪهڙو هو؟ انهي سوال جي جواب مان اسان کي انهي ماڻهو يا قوم جي تاريخ جو مغز معلوم ٿي وڃي ٿو. انهن جي خيالن مان انهن جي ڪمن جي خبر پوندي ۽ انهن جا خيال انهن جي ويساهن ۽ اعتقادن تي ٻڌل هئا. انهن جي سچي پچي ٻاهرين هلت چلت انهن جي باطني اڻ ڏٺل ذاتي يا روحاني جوهر تي منحصر هئي. اهو ٿيو سندن مذهب، يعني تہ انهن جو مذهب انهن جي لاءِ وڏي ۾ ضروري ڳالھ هئي. هڪڙو هندي پهاڪو بہ آهي تہ ”يتاديوَ تٿا ڀڪتُ“ يعني جهڙو خدا اهڙوان جو پوڄاري. هڪڙي ٻئي قديم عالم جو بہ چوڻ آهي تہ“ مون کي پنهنجو خدا يا پنهنجا خدا ڏيکاريو تہ آءٌ ٻاڻهي اوهان کي

اوهان جي قوم جي ماڻهن جي خبر پڌائيندس. ” انهي ڳالهه جي سچائي لاءِ هيٺيون انتخاب فلسفه جي هڪڙي ڪتاب مان ڏجي ٿو:

”پرستش يا پوڄا ڪرڻ سان ماڻهو جنهن شئي جي پرستش ڪري ٿو تنهن جي ذاتي اخلاقي وجود سان ملي هڪ ٿيو وڃي. انهي جو نتيجو ۽ واسطو اهڙو آهي جهڙو سبب ۽ اثر جي قدرتي قانون جو. ماڻهو انهي شئي جي اخلاقي حالت ڪماليت واري ٿو ڄاڻي ۽ انهي جهڙو ٿيڻ گهري ٿو ۽ پاڻ کي انهي کان گهٽ ٿو ڄاڻي ۽ پنهنجي معبود وارا گڻ پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انهي جي مرضي موجب هلڻ ۽ انهي جهڙي ٿيڻ سان هو سمجهي ٿو ته اهو معبود منجهانس راضي هوندو ۽ مٿس مهرباني ڪندو. تنهن ڪري هن جي دل ۾ هميشه اهڙو شوق رهندو. اهو ئي سبب آهي جو هر قوم جي اخلاقي هلت چلت ۽ سڌاري جي حالت گهٽي قدر سندن معبود يا معبودن جي نهرايل يا وسهيل اخلاقن تي منحصر رهي آهي.“

يورپ جي تواريخن مان معلوم ٿيندو ته قديم جرمن ماڻهن جو وڏو ديو يا ديوتا ”ودن يا اوڊن“ هو. اهي ماڻهو وسهندا هئا ته انهي کي جنگ ڪرڻ وڻي ٿو ۽ جيڪو جنگ ڪندي مري ٿو يا مارجي ٿو تنهن کي هو پنهنجي بهشت ۾ نئي ٿو جنهن کي ولهلا سڏيندا هئا. اتي بهشت ۾ يا آسمان ۾ به ڏينهن جو ماڻهو يا انهن جا روح جنگيون ڪندا هئا ۽ رات جو عيش عشرت ڪندا هئا ۽ مزا ماڻيندا هئا. انهيءَ ويساهه جو اثر اهو ٿيو جو جرمن ماڻهو قديم زماني کان وٺي وڙهڻ ۽ جنگين ڪرڻ جا شوقين رهندا آيا آهن. جيڪڏهن ڪنهين قوم جو ديوتا جنگ کان نفرت ڪندڙ ۽ صلح آرام ۽ ڀلائي کي پسند ڪندڙ هوندو ته يقين آهي ته اها قوم به اهڙي ويساهه جي اثر کان اهڙي هوندي.

مذهب ۽ سڌاري جي درجي بدرجي ترقي:

دنيا جي شروعات ۾ جڏهن اڃا ماڻهو اڻ سڌريل ۽ جهنگلي حالت ۾ هئا ۽ غارن ۾ رهندا هئا ۽ پٿر جي هٿيارن يا اوزارن سان ڪم ڪار ۽ شڪار ڪندا هئا ۽ جيڪي جانور ماريندا هئا تن جو ماني

نشان ئي ڪونهي. انهي جهنگلي زماني کي پهڻ جو زمانو ٿا چون. لوهه يا ڏاتين جو زمانو پوءِ جيئن جيئن ماڻهو سڌرندا ويا تيئن پنهنجا هٿيار يا اوزار بهتر ڪيائون، باهه پيدا ڪيائون، رڌڻ پچائڻ لڳا، جانور هيرائڻ ۽ پالڻ لڳا، گهمڻ ڦرڻ جي بدران هڪ هنڌ گڏجي رهڻ لڳا پنگيون ڏاهڻ ۽ زمين کيڙڻ لڳا ۽ نيٺ هڪڙي قسم جي جهنگلي حڪومت قائم ڪيائون. اهو سڌارو دنيا ۾ سڀ ڪنهن هنڌ هڪجهڙو نه ٿيو. اڃا به ڌرتي جا ڪيترا ڀاڱا آهن جتي ماڻهو اهڙي ئي جهنگلي حالت ۾ رهن ٿا جهڙي ۾ اڳي هوندا هئا. سڌارو پاڻهي ئي اندران وجود مان نه ٿو پيدا ٿئي پر ٻين بهتر ۽ سڌريلن ماڻهن سان ملڻ ۽ گڏ رهڻ ڪري ٿو ٿئي. خود انگلنڊ يا برٽن جا قديم جهنگلي ماڻهو ڪپڙن ڍڪڻ جي بدران بت رڱيندا هئا پوءِ رومن ماڻهن جي اچڻ کان پوءِ سڌرڻ لڳا ۽ رومن ماڻهو وري يونانين جي صحبت ۾ سڌرڻ لڳا.

هاڻي جيڪي سڌاري سان لاڳو آهي سو مذهب سان به لاڳو آهي ڇا لاءِ جو مذهب سڌاري جي مک جزن مان هڪڙو آهي. سڀ ڪنهن ملڪ ۾ اول جهنگلي ماڻهو رهندا هئا ۽ تنهن ڪري انهن جو مذهب به جهنگلي هو جنهن جا نشان اڃا سڌريلن قومن جي مذهبن ۾ به موجود آهن. ڪو به نئون مذهب اڳوڻي پاڙ تي بيٺو آهي جنهن ڪري اڳوڻن مذهبن جون ڪي نشانيون موروثي طرح اڄ تائين منجهن هلنديون آيون آهن. ڪهڙي به قسم جون ڦيريون گهيريون ٿيون ته به اهي گم ٿيڻ جون ناهن. سچي ۽ سڌريل مذهب سان گڏ اڳوڻا پرم ۽ وهم لڳا اچن، اگر ڇه اهي ان جي حقيقت سان ناموافق آهن.

هاڻي هيٺ اسين دنيا جي ڪن مک مذهبن جو مختصر بيان ڏينداسين. انهن سڀني مان خدا کي ڳولي لهڻ جا اپاءُ ۽ ماڻهن جون ڪوششون ظاهر ٿين ٿيون. انهي مان انسان جو شرف ۽ خدا جو ذاتي خيال جو منجهنس رکيل آهي سو پوري طرح معلوم ٿئي ٿو.

جهنگلي قومن جا سهائي مذهب:

جهنگلي ماڻهو وڏن ٻارن سان مشابهت ٿا رکن. يعني سندن

ظاهري شڪل ۽ طاقت ۽ قد وڏي عمر وارن ماڻهن جو آهي مگر سندن عقل ۽ هوش اڪثر سڌريل قومن جي ننڍين ٻارن جيترو آهي. ننڍڙو ٻار پنهنجن راند جي شين سان ڳالهائي ٿو. جي ڪنهن بي جان شئي مان ڪيس اتفاق سان ڪو ايذاءُ رسي ٿو ته انهي تي ڪاوڙ ٿو ڪري ۽ انهي کي مارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيڪي خيال سندس دل ۾ ٿا اچن سي هو ڄاڻي ٿو ته انهن بين شين ۾ به آهن. جهنگلي ماڻهن جو به ساڳيو اهو حال هو. ساهه واري شئي کان سواءِ جيڪڏهن هو ٻي ڪنهن به بي جان شئي کي چرندو ڏسندو هو ته سمجهندو هو ته ڪا ٻي شئي جا ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي سا ٿي ان کي چوري. اهڙيون چرندڙ بي جان شيون هن گهڻيون ٿي ڏٺيون. ندي وهي ٿي، ڪکر هليا ٿي، پن لڏيا ٿي، سج، چنڊ ۽ تارا آسمان ۾ اڀريا ۽ لٿا ٿي. انهن سڀني جي نسبت ۾ هنن سمجهيو ٿي ته انهن منجهه ڪا اهڙي طاقت واري شئي آهي جا انهن کي چوري ۽ هلائي ٿي. بلڪ نه چرندڙ شين ۾ به جڻن جبلن ۽ ٽڪرن وغيره ۾ هنن جي سمجهه موجب ڪو روح يا خيال ڪندڙ وجود لڪل موجود هو. سڌريل ماڻهو جانورن کي پاڻ کان نهايت گهٽ درجي ۾ شمار ٿا ڪن پر جهنگلي ماڻهو ائين نه سمجهندا هئا.

انهن ۾ به ٻولي هئي ۽ هڪڙي قسم جو روح هو. انهن جي نظر ۾ ڪا به شئي بدلجي ٻي ٿي ٿي سگهي ۽ انهيءَ تي هنن کي ويساهه ايندو هو جڻن ننڍڙن ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائيندا آهن ۽ هو اهي سچيون سمجهندا آهن.

جهنگلي قومن جا مذهب جهنگلي نا ممڪن ۽ مختلف خيالن سان پريا پيا آهن جن سان هو دنيا جي اسرار جي سمجهاڻي ڏين ٿا. امريڪا جي انڊين يا ديسي ماڻهن ۾ ڪا به رواجي شئي جڻن ته ٽڪر جو ٽانءُ يا اڻ پيهندڙ پهڻ به روح وارو شمار ڪرڻ ۾ ٿي آيو جو ڳالهائي ۽ ڪم ڪار ڪري ٿي سگهيو ۽ انهي ڪري انهن کي مانُ ڏيڻ ضروري ٿي سمجهيائون. ڏکڻ وڏي سمنڊ جي ڪن ٻيٽن وارا وسهندا هئا ته سڀ ڪنهن ناريل جي وڻ ۾ پنهنجو پنهنجو روح يا جنّ رهندو هو. اهو اعتقاد ته سڀ ڪنهن ساهه واري شئي ۾ هڪڙو خيال

ڪنڌڙ روح رهي ٿو تنهن کي حيواني مذهب سڏيندا آهن. انهن جو اهو به اعتقاد هوندو آهي ته روح ڪنهن خاص هڪڙي جسم سان واسطو نه ٿا رکن پر پنهنجي مرضي تي اهو ڇڏي سگهن ٿا ۽ هوا ۾ يا زمين تي جتي وڻين اتي گهمي وري جتي وڻين اتي وڃي رهي سگهن ٿا. ڪي جهنگلي ماڻهو وسهندا آهن ته ماڻهوءَ جو روح سمهڻ وقت جسم مان نڪري وڃي ٿو ۽ پوءِ جيڪي خواب ۾ ڏسندا آهن سو سچ سمجهندا آهن ۽ روح جو سير ڄاڻندا آهن. جي خواب ۾ ڪنهن مئل مائٽ يا دوست کي ڏسندا آهن ته سمجهندا آهن ته انهي جو روح کين ڏسڻ ۽ ملڻ آيو آهي. ڪنهن ستل ماڻهو کي اوچتو نه جاڳائيندا آهن ته متانُ انهي جو روح جسم مان نڪري ڪنهن پاسي ويو هجي. خراب ۽ خوفناڪ خوابن جي نسبت ۾ هو سمجهندا هئا ته ڪو روح سندن ڇاتيءَ تي لهي اچي ٿو ويهي ۽ ستلن کي گهٽي مارڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. جهنگلي ماڻهو اڪثر پنهنجن خوابن جي معنيٰ ڪڍندا آهن ۽ انهن تي هلندا آهن. جيڪي سڌريل ۽ پڙهيل ماڻهو خوابن تي اعتبار نه ڪندا آهن تن جي ايئن ڪرڻ تي هو حيران ٿيندا آهن. بيماريون هو وسهندا آهن ته روح جي جسم کان گهڻي دير تائين ٻاهر رهڻ ڪري پيدا ٿينديون آهن. ڪي وسهندا آهن ته مئلن جا روح جيئرن کي ننڊ جي حالت ۾ اچي وٺندا آهن ۽ انهن ۾ مرض وجهندا آهن ۽ ايذاءَ پهچائيندا آهن. جڏهن ڪو ماڻهو مرندو آهي تڏهن انهي جا مائٽ انهي نڪتل روح کي موٽڻ لاءِ سڏيندا آهن. چيني ماڻهو اڃا به ايئن ڪندا آهن. جهنگلي ماڻهو وسهندا آهن ته سندن ڇوڙاري بيشمار روح آهن جي کين فائدو يا نقصان رسائي سگهن ٿا.

جادو پرستي:

جڏهن پورٽو گيز ماڻهو پهرين الهندي آفريڪا ۾ ۽ اتي جي شيدين سان واسطو ٿين تڏهن هنن ڏٺو ته هو ڪي شيون پاڻ سان کنيو گهمندا وتيا ۽ چيائون ٿي ته انهن ۾ وڏي جادوءَ جي طاقت موجود آهي جو انهي مان هنن کي پناهه ۽ برڪت حاصل ٿئي ٿي. اهي شيون گهڻن

قسمن جون هونديون هيون. ڪڏهن هڪڙي عجيب شڪل جو پھڻ، ڪڏهن ڪا ڳاڙهي اَڳڙي، ڪڏهن آني جي ڪل وغيره، انهن جي هو ڏاڍي سنڀال ڪندا هئا، جو وسهندا هئا ته انهن ۾ روح آهي، جو سندن بچائيندڙ ۽ سنڀاليندڙ آهي. جڏهن اهڙي ڪنهن شئي مان ڪو فائدو نه رسندو اٿن ته انهي کي اڇلائي ڇڏيندا آهن يا ساڙي ڇڏيندا آهن يا پڇي ڇڏيندا آهن جو سمجهندا آهن ته انهن مان اهو جادوءَ جو اثر نڪري ويو آهي. جيسين انهي ۾ اهڙو چڱو اثر هوندو آهي تيسين اهي گهٽي ملهه تي وڪامنديون آهن. نيو گنيءَ ۾ ننڍڙا ڪاٺ جا گڏا رنگا رنگي اَڳڙين ۾ ويڙهيل انهي ڪم آڻيندا آهن ۽ وسهندا آهن ته سندن وڏن جا روح انهن ۾ پئي سندن ڪم ڪن ٿا. پر جي ڪو ماڻهو ڪم نصيب ٿي پوندو آهي ته پوءِ هو اهڙي شئي کي ڌڪ هڻي پڇي اڇلائي ڇڏيندو آهي جو ڄاڻيندا آهن ته انهي مان اها جادوءَ واري طاقت نڪري وئي آهي. آني جي ڪل جي هو انهي لاءِ پوڄا ڪندا هئا جو ڄاڻندا هئا ته انهي ۾ ڪو روح يا جنّ رهي ٿو. الهندي آفريڪا جي شيدين وٽ به پنهنجا پنهنجا قومي خدا هوندا هئا. بلڪ سچي خدا جا به ڪي پراڻهان خيال منجهن هوندا هئا. جو هو وسهندا هئا ته انهن هين سيني خدائن ڪان هڪڙو ٻيو وڏو خدا به آهي جو هن ساري دنيا جو خلقيندڙ آهي ۽ انهي تي حڪم ٿو هلائي.

قديم وقت کان اهو اعتقاد عام هو ته وڻن ۾ روح رهن ٿا ۽ انهن کي بچائين ٿا. آفريڪا جو ڪافرُ ڪنهن وڏي وڻ وڍڻ ڪان اڳي پهرين ڪوپري جو تيل هيٺ زمين تي هاريندو هو ته وڻ ۾ جيڪو جنّ آهي سو اهو چٽي وڃي ۽ ڇڙي نه. مطلب آهي ته اهڙن جهنگلي ماڻهن جي حالت ۾ خدائن جي نڪا حد آهي نڪا ترتيب. ڪي فائدي ڏيندڙ سمجهبا هئا ۽ ڪي نقصان پهچائيندڙ پر هو ڊڄندا سيني ڪان هئا. اڃا تائين به اتي جي جهنگلي ماڻهن جو اهو حال آهي. هو انهن کي پوڄين ٿا، انهن ڪان دعائون گهرن ۽ انهن لاءِ قربانيون ڪن ٿا. انهن جي جادوءَ جي طاقت جي بر خلاف ٻي طاقت آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هنن جي ڪاوڙ ٽارڻ لاءِ هو نچن ٿا ليٽن ٿا ۽ هل ۽ رڙيون ڪن ٿا ۽ قيمتي

قربانيون ڪرڻ سان هنن جي مهرباني ۽ پناهه هٿ ڪرڻ گهرن ٿا.
منجهن جيڪي جهنگلي خدا آهن تن جي لاءِ تہ هو ماڻهن جون بہ
قربانيون ڪن ٿا. منجهن جيڪو وڏو سردار مرندو آهي تنهن کي
بيشمار ڑالون ۽ نوڪر ڏيندا آهن تہ ساڻس هن جهان تائين گڏيا وڃن.
هو سمجهندا آهن تہ هن ظاهري عالم ۽ روحاني عالم وچ ۾ آمد رفت
جاري آهي ۽ اهي گڏيا پيا آهن. روحاني ماڻهن کي هو زياده طاقت وارو
سمجهندا آهن ۽ تنهن ڪري انهن کي تعظيم ڏيندا آهن. انهن کي
زياده عقل وارو نہ ڄاڻندا آهن مگر زياده مڪر ۽ ٺڳيون ڄاڻندڙ وسهندا
آهن. تنهن ڪري انهن سان واهپي رکڻ ۾ ڏاڍي خبرداري ڪندا آهن.
انهن ۾ پاڪائي يا اخلاقي بهتري يا بزرگيءَ جو ڪو نشان ڏسڻ ۾ نہ ٿو
اچي. انهن کي آزمودگار دوست شمار ڪندا آهن ۽ انهن کان صلاح
مصلحت پڇندا آهن. انهن کي پنهنجن گهر ۾ دعوت ڏيئي سڏيندا
آهن دستر خانا وڇائي ماني رکي ڏيندا آهن. پوءِ جي گهربل مطلب نہ
ٿيندا اٿن، جيئن مينهن وغيره تہ پوءِ هنن کي ڪاوڙيل سمجهي انهن
خوشامد ڪندا آهن ۽ انهن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا
آهن. انهن ۾ پادري ڪين ٿيندا آهن مگر ڪي طبيب ۽ فالن وجهڻ
وارا ۽ جادوگر ٿيندا آهن جن جي ضرورت وقت صلاح پڇندا آهن.

مرض ۽ موت:

جهنگلي ماڻهن کي اها ڳالهہ اصل ويساهہ ۾ ڪانهي تہ مرض ۽
موت پاڻهي قدرتي طرح اچي ٿو. ضرور سمجهندا آهن تہ اهي ڪنهن
دشمن يا خراب روح يا جن جي اندر وڃڻ سان پيدا ٿا ٿين. ان جو علاج
انهي جن جو ڪيڻ سمجهندا آهن. آسٽريليا ۾ ڪو جهنگلي ماڻهو
بيمار ٿيندو تہ چوندا تہ ڪنهن مٺل ماڻهوءَ جو خراب روح يا جن هن ۾
گهڙي ويو آهي ۽ هن جو جگر پيو چٻاڙي ۽ کائي.

پاٽا گونيا ۾ ڪنهن کي تپ ٿيندو آهي تہ انهي جي نيگٽي ۾ اهڙا
جن ڪيڻ وارا اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ نچندا ۽ ٽپندا ۽ رڙيون ڪندا ۽
دهل وڄائيندا آهن تہ هن منجهان جن کي هڪالي ڪڍن.

جهنگلي مذهبن ۾ بنيادي سچ جو ذرو:

سيني مذهبن ۾ ٻه بنيادي ڳالهيون ڪنهن قدر سچيون آهن. هڪڙي هي ته روح ماڻهن کان مٿين درجي جا هوندا آهن ۽ ٻيو هي ته روحن جو ۽ ماڻهن جو پاڻ ۾ واسطو آهي.

روحن ڏي ماڻهن جو ميل ٻه ٽئي ٿو ۽ انهن کان ڊپ ٻه ٽئين ٿو. انهن تي ڀروسو ٻه رهين ٿو ۽ انهن ۾ چڱائي جي اميد ٻه رکن ٿا، اگرچه فقط دنيائي چڱائي جي. انهن جي احسانمندي يا شڪر گذاري ٻه ڪن ٿا انهي لاءِ ته اهي اڻندي ڪين نقصان نه پهچائين. انهن کي تعظيم ٻه ڏين ٿا ۽ پوڄا ٻه ڪن ٿا، بلڪ ڳريون ڳريون قربانيون ٻه ڪن ٿا، جنهن ڪري انهن جو بچاءُ ٿئي ٿو ۽ انهن جي بي عزتي کان سزا ملين ٿي.

هڪڙي خدا جي يا وحدت جي هيءَ نشاني ٻه انهن مان ملي ٿي جو هو وسهن ٿا ته هيترن بيشمار خدائن ۾ هڪڙو سڀ کان وڏو آهي. زولو قوم وارن وٽ دنيا جي پيدا ڪندڙ کي انڪلولو ٿا چون يعني تمام تمام قديم. ڪي برازيل جون قومون انهن کي زموٽا سڏينديون آهن يعني سيني جو ڏاڏو يا ڀريون ماڻهو جيئن اسين ڏاڏو آدم چوندا آهيون.

ڪن عيسائي عالمن جو چوڻ آهي ته سيني جهنگلي يا ٻين مذهبن ۾ خدا جي طرفان اصلي سچائي طرح ظاهر ڪيل الهام جون نشانيون موجود آهن، جي پوءِ هنن ۾ بدلايون آهن. ڪي چون ٿا ته اهو خدائي نور آهي جو چمڪ سان هر ڪنهن ماڻهو جي دل ۾ سچائي طرح پيدا ٿئي ٿو پر پوءِ ماڻهو انڌا يا گمراهه ٿا ٿين. پر خدا تعاليٰ رحم ۽ انصاف وارو آهي سيني کان سنئدن عقل ۽ سمجهه آهي حساب وٺندو. جهنگلين کان ٿورو ۽ سڌريلن کان گهڻو.

باقاعدي گهڻن خدائن جو مذهب:

مذهب سان ٻه اهو قدرتي قاعدو لاڳو آهي ته هيٺين درجي کان مٿين درجي تائين ٿو وڃجي ۽ جسماني درجي کان روحاني درجي تائين. هيٺين درجن وارن مذهبن ۾ جنن کي پوڄيندا آهن. جن ۽ روح ۽ خدا ۾ هنن وٽ ڪو ٿورو ئي فرق آهي. هنن جا سڀ خدا روح آهن

پر سڀ روح خدا ناهن. جڏهن ڪنهن روح کي خاص نالو ڏنو ويندو هو يا ڪو خاص ڪم ڏنو ويندو هو جنهن ڪري ٻين کان هن جو فرق معلوم ٿئي، تڏهن انهن کي خدا جو لقب ڏنو ويندو هو ۽ انهي جو هڪڙو بت ٺاهيو ويندو هو. جنن ڀوتن جي خواهه مثلن جي روحن جي پوڄا اڃا بند نه ٿي آهي، بلڪ زياده ٿي آهي. هاڻي به نوان نوان روح پيدا ڪندا آهن، پر اهي هيٺين درجي تي رهندا آهن. اهي خدائن يا ديوتائن واري عالم جا زبردست آهن ۽ انهن جا نوڪر يا قاصد يا وڪيل يا مددگار شمار ٿيندا آهن. اهڙي لشڪر سان انهي هنڌ جو جنگ ڪندڙ خدا لڙائي لاءِ نڪرندو آهي.

انهن سياڻي مذهبن مان ترقي ڪري گهڻن خدائن وارو باقاعدي مذهب ڪڍيو اٿن. روحن کي وراهي خدا جدا جدا ڪتنب بنايا اٿن جن مان مک روحن کي اولاد ۽ اولاد جو اولاد هوندو آهي. جٿي ڪنهن ذال مڙس کي هوندو آهي. اهڙي جوڙي جو نر آسمان جو خدا يا ديو هوندو آهي ۽ مادي زمين جي ڪا خدائڙي يا ديوتا. ڪڏهن ڪڏهن مادي يا ديوتا آسمان جي هوندي آهي ۽ نر يا ديو زمين جو هوندو آهي. ڪٿي وري ساري روحاني عالم جي مٿان هڪڙي خدائي ماءُ يا ڏاڏي مقرر ڪندا آهن جنهن کي ماتا چوندا آهن.

انهي کان پوءِ اهو هيٺين درجي وارا سياڻي مذهب ترقي ڪري ڪن خاص خدائن تي اچن ٿا جي دنيا جا جدا جدا ڪاتا هلائيندا آهن. اهي خدا درجي بدرجي انسانن واريون خاصيتون ۽ عادتون وٺندا ويندا آهن. انهن سان گڏ روحاني اخلاقي طاقتون به زور وٺنديون وڃن آهن، تڏهن به اهي هيٺين درجي تي رهنديون آيون آهن اگرچه روحاني مذهبن کي وڃي ويجهو ٿيو پون.

انهن سڌارن سان گڏ رسمون رواجون ۽ نيون نشانيون به بدلبيون ويون آهن. اهي ڦير گهير ماڻهن جي سڌاري تي منحصر رهيا آهن. جڏهن ماڻهو اهڙا سڌريا جو قومون گڏ رهي حڪومت جو انتظام ڪرڻ لڳيون ۽ منجهن هڪڙو سردار يا بادشاهه مقرر ٿيو، تڏهن پنهنجن اڳوڻن خدائن جو به باقاعدي انتظام بنائڻ لڳا ۽ آسماني خدائن ۾

هڪڙو بادشاهه ۽ ٻيا انهن جا زبردست مقرر ڪرڻ لڳا. اهو خدا وري پنهنجي پاران پنهنجن حڪمن پهچائڻ ۽ مذهبي رسمن راهن جي پورائي ڪرڻ لاءِ پادري يا پروهت مقرر ڪرڻ لڳا. انهن خدائن جو ترتيب وار شجرو برابر قائم ٿيل ناهي. هڪڙو ئي خدا ڪڏهن پيءُ آهي ڪڏهن پٽ، ڪڏهن ماءُ ۽ ڪڏهن ڌي.

بُت پرستي:

مٿي ڄڻايو ويو آهي ته جهنگلي ماڻهو پوڄا ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي واسطي هڪڙي نه ٻي شئي مقرر ڪن ٿا جنهن ته ڪو بيڊولو پهڻ يا ٻُنڊ. پر بت انهي شئي کي ٿو چئجي جنهن جي ڪنهن ساهه واري سان مشابهت هجي. اهڙي شئي رنبي سان يا نقش يا ڇٽ سان بدلجي بت ٿي پوي ٿي. دنيا ۾ اهڙيون بيشمار شيون جي هڪڙي نه ٻي صورت يا شڪل جون آهن ۽ بت شمار ڪجن ٿيون.

انهيءَ ڪري انهي قسم جي عبادت کي بت پرستي يا شڪل پرستي چئجي ٿو. اهڙي قسم جا بت يا خدائن جون شڪليون جهنگلي ماڻهن جي ڄڻڪي ڪريل شڪلين کان وٺي يونانين جي عمدن بتن تائين ڪم ۾ پي آيون آهن. بت پرستي جي بچاءَ ۾ ڪن جو چوڻ آهي ته بت خدا تعاليٰ جون نشانيون ۽ انهن کي ياد ڏيارڻ جون شيون آهن. ۽ ماڻهوءَ جي دل کي اعليٰ حالت ۾ آڻين ٿا. پر اهي سڀ ڳالهيون آهن.

هو هٿن سان بتن ناهڻ کان اڳي سگهڻ ساٿ ڪن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته انهي کان پوءِ هنن ۾ خدائي طاقت پيدا ٿئي ٿي ۽ پوءِ انهن مان ڪن کي مڙس ۽ ڪن کي زالون بنائين ٿا ۽ پوءِ ڏاڍا خرچ ڪري پرڻائين ٿا ۽ سياري ۾ سيءَ کان بچائڻ لاءِ انهن تي تپڙو وجهن ٿا ۽ آرڙهه ۾ گرميءَ کان بچائڻ لاءِ انهن کي پکا هڻن ٿا. هڪڙي بي ڊولي بند جي خدا سان کهڙي مشابهت هوندي جو اهي خدا ياد ڏياريندا. جن فوٽو جون تصويرون فوتي عزيزن ۽ دوستن جي يادگيري ڏيارين ٿا ڇا لاءِ جو اهي شڪليون بلڪل ۽ سچ پچ انهن جهڙيون ناهن.

حيواني پرستش:

حيواني پرستش يعني حيوانن جي پوڄا اصل کان اڻ سڌريل ۽ اڌ سڌريل قومن ۾ دنيا جي سڀ ڪنهن ڀاڱي ۾ هلندي آئي آهي. ڪي جانور ڪمائي هڻڻ جي ڪري پوڄبا آهن جيئن ته ڍاند ۽ ڳئون ڇيو سبب آهن ڍڳ. ڪن جهنگلي قومن ۾ شينهن يا چيتي کي پوڄيندا آهن ۽ نانگ جي پوڄا ته زياده عام آهي جو اهو اوسهائي ۾ رڳو ڏنگ هڻڻ سان هڪدم ماري وجهي ٿو. باندر ۽ پولڙو ماڻهوءَ سان زياده مشابهت رکڻ جي ڪري ۽ سندس ٻين ناٽڪن ۽ نقلن ۽ حرڪتن ڪري پاڪ سمجهيو ويو آهي. هندستان جي ڪن ڀاڱن ۾ هنومان ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ عام خدا سمجهيل آهي. هنومان باندرن جو بادشاهه ٿي اچا ٻه مٽي چڙهي وڃي خدا جو اوتار ٿيو ۽ انهي جي مٽي ۽ ٻچ باندر جهڙي هٿڻ جون مڙي مڙي جون آکاڻيون ٻڌبيون آهن.

قديم مصر جي ماڻهن ۾ هڪڙي وقت هڪڙو خدا ماڻهو جي صورت ۾ پوڄيو هو ۽ ٻئي وقت جانور جي صورت ۾. سندس شڪل ٻه اڌ ماڻهو ۽ اڌ جانور جي ڪڍندا هئا. ڪڏهن ماڻهو جانور جي سسي سان ڪڏهن جانور ماڻهوءَ جي سسي سان. جانورن ڏانهن خدائن جي نسبت ڪرڻ ڪري هو انهن جي بيعزتي نه سمجهندا هئا، پر هنن جو مدعا هوندو هو ته عام ماڻهن جي مقابلي ۾ هنن جي خاصيت ۽ فوقيت معلوم ٿئي. انهي بابت زياده بيان مصر جي مذهبن ۾ ڏنو ويندو.

اخلاقي يا تهذيبي ترقي:

جيڪي معبود يا خدا ماڻهن پاڻ جوڙيا تن ۾ سندن سڌاري جي درجي يا انداز جيترو فرق رهندو آيو. قديم جهنگلي جرمن وڙهڻ جا شوقين هوندا هئا تنهن ڪري سندن مک خدا اوڊن هو جو جنگي خدا هوندو هو. ساڳي طرح قديم هندن ۾ ويدن موجب اندر جنگي خدا هو ۽ سوم شراب پيئندڙ هو. آرين ماڻهن اصلوڪن رهاڪن سان جيڪي جنگيون ڪيون تن ۾ اندر هنن کي گهڻي مدد ڪئي. جڏهن اتي جا ماڻهو سڌريا ۽ حڪومت جو بهتر انتظام ڪيائون تڏهن پراڻن موجب

اندر آڪاس ۾ وڏو بادشاهہ ۽ ديوتا شمار ۾ آيو جتي راڳ ۽ ناچ ۽ پيون خوشيون ٿيون ٿين. حقيقت ڪري ديوتائن جون صفتون ساڳيون ماڻهن واريون صفتون هيون، ليڪن هوڪي بہ ڪن خراب يا چڱو تہ اهو روا آهي ۽ عيب يا خراب شمار ۾ نہ ايندو. يورپ جي آرين جو حال ارڙهن سون ورهن ڪان اڳي بہ ساڳيو هو جهڙو هندن جو هاڻي آهي. هنن وٽ بہ گهڻيون ديوتائون هيون، بيشمار مڙهيون ۽ مندر جدا جدا ديوتائن لاءِ هوندا هئا. اٿينس شهر ۾ ايترا بت هئا جو ماڻهن ڪان زياده چوڻ ۾ ايندا هئا.. اهي بہ پاڻ ۾ وڙهندا ۽ جنگيون ڪندا هئا. جيوپير زنا ڪارئن لاءِ مشهور هو. صورتون بدلائي ماڻهن جون زالون گمراهہ ۽ خراب ڪندو هو. سندس زال جونو هن جي بدچالي جي شڪايت ڪندي هئي. هندستان جي اندر ۽ اهليا جو قصو توڙي شِوَ ۽ پاروتيءَ جو قصو بہ اهڙي نموني جو آهي.

جن مذهبن جو هڪڙي خدا ۾ اعتقاد آهي تن وٽ،خدا جون وصفون زياده پاڪائي ۽ نيڪي جهڙيون هيون مطلب تہ جيئن قومون سڌرنديون ۽ اخلاقي ترقي ڪنديون ويون. يورپ ۾ بہ اڳي ايئن ڪندا هئا جيئن هاڻ سڌريل هندو هتي ڪن ٿا تہ ديوتائن جي نسبت ۾ خراب ڳالهين جي معنيٰ سمجهائي مٽائي ۾ چڱي ڏين ٿا، پر هاڻي ڪي سمجهو ماڻهو اهي گهڻيون رسمون خراب سمجهي ڇڏي ڏين ٿا.

maablib.org

چين مُلڪ جا مذهب

ڏاڏن پڙ ڏاڏن جو مذهب:

چيني ماڻهو عجيب قسم جا آهن. ماروت ۽ ڪاغذ ۽ ڇاپيل ڪتاب يورپ وارن وٽ ڪم آيا تنهن کان گهڻو اڳي هنن اهي شيون ڪم ۾ پي آنديون. اهڙي سڌاري هوندي به هنن ۾ بيعقلي جهڙا پرم عام آهن. انهي جو سبب هي آهي ته هنن ۾ وڏائي ۽ هٺ گهڻو آهي ۽ ٻين قومن کي ڌڪارين ٿا ۽ انهن کي ٻاهريان يا ڏاريان جهنگلي سڏيندا آهن ۽ انهن سان ملندا جُلندا ناهن. هنن جي ٻولي به عجيب آهي ۽ اڪثر هڪ پدَ يا اچار وارن لفظن جي آهي ۽ ڦرندي گهرندي ڪين آهي، تنهن ڪري به هنن کي ٻاهرين سڌاري وٺ جو وجهه نه ملندو آهي.

قديم چيني شهنشاهت ۾ پوڄا يا پرستش جون خاص شيون روح هئا، جن کي ڦِن سڏيندا هئا، اهي ٽن قسمن يا جماعتن جا هئا: آسماني، زميني ۽ انساني. آسماني روح حوڻيان سڏبو هو سوشانگتي يعني وڏو شهنشاهه شمار ٿيندو هو ۽ سيني جو سردار سمجهبو هو. انهي زميني روح سان گڏجي سارو عالم ۽ سڀ شيون پيدا ڪيون. هن جي مرضي اڻ ٽر حڪم آهي ۽ اهو انعام به ڏئي ٿو ۽ سزا به ڏئي ٿو. اهو هڪڙو آهي پر سانچ شهنشاهه هٺ ۾ اٿس ۽ انهن کان سواءِ بيشمار روح جن مان مک آهن سج ۽ چنڊ ۽ برجن جا روح. زمين جو روح (هيُوٿو) مادي يا مونث شمار ٿيل آهي. انهي سان تعلق ۾ جبلن ۽ ندين وغيره جا روح آهن. ٻيا ته هزارين روح آهن، جن جو ڳاڻيٽو ئي ڪونهي خاص خراب روحن جو ذڪر ڪيل ڪونهي. سڀ چڱا ۽ وڏي درجي وارا آهن ۽ شانگتي جا نوڪر آهن ۽ شانگتي قديم وقت کان وٺي خدا يا ديوتا شمار ٿيندو آيو آهي جنهن آسمان ۽ زمين ۽ انسان جوڙيو ۽ انهن کي وڌڻ ويجهڻ جي طاقت ڏنائين. عيسوي سن کان اڏائي هزارن

ورهن کان بہ اڳي هو انگتي شهنشاهہ هن جي لاءِ هڪڙو مندر بڻايو ۽ انهي کان پوءِ وارا شهنشاهہ اتي پوڄا ڪندا آيا.

پيڪنگ شهر ۾ هڪڙو وڏو باغ پکيڙ ۾ چورس ميل آهي تنهن ۾ هڪڙو مندر آهي جنهن کي آسمان جو مندر چوندا آهن جتي سال کي سياڳي ۽ برڪت واري ڪرڻ لاءِ دعائون گهرندا آهن ۽ تمام پاڪ رسمون بجا آڻيندا آهن ۽ اتي ڪنهن بہ بت پرستيءَ جي نشاني نہ ڏسبي آهي. شهنشاهہ پاڻ اتي ايندو آهي. سال ۾ تي ڦيرا بلڪ زيادهہ هو اتي پوڄا لاءِ ايندو آهي. انهي مندر جو گنبذ آسماني رنگ جو آهي. قرباني واري ڏينهن کان اڳئين ڏينهن هو هڪڙي هاٿي واري گاڏي ۾ چڙهي پنهنجن شاهزادن ۽ اميرن ۽ وزيرن سان گڏجي، مندر جي پاسي ۾ روزن رکڻ واري محلات ۾ وڃي لهندو آهي ۽ اتي ساري رات خدا جي خيال ۽ ڌيان ۾ گذاريندو آهي. پرهہ ڦٽي جو هو آسماني قربان گاهہ ڏي ويندو آهي، جنهن ۾ سنگ مرمر جا ٽي طبقا يا ڇڇريون آهن ۽ انهي ٽائين وڃڻ لاءِ ستاويهہ ڏاڪا آهن. اتي هو وڃي شانگتي جي تخت يا صندل اڳيان سجدو ڪري ٿو ۽ رسمي مقرر ٿيل قربانيون پيش ڪري ٿو ۽ دعا گهري ٿو ۽ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي لاءِ برڪت ۽ خوشي جا سوال ڏاڍي نماڻائي ۽ نياز سان ڪري ٿو.

شانگتي جي پوڄا فقط شهنشاهہ جي لاءِ آهي. انهيَ آسماني قربان گاهہ يا عبادتگاهہ تي شيوا جي پاڪ رسمن ادا ڪرڻ لاءِ رعيت مان ڪنهن کي بہ حق ڪونهي. عام رعيت يا ہي خلق تي فقط هي فرض رکيل آهن تہ پنهنجن ماٽن يعني پيءُ ماءُ کي تعظيم ڏيڻ ۽ پنهنجن پائرن کي پيار ڪن ۽ پنهنجن حاڪمن جا فرمانبردار ٿي رهن ۽ جيڪو علم حاصل ٿئين تنهن تي راضي رهن ۽ پنهنجن پاڙيوارن سان صلح ۽ سلوڪ ۾ گذارين ۽ پنهنجا محصول پوري ڏين.

چين جا مکہ ٽي مذهب:

چيني ماڻهن ۾ ٽي مذهب يا ڌرم آهن. هڪڙو ڪنفيوشس جو، ٻيو ٽائو جو ۽ ٽيون ٻڌ جو. پهرئين ڌرم وارا اڪثر عالم يا پڙهيل آهن،

پر اهي پوئين ٻن سان ٻه واسطو رکندڙ آهن جڻ ته تائو واري قطب تاري جي ديوتا کان پناهه ۽ بچاءَ جي دعا گهرندا آهن ۽ ٻڌ واري رحم يا ديا جي ديوتا جي اڳيان نمندا آهن ۽ پٽ جي دعا گهرندا آهن. اهي ٽيئي ڌرم پاڻ ۾ اهڙا گڏيل آهن جو چٽي ڪين سگهبو ته ڪهڙو ماڻهو خالصو ڪهڙي مذهب آهي مگر پنهنجن وڏن يعني ڏاڏن پڙ ڏاڏن جي پوڄا سڀني ۾ عام آهي.

ڪنفيوشن جو ڌرم:

انهي جو باني ڪُنگ يا استاد عيسوي سن کان 551 ورهيه اڳي ڄائو هو. رومن ماڻهن هن جو نالو ڦيرائي لاطيني ٻوليءَ ۾ ڪنفيوشس ڪيو. چون ٿا ته هن جي ڄمڻ جون عجيب غريب پيشنگويون ٿيل هيون. هو ٽن ورهن جو ٿيو ته هن جو پيءُ مري ويو ۽ پوءِ ماءُ هن کي پالي وڏو ڪيو. ننڍي هوندي کان هن کي علم ۽ پنهنجي ملڪ جي قديم قاعدن جي واقفيت حاصل ڪرڻ جو وڏو شوق ٿيو. اوڻيهن ورهن جي عمر ۾ هن شادي ڪئي پر پوءِ چار دفعا هن پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ڇڏي انهي لاءِ ته فراغت سان علم جي مشغولي ڪري ۽ پنهنجا ٻيا فرض ادا ڪري. سرڪار هن کي سرڪاري ڍڳن ۾ گاهه وارن ميدانن جو ناظر يعني انسپيڪٽر مقرر ڪيو. پر ٽيويهن ورهن جي عمر ۾ جڏهن هن جي ماءُ مري وئي، تڏهن چين جي قديم رواج موجب هن نوڪري ڇڏي ڏني ۽ پنهنجي ماءُ جي ماتمداري جي رسم وڏي تحمل سان ڪئي ۽ ماتمداري وارا ٽي ورهه سانده گوشه نشين ٿي ويٺو ۽ اهو سارو عرصو هن فلسفي ۽ حڪمت جي ڪتابن پڙهڻ ۾ گذاريو.

ڪنفيوشس ماڻهن کي اها تعليم ڏني ته مُئن کي تعظيم ڏيڻ جي گهٽي ضرورت آهي ۽ انهي لاءِ ڪي خاص رستا ۽ ڪم مقرر ڪيائين ۽ اها رسم ان جي قبر تي ادا ڪرڻ ۾ ٿي آئي يا پنهنجي گهر جي ڪنهن خاص مقرر ڪيل پاڳي يا جاءِ ۾. ان موجب اڄا تائين چيني ماڻهن ۾ هڪڙو عام "ڏاڏڻو صفو" مقرر ڪيل آهي ۽ هر سال مئن جي لاءِ مجلس خانو ڪرڻ ۾ اچي ٿو. هن ماڻهن کي اخلاقي تعليم ڏيڻ

بہ شروع ڪئي. هن شانگ تي ڪي مجبور ٿي مگر انهي ڏي گهٽ خيال ڪو نہ هوس، هن جو سارو خيال ماڻهوءَ ڏي هو ۽ هر هڪ کي قوم جو پاتي ٿي سمجهيائين ۽ انهي کي اهڙي تعليم ٿي ڏنائين تہ هو سچ جي رستي تي هلي ۽ جهڙو پاڻ کي تهڙو قوم کي فائدو رسائي ۽ خوش رکي. هن جي راءِ موجب ماڻهو جاتي جم کان چڱو آهي ۽ انهي کي اهڙيون سپائي طاقتون مليل آهن، جن کي سڌارڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ ۽ سنڀالڻ سان هو پاڻ ۾ خدا جهڙي ڏاهپ ۽ حڪمت پيدا ڪري ٿو سگهي ۽ خدا جهڙو ٿي تو سگهي. انهي لاءِ هن هيٺيان اصول مقرر ڪيا جن جي تعميل ڪرڻ هر هڪ کي ضروري آهي:

"پهرين هر ڪنهن انسان کي لازم آهي تہ پاڪ حڪمن تي هلي پاڻ تي يعني پنهنجي نفس تي غالب رهي، پوءِ پنهنجي ڪٽنب تي حڪم هلائي ۽ پوءِ پنهنجي شهنشاهہ جي اهڙي فرمانبرداري ۽ وفاداري ڪري جهڙي اولاد پنهنجي پيءُ سان ڪري، ڇا لاءِ جو هو پنهنجي رعيت جو جڻ تہ پيءُ آهي ۽ انهي کي اهڙي تعظيم ڏئي ۽ پوڄا ڪري جهڙي پنهنجن ڏاڏن جي ڪري. ايئن ڪرڻ سان خانگي صلح ۽ آرام ۽ قومي بندوبست ۽ ملڪي سلامتي قائم رهندي.

جڏهن ڪنفيوشس اهي ماتمداري ۽ ڏيان ۽ علمي تحصيل جا تي ورهہ گذاري رهيو هو تہ هو نڪري ملڪن جو سير ڪرڻ لڳو ۽ ڪن هنڌن تي هو عام سڌاري جي ڪمن تي مقرر ڪيو ويو. هڪڙي ملڪ تي هو ماڻهن جو حاڪم مقرر ڪيو ويو هو. سو اهڙو سڌريو جو پاڙي واري ملڪ جي بادشاهہ کي اتي جو سڌارو ڏسي حسد پيدا ڪيو. تنهن اتي جي بادشاهہ ڏي گهڻيون خوبصورت زالون ۽ ڪيترائي گهوڙا تحفو ڪري موڪليا، انهي لاءِ تہ ڪنفيوشس کي ملڪ مان ڪڍي ڇڏي. انهي تجويز جو نتيجو اهو ٿيو تہ لاچار هن کي اهو ملڪ ڇڏڻو پيو. پوءِ تيرنهن ورهہ برابر هو ملڪ گهمندو وتيو تہ من ڪٿي ڪو حاڪم هن جو وعظ ٻڌي، پر هميشہ هو نا اميد پئي رهيو. ڪٿي تہ هن کي ڏاڍيون تڪليفون ٿي رسيون ۽ هڪ هنڌ تہ هو قيد ۾ پيو ۽ بک پئي مئو. نيٺ پنهنجن ملڪي ماڻهن جي سنگدلي کان بيزار ٿي ڪري

بچڙي حال ۾ موٽي پنهنجي وطن آيو ۽ گوشه نشين ٿي ويهي ڪتاب لکڻ لڳو ته من سندس مٿي ڪان پوءِ ماڻهو انهن مان ڪا هدايت ماڻين ۽ فائدو حاصل ڪن. جڏهن ستر ورهن جو ٿيو تڏهن هڪڙي ڏينهن صبح جو اٿي هيڏي هوڏي هلڻ ۾ هي لفظ دهرائي چوڻ لڳو ته: "وڏو جبل ضروري ڪري ڍڳي پري پوندو. زور وارو چمڪندڙ تِرورو ضرور ڪمر ٿي ويندو. ڏاهو ماڻهو ضرور وڻ پوٽي وانگي ڪومائجي ويندو." پوءِ پنهنجن خاص شاگرد کي چوڻ لڳو ته: "ڪو به سمجهه وارو اچي مون کي پنهنجو استاد نه ٿو ڪري. هاڻي منهنجي مرڻ جو وقت نزديڪ آيو آهي." پوءِ وڃي هنڌ تي ستو ۽ سگهوئي مري ويو.

ڪنفيوشس قديم رسمن ادا ڪرڻ جو گهڻي قدر تاڪيد ڪيو پر مذهبي ڳالهين جي نسبت ۾ هن ڪا به تعليم ڪا نه ڏني. هڪڙي شاگرد جي پڇڻ تي هن هئن چيو ته: "جيسين تون ماڻهن جي خدمت چاڪري ڪري نه سگهندين تيسين تون روحن جي ڪيئن ڪري سگهندين؟" ٻئي هڪڙي شاگرد پڇيس ته "جڏهن ماڻهو مري ٿو تڏهن سندس وجود جو ڪهڙو حال ٿو ٿئي؟" هن ورندي ڏني ته "جڏهن تو کي حياتي جي پوري خبر ناهي تڏهن تو کي موت جي ڪهڙي خبر پئجي سگهندي؟"

مرڻ کان پوءِ هڪدم ڪنفيوشس کي ماڻهو تعظيم ڏيڻ لڳا ۽ پوءِ پيڙهين جون پيڙهيون هن جي تعريف مان نه ٿي ڍاپيون. خود هن جي ڪٽنب جون ستر پيڙهيون اڄ تائين گذريون آهن ته به ان جي ديس ۾ ئي ان جي ڳالهين کي گهڻن قسمن جي آبرو ۽ طرحين طرحين جا انعام پي مليا آهن. هن جي قبر تي هميشه ماڻهو زيارت لاءِ ايندا آهن ۽ سڀ ڪنهن شهر ۾ انهي جي لاءِ مندر ٺهيل آهن.

سال ۾ ٻه ڀيرا چين جو شهنشاهه بيڪن شهر جي هڪڙي منچو ڪاليج يا مدرسي ۾ وڃي ٿو ۽ ٻه ڀيرا گوڏا کوڙي ڇهه ڀيرا ڌرتي تي سجدو ڪري ٿو ۽ پوءِ هنن لفظن ۾ هن کان دعا گهري ٿو: "تون وڏائي وارو آهين، اي ڏاهپ جي ڪماليت وارا. تنهنجي نيڪي ڪامل آهي، تنهنجي راهه بلڪل پوري آهي، انسانن ۾ تنهنجو مٽ ڪو به

ڪو نہ ٿيو. سڀ بادشاھ تو کي تعظيم ڏين ٿا. تنهنجا قاعدا قانون وڏائي وارا نازل ٿيا آهن. تون هن شاهي مدرسي جي لاءِ نمونو آهين. گهڻي ادب سان قرباني جا ٿانو رکيا ويا آهن. گهڻي خوف کان اسين پنهنجا دهل ۽ گهنڊ وڄايون ٿا.“

ساڳين ٺهرايل تاريخن تي، بهار توڙي خزان جي موسم ۾ سڀ ڪنهن شهر ۾ سرڪاري ڪامورا مڪاني مندرن ۾ وڃن ٿا ۽ جڻ سندن بادشاھ پاڻ ڪندو آهي تئن پوڄا ڪن ٿا.هزارين عالم اندر وڃي پاڪ صندل جي اڳيان سجدو ڪن ٿا ۽ رات جي پنجين گهڙي ۾ وڏي قرباني ڪن ٿا. هڪڙو ڏاند ۽ ٻاويهہ رڍون ۽ ٻاويهہ سوئر ڪهي سڄا سارا ڪلن لٽل قربان گاھ جي ٿلهي تي رکن ٿا. جي پوءِ سندن پادري مندرين، اچي ٿا ڪٽن. مندر جي اڳيان هڪڙو تنبو ٿا هڻن جتي اتي جو نائب يا گورنر جنرل اچي رسمن جي ڪتاب ۾ ڏنل قانونن موجب پوڄا ڪري ٿو ۽ پوءِ گڏجي هي راڳ ڳائن ٿا:

ڪنفيوشس ڪنفيوشس، ڪهڙو نہ وڏو ڪنفيوشس آهي!
ڪنفيوشس کان اڳي ٻيو ڪو بہ ڪنفيوشس ڪو نہ هو
ڪنفيوشس کان پوءِ اڄ تائين ٻيو ڪو بہ ڪنفيوشس نہ ٿيو آهي!
ڪنفيوشس، ڪنفيوشس ڪهڙو نہ وڏو ڪنفيوشس آهي!

جڏهن ڪو ڇوڪر مڪتب ۾ ايندو آهي تڏهن پهرين ڪنفيوشس جي صندل اڳيان سجدو ڪندو آهي. سڀ ڪنهن مهيني جي پهرين ۽ پندرهين تاريخ انهي پاڪ شخص جي پوڄا لاءِ شمعون ۽ واس ڌوپ آڻيندو آهي.

ڪنفيوشس جو اهو بندوبست ڪو مذهب يا ڌرم ناهي پر هڪڙو پنگتي يا قومي ۽ ملڪي انتظام آهي جو ٿورو گهڻو فلسفہ جي بنياد تي ٻڌل آهي. انهي ۾ تہ ڪنهن بہ قسم جي خدا جو نشان ئي ڪونهي. تنهن ڪري ماڻهو لاچار ٿي ٽائو ۽ ٻڌ جي ڌرم تي هلڻ لڳا.

ٽائو جو ڌرم:

هن ڌرم جو باني ٽائو عيسوي سن کان اٽڪل ڇهہ سو ورهہ اڳي

چائو هو. يعني اٽڪل پنجاهه ورهه ڪنفيوشس کان اڳي. هن جو اصل نالو لائوٽزي هو يعني پڙهو چوڪر. ماڻهن جو ويساهه اهو آهي تہ هو پيدو چائو هو. هن جو سرڪاري نالو يا لقب آهي "وڏو اعليٰ بزرگ بادشاهه". هو چئو شهنشاهه جي دربار ۾ خزانن جي زير زمين وارين جاين جو رکوال مقرر ٿيو هو. اتي هن ڪيترا شاگرد گڏ ڪيا جن کي هن هندو فلسفہ جي گهڻن اصولن جي تعليم ڏني. هن جي تعليم جو مدعا اهو هو تہ ماڻهن کي ترغيب ڏئي خود انڪاري يا خود فراموشي جي استعمال ڪرائي، انهي لاءِ تہ هو هڪڙي شئي ۾ محو ٿي وڃن جنهن کي هن ٽائو جو نالو ڏنو. انهي لفظ جي پهرين معنيٰ آهي رستو (طريقت يا شريعت). اهو هڪڙو مدامي رستو هو جنهن تي سڀ ساهه وارا ۽ سڀ شيون هلنديون هيون. اهو سڀ ڪا شئي بہ هو ۽ ڪجهہ نہ بہ هو ۽ سڀني جو سبب بہ هو ۽ نتيجو بہ هو. سڀ شيون شروع بہ ٽائو مان ٿي ٿيون ۽ ٽائو سان موافق بہ ٿي رهيون ۽ آخر موٽي بہ ٽائو ڏي ٿي ويون. اها جڳہ تہ سڀني شين جي ماءُ هئي. اهو هو لائوٽزي جو آخري مُدّعا.

عام ماڻهو اهڙيون ڳجهيون ڳالهيون سمجهي نہ سگهيا. عام ويساهه اهو هو تہ لائوٽزي آب حيات يا امرت پيتو آهي تنهن ڪري هو مرڻ کان ڇٽل آهي تنهن ڪري سندس پيروي ڪندڙن کي بہ انهي جي حاصل ڪرڻ جو شوق رهيو. سگهو ئي انهي جي لاءِ منتر جنتر پيدا ٿيا ۽ ٽائو جو ڌرم لهي اچي هڪڙي قسم جو جادو ٿيو. ماڻهو اچي جبلن ۾ ڳولائون ڪرڻ لڳا تہ من حياتي جي اڪسير واريون ٻوٽيون لهن ۽ سمنڊن ۾ اهڙن ساڳين ماڻهن وارا ٻيٽ ڳولڻ لڳا. انهي ڪري جادوگرن ۽ منتر ڄاڻڻ وارن جو بادشاهن وٽ قدر ٿيڻ لڳو ۽ لائوٽزي واري اصلوڪي اخلاقي نيڪي جي تعليم وسري وئي. ٽائو ڌرم وارن جا ڪي پرم ۽ وسوسا هيٺ ذڪر ڪيا ويندا.

ٻڌ جو ڌرم:

ٻڌ لفظ جي معني آهي ڄاڻ يا علم. ٻڌ ڌرم جو باني گوتم هو جو وسهيل هو تہ سڀ ڪجهہ ٿي ڄاتائين يعني هر قسم جو علم هوس.

انهي جو مفصل بيان ٻئي باب ۾ ڏنو ويندو. ڪنفيوشس جي ڌرم وارا جيڪي عالم هئا سي ٻڌ ڌرم جي چين ۾ پوڻ جا سخت مخالف ٿيا. هنن جي حجت هي هئي ته پادري يا ڌرمي ماڻهو ۽ پروهت مسڪت گذاري حرام جي ماني ٿا کائين ۽ تنهن ڪري ملڪ جو مال ٿا ڪٽائين. هنن جي ڪنناري رهڻ ۽ نه پرڻجڻ جي بہ بر خلاف هئا جو انهي ڪري ڪٽنب ناس ٿي ٿيا ۽ ڪٽنبن جو ناس ٿيڻ جڻ ته ملڪ ۽ قوم جو ناس ٿيڻ هو. تنهن کان سواءِ ٻڌ ڌرم وارا پنهنجي پوڄا لاءِ ٻڌ جي هڏئي يا ماس جي ذري يا وار تي مندر بنائيندا ٿي ويا. سڀ کان وڏو مندر نانڪن ۾ هو جو يانگستي ٻڌيءَ تي هو ۽ چين جو ڏاڪٽو گادي جو هنڌ هو. اهو نون طبقن يا ماڙين وارو هو ۽ ڪاشيءَ جي سرن مان جڙيل هو تنهن ڪري انهي کي ڪاشيءَ جو ٽلهه سڏيندا هئا. تيهه ورهه ٿيا جو چيني فساد ڪندڙن انهن کي پيچي ڪيرائي ناس ڪري ڇڏيو.

چين ۾ جيڪو ٻڌ جو ڌرم هلي ٿو تنهن ۾ گوتم جو اهڙو زور ناهي جهڙو ڪُوَنينين جو آهي، جا هڪڙي ٻڌ ڌرم واري فقيرياڻي هئي، جا پوءِ چڙهي وڃي ديوتا ٿي. انهيءَ کي رحم يا ديا جي ديوتا ۽ پٽ ڏيندڙ ڪُوَنينين ٿا سڏين. جئن هندن وانگي چيني ماڻهن کي بہ پٽن هئڻ جي ضرورت ۽ خواهش ٿي رهي تئن ڪُوَنينين جي پوڄا اتي عام آهي. هوءَ مائن جي ديوتا ۽ مُرتياڻي آهي. انهي جو ٻيو نالو آهي "ڊپ لاهيندڙ ٻڌ". دانهن ۽ فرياد ڪرڻ تي هوءَ اهي ٻڌي ٿي ۽ ڏک لاهيو ڇڏي. هن کان دعا گهرڻ ۾ هئن چوندا آهن "گهڻو رحم، گهڻي ديا، ڏک تان خرابي کان بچاءِ، اي وڏي ڪشادي، سوال ٻڌندڙ "ڪوينين ٻڌ". ڏاکڻي چين ۾ زالن ۽ ٻارن واري ديوتا جا ڪيترائي زبردست خدمتگار آهن، جن مان هڪڙو نون چاولن ٻارن جي وهنجارڻ تي نظر ڪري ٿو ٻيو انهن کي ٽڻن مان ڪير پيارڻ سيکاري ٿو ٽيو انهن کي ڪلاٽي ٿو وغيره.

رڌلي جو خدا:

سڀ ڪنهن رڌلي يا بورچيخاني ۾ هڪڙي خدا يا ديوتا جي شڪل رکيل آهي، جنهن کي رڌلي جو خدا ٿا چون. هنجا بہ ڪم

آهن. هڪڙو هي تہ هو انهي گهر يا ڪتنب جي سيني ڀاتين جي پاپن جو حساب ڏنو وڃي ۽ ٻيو هي تہ موتين وارو شهنشاهہ، جو ساري جهان تي حڪم هلائي ٿو، تنهن کان سفارش ڪري انهي جي هنن کي معافي وٺي ڏيئي. تنهن ڪري انهي کان ڊڄندا بہ آهن ۽ انهي کي تعظيم بہ ڏيندا آهن. هنن جو ويساهہ آهي تہ اهو هر ٻارهين مهيني جي چوويهين تاريخ مٿي آسمان ۾ ويندو آهي ۽ سال جي اندر گهر جي ڀاتين جي جيڪا هلت هوندي آهي تنهن جي رپورٽ ڪندو آهي. تنهن جي خوشامد ڪرڻ لاءِ هميشہ هن جي اڳيان گوشت، ميوو ۽ شراب رکندا آهن ۽ سندس چپن تي کنڊ ملهيندا آهن انهي لاءِ تہ جڏهن هو مٿي وڃي تڏهن اتي ڪتنب جون مٺيون مٺيون ڳالهيون ٻڌائي. انهي جي هوائي سفر لاءِ ڪاغذ جو گهوڙو ۽ ٻيون شيون بہ ناهي ساڙيندا آهن. گهر جو هر ڪو ڀاتي انهي جي اڳيان نمندو آهي ۽ ڦٽاڪا ڇوڙيندا آهن تہ جنّ ڀوت ڊڄي ڀڄي وڃن. جڏهن هو مٿان گهمي موٽي رڌڻي ۾ ايندو آهي تڏهن هڪڙي قرباني ڪندا آهن. ايئن ڪرڻ سان هو سمجهندا آهن تہ نئون سال چڱو گذرندو ۽ هو خوش ۽ راضي رهندو.

ڏاڏاڻي پوڄا:

چيني ماڻهن جو سچو اصلوڪو ڌرم هي آهي تہ ابن ڏاڏن جي پوڄا ڪن. پي ماءُ جي فرمانبرداري هر ڪنهن انسان جو فرض سمجهيل آهي. هر هڪ گهر ۾ هڪڙي صندلي يا تختي رکيل آهي جنهن جي اڳيان صبح سانجهي جيڪي وڏا ماڻهو مري ويا آهن تن جي پوڄا ڪندا آهن. اها تختي هڪ فوٽ ڊگهي ۽ ٽي انچ ويڪري آهي.اها اڪثر ڪنهن ڪاٺ جي ٽڪر ۾ کپائي ڇڏيندا آهن. انهي تي مئلن وڏن ماڻهن جا نالا ۽ درجا ۽ ڄمڻ مرڻ جون تاريخون لکي ڇڏيندا آهن، بلڪ اکري ڇڏيندا آهن. انهن جي پوڄا ڪرڻ مان مدعا آهي هنن جي مرڻ کان پوءِ بہ هن دنيا ۾ هنن جي يادگيري ڪرڻ ۽ انهن کي تعظيم ڏيڻ. ايئن ڪرڻ جو سبب ڪجهہ اولاد جي فرض ادا ڪرڻ جي

ڪوشش آهي ۽ ڪجهہ ٻيو. مثل ماڻهو هنن جي ويساهہ موجب ڪاڏي ڪپڙي ۽ خرچ جي پئسي لاءِ جيئرن جا محتاج آهن. هر سال جي ٽئي مهيني ۾ خاص طرح اهي شيون هو انهن کي ڏيندا آهن، جئن هندو ماڻهو پٽرن ۾ پنڊا يا پت جا مليا ڏيندا آهن. پر چيني ماڻهو جيڪو طعام پاڻ گهڻو پسند ڪندا آهن سوئي پنهنجي مئلن مائٽن کي ڏيندا آهن. رڌل سوئر جو گوشت، ڪڪڙ، ٻدڪون، چانهہ وغيره. اهو پوءِ هو پاڻ کائي ڇڏيندا آهن يا فقيرن کي ڏئي ڇڏيندا آهن. ڪپڙا، ڪرسيون، ميزون وغيره سامان ڪاغذ جو ٺاهي ساڙي ڇڏيندا آهن. پيسا بہ ڪاغذ جا ٺاهيندا آهن. گول رپين جيڏا ٽڪر ڪتري، انهن تي ٽين يا ڪنهن ٻي ڌات جا ورق چاڙهي ساڙيندا آهن. ڪاغذ جا نوڪر ۽ نوڪرياڻيون ٺاهي اهي بہ ساڙيندا آهن. سندن مطلب ۽ ويساهہ اهو آهي تہ اهي سڀ شيون سندس مئلن مائٽن کي هن جهان ۾ ملنديون ۽ هو اهڙا آسودا گذاريندا جهڙا هتي هئا ۽ جي ائين نہ ڪندا تہ هو اتي بکيا ۽ ڏکيا گذاريندا ۽ ڪاوڙجي وري سندس روح موٽي هتي ايندا ۽ کين سزا ڏيندا، جئن هن دنيا ۾ مائٽ بي چين ۽ خراب ٿين ۽ ٻارن کي موچڙا هڻندا آهن. جي جيئرا مئن لاءِ اهو ضروري سامان نہ پهچائيندا تہ هنن جا روح اتي خراب حال ۾ پهندا وتندا ۽ نيٺ وڃي خراب ۽ جنگ ۾ مئلن يا ٻڏلن يا ڌارين ملڪن ۾ مئلن جي نياڳن روحن سان گڏبا. ۽ هن جهان ۾ وري جن جيئرن مائٽن انهن جي سنڀال نہ ڪئي هوندي تن ۾ سزا طور بيماري يا ڪا ٻي آفت پوندي.

قبرن جي مرمت ڪرڻ يا سينگارڻ چيني ماڻهن ۾ هڪڙو وڏو ثواب جهڙو ڪم شمار ٿيل آهي. اڪثر ٽڪرن جي پاسن تي قبرون ٺاهيندا آهن. هر هڪ ڪٽنب جي لاءِ ڌار قبرستان يا ان جو ڀاڱو گهرجي تنهن ڪري گهڻي زمين قبرن هيٺ آيل آهي ۽ اچي ٿي. اڪثر مئلن جي رسم راهہ جو ڪم ٽئي مهيني ۾ ٿيندو آهي ۽ سڀ ماڻهو مڙس توڙي ٻار عمدا ڪپڙا ڍڪي مقامن ۾ ويندا آهن ۽ پاڻ سان گهڻو ڪاڏي جو سامان کڻي ويندا آهن. مئلن جي لاءِ هڪڙي ڪاغذ جي پيتي ڪاغذي ڪپڙن ۽ پيسن جي نوڪرين ۽ ڪاغذ جي

ڪرسي سان ڪٺي پريندا آهن. اهي سڀ شيون ڪتنب جو وڏو يا مالڪ اتي رکي تو پيرا ڪنڌ نمائي سلام ڪندو آهي جڏهن مندرن ۾ ڪندا آهن. جڏهن هو ڪندو آهي تڏهن پيا گهر جا ڀاتي ٻه ڪندا آهن ٻلڪ ٻار ٻه ائين ڪري سگهندا آهن. سڀ ڪم لاهي پڄاڙي ۾ جڏهن پوتن جي پڄاڻ لاءِ ٽناڪا چوڙيندا آهن ۽ پوءِ موتي هليا ويندا آهن. جڏهن پهرين ڪو ماڻهو دفن ڪندا آهن تڏهن پهرين ٽورن هفتن ۾ ژالون قبر تي وينديون آهن ۽ رڻنديون آهن ۽ مئي لاءِ دعا گهرنديون آهن ۽ انهي جي پوڄا ڪنديون آهن. مطلب تہ هندن جي شراڌن وانگي چيني ماڻهو ٻہ هن جهان جو سک، مئلن جي هلت چلت ۽ ڪمن تي منحصر نہ سمجهندا آهن پر نوتي جي جيئرن ماڻتن ۽ اولاد جي ڏنلن شين وغيره تي منحصر چاڻندا آهن.

پنهنجا خدا لاهڻ ۽ چاڙهڻ:

ملڪ جو شهنشاهہ فقط ماڻهن جو بادشاهہ ناهي پر ڪن ڳالهين ۾ خدائن يا ديوتائن جو بہ بادشاهہ آهي. وقت بوقت نوان خدا پيدا ٿيندا آهن جيئن هندن ۾ آهي. چيني ماڻهو جڏهن پاڻتيندا آهن تہ مينهن پوي يا خدا مينهن موڪلي تڏهن پنهنجن خدائن کي ڪڏي اسَ ۾ رکندا آهن. ٿورا ورهہ ٿيا تہ چين جي شهنشاهہ کي ماتا نکري پئي. تڏهن ماتا واري ديوتا جو بت وڏو تحمل سان ڪڍي پيڪنگ شهر جي گهٽين ۾ گهمايو هٽائون ۽ بيمار بادشاهہ جي جاءِ ۾ بہ آندو هٽائون. جڏهن نيٺ شهنشاهہ مري ويو تڏهن هو پنهنجي خدا تي ڪاوڙيا ۽ انهي کي گاريون ڏنائون ۽ پڇي چڏيائون.

فوچو شهر ۾ بيماري پوڻ ۽ ماڻهن جي مرڻ ڪري سمجهيو ويو تہ اتي جي ڪن خدائن ائين ڪيو آهي. اتي جو وڏو حاڪم بہ مري ويو. تنهن ڪري انهي پرڳڻي جي گورنر هڪدم حڪم جاري ڪيو تہ انهن خدائن کي گرفتار ڪري سزا ڏجي. مڪاني زبردست عملدار پنهنجو لشڪر وٺي آيو ۽ اتي جي مندر مان پندرهن بت قيد ڪري ويو. اهي ڪاٺ جا هئا ۽ پنج فوٽ وڏا هئا. پهرين انهن جون اکيون ڪڍيون

ويون ته متان ڏسن ته ڪير هنن کي سزا ٿو ڏئي ته پوءِ متان انهن کي هن جهان ۾ يا ٻئي جهان ۾ ستائين. پوءِ انهن جون مسيون لاهي هڪڙي تلاءُ ۾ اڇلائي ڇڏيائون ۽ انهي مندر کي بند ڪري ڇڏيائون ته وري شهر ۾ خرابي يا بيماري پيدا نه ٿئي.

جپان جو شنٽو ڌرم:

جپان بيٺ چين جي پاسي ۾ آهي ۽ اتي جا ماڻهو چين جا همذات آهن جنهن چين ۾ قديم مذهب ڪنفيوشس جو هو ۽ پوءِ ٻڌ ڌرم ۽ پوءِ تائو ڌرم اتي آيا تيئن جپان ۾ به اڳي شنٽو ڌرم هو ۽ پوءِ ٻڌ ڌرم آيو.

شنٽو کي ڪامي به چوندا هئا. اهو نالو انهن سٽن آسماني خدائن جو ۽ پنجن زميني اڌ خدائن جو نالو هو جي قديم مصر ۽ هند جي ديوتائن وانگي جپانين جو پهريون ۽ پيو شاهي خاندان شمار ۾ ٿي آيا ۽ جي آسمان جا رهندڙ سمجهيا هئا ۽ جن کي ڪامي سڏيندا هئا.

پهرين خاندان جا ڪامي يعني ست وڏا خدا زمين کان تمام مٿي ۽ ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر هئا، تنهن ڪري پوڄا جي آساني لاءِ مونث خدا يا ديوتا تينشو دائي دسين نالي مقرر ڪئي وئي جنهن عالم جو سارو مانداڻ منڊيو ۽ اهڙا عجيب غريب ڪم ڪيا جيڪي ڪتائن ۽ آڪاڻين ۾ مشهور آهن. اها ساري جپاني قوم جي ماءُ سمجهيل هئي ۽ اهڙي ان جي پوڄا ٿيندي هئي ۽ سڀ ڪنهن وڏي شهر ۾ انهي جو هڪڙو مندر هوندو هو. ڪامي جا پوڄارا سيني اڳوڻن سنتن ۽ پهلوانن کي تعظيم ڏيندا هئا ۽ خدائن جي قطار ۾ آڻيندا هئا بلڪ پوءِ ٻڌ کي به انهي ۾ داخل ڪيائون.

شنٽو ڪرم موجب هر هڪ هيٺين يا زميني ديوتا کي پنهنجو پنهنجو سرڳ يا بهشت هوندو آهي. انهن ۾ اندر فقط هڪڙي ننڍي آرسي رکي هوندي آهي. پاسي ۾ هڪڙو پاڻيءَ جو حوض به پريو رکيو هوندو آهي جنهن ۾ پوڄاري وهنجي پاڪ ٿيندا هئا ۽ هڪڙي وڏي صندوق به رکي آهي جنهن ۾ خيرات جا پيسا وجهن ٿا ۽ در تي هڪڙو گهنڊ رکيل جو پوڄاري اچڻ مهل وڄائين ٿا. پوڄاري دعا گهرن ٿا ۽ مٿو

ٽيڪين ٿا. اهي ماٺھورت يا مثل ماٺھو ڪي نہ ڇھندا آھن. ڪو جانور يا پکي نہ ماريندا آھن ۽ نہ ھرڻ ڪان سواءِ ٻئي جو ماس ڪائيندا آھن. ھر مھيني پھرين ۽ پندرھين تاريخ وڏو ڏينھن ملھائيندا آھن ۽ گڏ ٿي خوشيون ۽ تماشا ڪندا آھن. سال ۾ ھڪڙو پيرو يا حياتيءَ ۾ ھڪڙو پيرو ضرور تيرٿ ڪندا آھن اتي اڏڙو شھر جي مندر ۾ ويندا آھن جنھن ۾ ٽينشو دائي ڏسپن ڇائو ھو ۽ مري ٻہ ويو.

انھي ھوندي بہ گھڻا ڇپاني چينين جي ڪنفيوشس واري ڌرم کي زياده پسند ڪندا ھئا ۽ ٻڌ ڌرم جي بر خلاف ھئا ھاڻي تہ ڇپان جو گھڻو عيسائي ٿي ويو آھي.

ھندن وانگي چينين بہ پنھنجا خدا وڏائي وڏا آھن. قديم وقت جا ھندو فقط ھڪڙي وڏي خدا کي مڃيندا ھئا ۽ انھي جي پوڄا ڪندا ھئا پر پوءِ ھنن وٽ ٽيٽيھہ ڪروڙ ديو ۽ ديوتائون ٿيا. ساڳي طرح قديم چيني پھرين فقط ھڪڙي خدا شانگتي جي سوا ڪندا ھئا پر پوءِ ھنن جا خدا خود سندن پھاڪي موجب ھيدي ندي جي واريءَ جي داڻن کان بہ گھڻا ٿي پيا.

مصر ملڪ جا مذهب

حيوانن جي پوڄا:

پريندي ائين ٿي خيال ۾ ايندو ته دنيا ۾ تمام آباد ملڪ سڀ کان اڳي سڌاري جا هنڌ هوندا. جتي هميشه جهيڙا لڳا پيا هوندا ۽ ڪاڏي جي لاءِ ماڻهو حيران هوندا اتي علم ۽ عقل جي ترقي جو وقت نه بچندو هوندو. اهڙا آباد ملڪ اڪثر ندين جي ڪنارن تي هوندا آهن. انهي ڪري ايشيا ۾ فرات ۽ دجلي ندين جون تراڻون ۽ آفريڪا ۾ نيل ندي جا ڪنارا جي آبادي لاءِ مشهور هئا سي سڀ کان اڳاتا سڌاري جا هنڌ هئا پر آباد ۽ پلي زمين سڌاري جو فقط هڪڙو سبب يا جزو هو. هڪڙين قومن ٻين کان زياده دلي ۽ دماغي ترقي ڏيکاري آهي. ڪيترين ئي قومون آهن جي ندين جي ڪنارن تي رهن ٿيون مگر اڃا تائين جهنگلي حالت ۾ رهنديون آيون آهن.

قديم مصر جي ماڻهن جا بيشمار خدا هئا. تن مان ڪي حيوان هئا جن جي هو پوڄا ڪندا هئا. انهي جو هڪڙو سبب هو انهن جانورن جي سنڀال ۽ بچاءَ جو. ڳئن کي هو پاڪ سمجهندا هئا تنهن ڪري انهي جي سنڀال زياده ٿي ۽ وڌن پوک جي ڪم لاءِ ڍور زياده ٿيا. ٻلا، نور، باز ڳجهون، ڪهنگ هن جي ڪمائتن جانورن کي بچائيندا هئا ۽ ڪوئن ۽ نانگن جهڙن ايذاءِ رسائيندڙن جانورن کي ناس ڪندا هئا ۽ گند ڪچرو ڪائي صفائي ڪندا هئا.

پهرين ڪي جانور ڪن ديوتائن جون نشانيون شمار ڪندا هئا پر پوءِ خود انهن جانورن کي پاڪ شمار ڪرڻ لڳا. انهن مان ڪي مڙهين سان شامل ڪيائون ۽ اتي انهن جي تمام چڱي سنڀال ٿيندي هئي. ۽ مرڻ کان پوءِ انهن کي پاڪ يا وڏن ماڻهن وانگي خوشبودار مصالح لڳائي قبرن ۾ پوري ڇڏيندا هئا. جڏهن ڪا ٻلي مرندي هئي

تڏهن سڀ مصري اهڙو ماتم ڪندا هئا جهڙو ڪو پنهنجي پياري پٽ لاءِ ڪري. انهي جي لاش کي ڪپڙي ۾ ويڙهي خوشبوين لائي مڙس توڙي زالون ڪانڌي ٿي رڙندا پٽيندا قبرستان تائين ويندا هئا ۽ اتي دفن ڪندا هئا ۽ ڏک جي نشاني ظاهر ڪرڻ لاءِ پرون ڪوڙائي ڇڏيندا هئا. جڏهن ڌارين ملڪن ۾ جنگيون ڪري پنهنجن وطن ڏي موٽندا هئا تڏهن مئل ٻليون پاڻ سان کڻي ايندا هئا ته انهن کي پاڪ هنڌ تي دفن ڪن. بلڪ ڏڪار جي وقت جڏهن مصري ماڻهو لاچار ٿي ماڻهن جو ماس کائيندا هئا تڏهن به اهڙي ڪنهن پاڪ جانور جي ماس کي هٿ نه لائيندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو اتفاق سان ڪا ٻلي ماري رکي ته انهي جي عيوض ۾ هن کي ماريندا هئا. هڪدم ماڻهو مڙي اهڙي ماڻهو کي وڪوڙي ويندا هئا ۽ ماري ڦاڙي تڪر تڪر ڪري ڇڏيندا هئس. انهي ڊپ کان جيڪڏهن ڪو به ماڻهو ڪٿي ڪا مئل ٻلي ڏسندو هو ته اتي پري کان بيهي رهندو هو ۽ ڏاڍو ڏک ظاهر ڪندو هو.

ڏاند جي به هو سيوا ڪندا هئا ۽ انهي کي اسيرس يا ايپس جو نالو ڏئي ديوتا شمار ڪندا هئا. هنن جو اهو ويساهه هوندو هو ته جڏهن وڄ ڳئون تي ٿو ڪري تڏهن اها ڍڪي ٿي ٿئي ۽ ڏاند ڄڻي ٿي تنهن ڪري انهي جي پوڄا ڪندا هئا. اهڙي ڏاند جي نشاني هئي ته ڪل ڪاري هوندي هيس ۽ پيشاني تي اڇو ٽڪنڊو تارو هوندو هوس ۽ باز جي شڪل پٺن تي هوندي هيس. جڏهن اهڙو ڪو ڏاند ڪٿي هٿ ايندو هو تڏهن انهي کي هٿ ڪري ڏاڍي سنڀال ۽ تحمل سان نئين چنڊ جي وقت نيلوپو لس شهر ۾ وٺي ايندا هئا. اتي چاليتاليهن ڏينهن تائين اگهاڙيون زالون انهي جي خدمت چاڪري ڪنديون هيون ۽ پوءِ انهي کي هڪڙي عمدي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي هڪڙي مشهور مندر ۾ نئي رکندا هئا. انهي جي هٿ اچڻ جو ڏينهن جمع جو ڏينهن ٻئي وڏا ڏينهن شمار ۾ ايندا هئا ۽ ستن ڏينهن تائين خوشيون ملهائڻ ۾ ايندين هيون. بيمشار پادري ان جي خدمت ۾ حاضر هوندا هئا ۽ هن جي چرڻ پرڻ ، جاين پسند ڪرڻ ۽ اشتها جي وڌڻ ۽ گهٽجڻ مان سُگڻ وٺڻ ۾ ايندا هئا. جي هو پاڻهي پنهنجي موت مرندو هو ته ان جي لاش وڏي

تحمل سان سير اليس جي مندر ۾ دفن ڪئي ويندي هئي. ٻين ڏاندن کي رايا هورس ديوتا جا اوتار سمجهندا هئا. اهي سڀ جدا جدا هنڌن جي مندرن ۾ گهڻي خرچ سان رکيا ۽ سنڀاليا ويندا هئا ۽ پوڄيا هئا ۽ هزارين ماڻهو انهن کان دعائون گهرندا هئا ۽ انهن جي مرڻ تي ڏاڍي سنڀال سان وڏين پٿرن جي صندوقن ۾ دفن ڪندا هئا ۽ سارو مصر انهي ياد ۾ ماتم ڪندو هو.

وڏو ڪنڍڻ جو چيٽن جا گولا ٺاهي گهلي پنهنجن آنن لاهڻ لاءِ پنهنجي ٻر ۾ آڻيندو آهي تنهن کي مصري ماڻهو جيڏي ڏاڍي تعظيم ڏيندا هئا ۽ مٿي کان پوءِ ان کي خوشبوين لائي رکي ڇڏيندا هئا. انهي جون تصويرون اڪثر پٿر تي ۽ جواهرن تي اڪريندا هئا. هڪڙو ماڻهو ڪتي جي مسي سان جنهن کي ٿيوس چوندا هئا سو آسيرس ۽ آئسس ديوتائن جو وفادار سنگتي شمار ڪرڻ ۾ ايندو هو. اهو شايد ڪتي واري تاري جو نشان هو ۽ نيل ندي جي چڙهڻ ۽ ٻوڏ جو اطلاع ڏيندڙ سمجهيو هو جنهن ڪو ڪتو پونڪڻ سان رات جو ستن کي جاڳائي. انهي جي لاءِ به مندر ۽ پادري مقرر هوندا هئا ۽ انهي جو بُت به ڪٺي گهمائيندا هئا. اهون وري گهڻي جي مسيءَ وارو ديوتا هوندو هو.

ڪن جانورن جي پوڄا علحيده هنڌن تي مڪاني ٿيندڙ هئي جهڙن ته شينهن، واڳن، گدڙن، هرڻن، مڇين ۽ ڏيڏرن جي. هر هڪ شهر کي پنهنجا پنهنجا پاڪ جانور هوندا هئا جن جي نسبت ۾ شهرن ۽ پرڳڻن جي وچ ۾ وڏيون لڙايون ٿينديون هيون ۽ ڪڏهن ته جهونا وير منجهن رهجي ويندا هئا.

ڪي وڻ ٻوٽا به پاڪ شمار ڪيل هئا. جنهن ڪري چوڻي ٿي وئي هئي ته مصر جا خدا اتي جا باغن ۾ وڻن وانگي اپرندا هئا. انهي هوندي به ڪن پڙهيلن مصرين جو هڪڙي خدا ۾ اعتقاد هوندو هو. سندن پاڪ ڪتاب ۾ هڪڙي خدا جو ذڪر آهي جنهن کي آسمان ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ سمجهندا هئا ۽ جو پاڻ ڪنهن جو خلقيل نه هو ۽ جو شروع کان وٺي هليو اچي ۽ نسورو روح آهي ۽ وڏي وڏائي ۽ ڏاهپ ۽ طاقت وارو آهي ۽ سندس چڱائي بلڪل ڪامل آهي.

موت کان پوءِ فتويٰ يا قيامت جو ڏينهن:

مرڻ کان پوءِ انصاف جي ڏينهن يا قيامت بابت هڪڙو ڪتاب جنهن جو نالو مئن جو ڪتاب آهي، سو مصر ۾ هزارين ورهه اڳي هائرا گلفڪ اکرن ۾ لکيل ترجمو ٿيو آهي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته جڏهن روح بدن کي ڇڏي وڃي ٿو تڏهن هڪڙي اهڙي هنڌ ٿو وڃي جتي ان کي چڱن ڪمن جو انعام ۽ بڇرن ڪمن جي سزا ملي ٿي. ڪتاب جي هڪڙي باب ۾ ته هئن به لکيل آهي ته "روح جسم جي مٿان باز جي شڪل ۾ پيو اڏامي. ان جو مٿو ماڻهو جهڙو آهي ۽ چنبن ۾ حياتي ۽ مضبوطا جا نشان اٿس. بدن يا لاش پروهتن ۽ ماتم ڪندڙن سميت ڪجي هڪڙي ندي جي پار قبر ۾ وڃي پوي ٿو. پوءِ روح نڪري امينتي نالي مڪان ۾ وڃي ٿو جتي خوفناڪ راڪاس اچيو ٿا ورائينس، انهي لاءِ ته جيڪي گناهه ڪيا اٿس تن جي سزا ڏينس. انهن کان ڇٽڻ لاءِ جيڪي عذر هن کي ڏيڻا آهن ۽ جيڪي زاريون نيزاريون ڪرڻيون آهن اهي انهي ڪتاب ۾ ڏنل آهن. پوءِ روح آسيرس ديوتا جي دربار يا عدالت گاهه ۾ اچي ٿو. اتي مئن جي انصاف ڪرڻ لاءِ چوويهه جج يا منصف حاضر رهن ٿا. انهن مان ڪي انسان آهن ۽ ٻيا واڳن ۽ بازن ۽ شينهن ۽ باندرن وغيره جي مسين وارا مخلوق آهن. انهن جي اڳيان مئل ماڻهو گوڏا کوڙي ويهي ٿو ۽ تهمت رکيلن ڏوهن کان انڪار ڪري ٿو ۽ هن طرح چوي ٿو ته مون ڪنهن سان به ٺڳي نه ڪئي آهي ۽ انصاف جي هنڌ ڪوڙ ڪو نه ڪيو آهي ۽ مصري ماڻهن کي غلام نه ڪيو اٿم ۽ پنهنجي بالا دست جي لاءِ اندر جي بر خلاف ڪجهه نه ڪيو اٿم ۽ ڪنهن سان زور زبردستي نه ڪئي اٿم ۽ پنهنجن گهر وارن کي بک نه ماريو اٿم ۽ ڪنهن کي رئاريو نه اٿم ۽ ڪوڙا دستاويز نه لکيا اٿم ۽ تور ۽ ماپ ڪوڙي ڪا نه ڪئي اٿم ۽ نيل ندي جي ڪنارن وارن بندن ۾ ٽنگ ڪين ڪيا اٿم ته پاڻي اٿلي پوي ۽ مون ڪاڏي جي هيچ ڪري گهٽو نه ڪاڏو آهي، نڪي گهٽو شراب پيتو اٿم وغيره."

انهيءَ کان هيٺ وري آسيرس جي دربار جو صفو آهي. انهي جي

سجي هٿ پاسي تي شڪليون آهن. وچ ۾ مصرين جي رواجي پوشاڪ ۾ اهو مثل ماڻهو آهي. پيون ٻه زالون آهن جي انهي کي وٺن ٿيون. انهن جي مٿي تي شتر مرغ جو کنڀ لڳل آهي، جو قاعدي يا انصاف جي نشاني آهي. هڪڙي زال اهو مثل ماڻهو ٻي کي ڏئي ٿي، جنهن جي هٿ ۾ لٺ ۽ صليب آهي، جي اختياري يا حڪم ۽ حياتي جون نشانيون آهن. صفي جي وچ تي انصاف جي سامهي رکي آهي. انهي جي هڪڙي پڙ ۾ دل رکي آهي. ۽ ٻئي پڙ ۾ سچ ۽ انصاف جا نشان پيل آهن. ٿاٽ ديوتا جو هڪڙو وزير جو ديوتائن جو منشي آهي، سو باندر جي صورت ۾ تلهي تي ويٺو آهي، جنهن ۾ سامهي ڪتل آهي. انهي جو نالو هٿپ آهي يعني فتوئ يا سزا. آسيرس جي پيارو پٽ جنهن جو مٿو باز جهڙو آهي ۽ جنهن جو نالو هورس آهي ۽ انيوبس ڪتي جي مٿي وارو، سامهي جي انهي پڙ جي سنڀال ٿا ڪن جنهن ۾ دل رکيل آهي ۽ ڏيان سان سامهي جو وزن ڏسن ٿا. ٻئي پڙ جو نظرداري انيوبس ڪري ٿو ۽ وزن جي خبر ڪهنگ جي مٿي واري ٿاٽ ديوتا کي ڏئي ٿو جو ڏاهپ جو ديوتا آهي ۽ جو آسيرس جي اڳيان قلم مس ڪنيو ميز تي ويٺو آهي ۽ انهي جي روبرو فيصلو يا فتوئ لکي ٿو. آسيرس پاڻ ڪي پاسي هڪڙي چتي يا شاماني هيٺ ويٺو آهي ۽ مٿي تي چٽ اٿس جنهن ۾ شتر مرغ جا ٻه کنڀ لڳل آهن ۽ سچ جي تڪي ۽ ڪريءَ جا ٻه سگ ٻه لڳل اٿس. هٿن ۾ چهبڪ ۽ ڏنگي مٿي يا انگڙي واري لٺ اٿس جي انصاف ۽ قاعدي جون نشانيون آهن. تخت جي بلڪل اڳيان شاماني منجهه هڪڙي صندلي تي چيتي جي کل رکيل آهي. انهي جي معنئ جي خبر نه ٿي پوي. اڳيان هڪڙي قربانگاهه آهي جنهن تي ڪيتريون قربانيون رکيل آهن ۽ انهي جي مٿان ڪنول يا پيڻ جو گل رکيل آهي. انهي جي معنئ شايد اهي چڱا ڪم يا خيراتون آهن جي مٿي جي پاران سندس ماڻهن ڪيون آهن. تخت جي اڳيان هڪڙي تلهي تي هڪڙو وڏو راڪاس ويٺو آهي، جنهن جو بت گهوڙي جو آهي پر چنبا شينهن جا اٿس. انهي جو نالو آهي امينٽي جو ڳڙڪائيندڙ. اهو ٻيو وزير ٿو ڏسجي جو ديوتا جي اڳيان سزا جي

تعميل لاءِ ويندو آهي. فيصلو يا فتويٰ ڇڱن جي لاءِ خوشيءَ جي آهي ۽ بڇڙن لاءِ ڏک جي. جن ماڻهن ڀار يا مائٽ يا رئيس يا نوڪر يا بادشاهه يا رعيت ٿي پنهنجا پنهنجا فرض ۽ حق پوري طرح ادا ڪيا آهن انهن کي وڏي خوشي جي هنڌ وڃڻ ٿا، جتي هنن کي ڪو بہ پورهيو ڪرڻو يا تڪليف سهڻي نہ ٿي ٿئي. اتي هو بهشت جو انّ ۽ ميوا ڳڌڪن ٿا ۽ خوشيءَ جو ديوتا يعني سج انهن تي مهربان ٿو رهي ۽ انهن کي چوي ٿو تہ اوهين پنهنجا ڏاتا ڪٽي پنهنجو فصل لڻو ۽ پنهنجن رهڻ جي جاين ۾ ڪٽي وڃي رکو ۽ خوش گذاريو ۽ خدا جي واٽ ۾ پاڪ صدقو يا قرباني ڪريو. انهن جي جاين جي اڳيان جو صاف حياتيءَ جو پاڻي پيو وهي تنهن ۾ وهنجن ٿا ۽ اهو پين بہ ٿا. انهن جي مٿان هنن لکيل آهي تہ: ”هنن تي وڏو خدا مهربان آهي.“ ۽ هو وڏائي جي گهرن ۾ رهن ٿا ۽ اتي آسمان جي حياتي ماڻين ٿا. جيڪي جسم هو ڇڏي آيا آهن سي قبرن ۾ آرام وٺن ٿا ۽ هو پاڻ يعني هنن جا روح وڏي خدا جي حضور ۾ خوش پيا گذارين.“

بابل ۽ نينوا جا مذهب

ايشيا جي قديم سڌاري جون جايون:

وچ ايشيا ۾ جتي فرات ۽ دجلو نديون هڪبئي جي ويجهو جبلن مان نڪري جدا جدا رستا وٺي آباد ترائن مان لنگهي وري اچي ٽيون گڏجن ۽ هڪ ٿي وڃي ايراني نار ۾ ٽيون ڇڙن. انهن ٻنهي ندين جي هيٺين پاڳن واري ملڪ کي بابيلونيا ٿا سڏين. ان جي گادي جو هنڌ بابيلان يا بابل فرات ندي جي ڪناري تي هوندو هو. بابيلونيا جي اتر ڏي اسيريا جو ملڪ هوندو هو، جنهن جي گادي جو هنڌ هو ننوهہ يا نينوا جو دجلي نديءَ جي ڪناري تي هوندو هو. انهي ملڪ جو ماٺوڪو نالو ڪردستان آهي جو اتي ڪرد قوم جا ماڻهو رهن ٿا.

هاڻوڪو دنيا جو سڌارو اصل بابل مان نڪتو:

قديم شهرن منجهان بابل نهايت سڌريل شهر هو. رڳو مصر انهن کان گهٽ نہ هو پر بابل جي تاريخ مصر جي تاريخ کان زياده ضروري آهي جو دنيا جي سڌاري سان انهي جو زياده واسطو رهيو آهي. بابل مان سڌارو نڪري پهرين اسيريا ۾ آيو ۽ اتان هلي ايشيا مئنر ۽ فينشيا ۾ آيو جتان پوءِ يونان ۽ روم ۾ آيو ۽ روم مان هاڻوڪي يورپ ۾ آيو. علم هيئت، وزن ۽ ساهمين ۽ حڪمراني ۽ ملڪراني جا قاعدا، عمارت سازي، سنگ تراشي، نقاشي، جواهرن جو اڪر، ڌاتين جو ڪم، الخ ۽ ٻيا ڪيترا علم ۽ هنر اتي ترقي ڪري ويا هئا. اکرن لکڻ جو عجيب هنر جنهن کي چيرن يا تڪنبڍي شڪل جي ڪري ڪيونيفارم سڏيندا هئا سو بہ اصل بابل جي توراني رهندڙن پيدا ڪيو ۽ ڪم آندو. چيني ماڻهو بہ قديمي سڌريل آهن پر انهن بہ پنهنجو سڌارو بابل جي ماڻهن کان ورتو.

بابل ۽ نينوا جا رهاڪو:

بابل جي اصلوڪن رهاڪن کي آڪيبين سڏيندا هئا، اهي انهي وڏي توراني قوم جو اولاد آهن جنهن جو اولاد ڏکڻ هندستان جا دروادي ماڻهو آهن. انهن جي فتح ڪندڙن قومن کان مهانڊن ۾ هو بي طرح جا هئا اصلوڪا اڪدي ماڻهو ڏکھي منهن ۽ سڻين ڏاڙهي وارا هئا. انهن اڪدي ماڻهن تصويرن وارا اکر لکڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ انهن کي ڦيرائي تڪندا ڪيونيفارم ڪيائون. ڪيونيفارم اکرن جو نمونو هي آهي:



اڪدي بولي بابلونين ماڻهن جي پاڪ بولي شمار ۾ هئي جئن سنسڪرت هند ۾ هئي، جڏهن اها عام طرح ڳالهائڻ ۾ نه ايندي هئي.

بابل جا رهاڪو گڏيل تن قومن مان هئا. اڪدي ۽ عرب ۽ ايراني اتر وارا اسيرين ماڻهو زياده صاف نسل جا هئا، جي اصل اصلوڪن بابل وارن عربي سيميٽڪ نسل جا هئا ۽ اتان اچي ڏاريلڪ ڪري رهڻ لڳا هئا. انهن جي شڪل ماڻوڪن يهودين جهڙي هوندي هئي. بابلونين ماڻهو مضبوط، بندرا، سڻن نڪ ۽ ڪشادين ناڪوتين ۽ چورس منهن وارا هوندا هئا ۽ اسيرين ماڻهو ڏکھا ۽ ڊيگھا ۽ ڏنگي نڪ ۽ ٿڪن چپن ۽ ڪارين چيندڙين اکين ۽ ڪارن گهاٽن گھنڊيدار وارن ۽ ڏاڙهين وارا هوندا هئا.

علم هيئت ۽ علم نجوم:

قديم قومن مان آيل ۽ آسيريا جا ماڻهو خاص طرح تارن جي بابت تمام گهڻي واقفيت رکندا هئا، جنهن جي زور تي هو ڪيترين ڳالهين جي پيشنگوئي ڪري سگهندا هئا. هو وسهندا هئا ته سج ۽ چنڊ ۽ مک تارا ديوتا يا ديوتائون آهن جن جو ماڻهن جي ڪمن سان واسطو ٿو رهي ۽ انهن تي هن جو عمل ٿو رهي. علم هيئت ۽ علم نجوم بابت هنن جو جيڪو وڏو ڪتاب هو تنهنجو بابل جي هڪڙي پادري سورسس نالي يوناني بولي ۾ ترجمو ڪيو. انهي ۾ پاهتر ڪتاب يا باب

آهن ۽ اڪيڊيا جي بادشاهہ سارگان جي لاءِ اهو لکيو ويو هو ۽ اهو عيسوي سن کان ٽن هزار اٺ سو ورهہ اڳي هو. ٻيو هڪڙو اهڙو ڪتاب سڳٽب ۽ پرمن تي هڪ سو ستٽيهن بابن ۾ ساڳئي بادشاهہ لاءِ لکيو ويو هو. اهي ٻئي ڪتاب آسيريا جي شهنشاهت جي زماني ۾ معتبر رهندا آيا. سج ۽ چنڊ جي گرهن بابت اطلاع ۽ احوال انهن ۾ وقت بوقت شامل ڪيو پئي ويو. سڀ ڪنهن وڏي شهر ۾ تارن جي خبر رکڻ لاءِ رسدگاهہ يا ٿلهہ مٿانهن هنڌن تي ٺهرايل هئا. جتان پندرهين پندرهين ڏينهن رپورٽون بادشاهہ ڏي موڪليون وينديون هيون.

مذهب:

قديم اڪيڊي رهاڪو اصل توراني هئا، جنن مٿي چيو ويو آهي ۽ اهي اپرندي ايشيا جي ٻين ماڻهن وانگي اڄ ڏينهن تائين جنن ڀوتن ۾ ويساهہ رکندا آيا آهن، جنّ سان هو سمجهندا هئا تہ سارو جهان ڀريو پيو آهي ۽ جن جي ڪڍڻ لاءِ ڪي منڊ يا منتر ۽ جادو جا رستا ضرور هئا. ڪن ٿورن ورهن کان پوءِ اهي جنّ ڀوت يا خراب روح بدلجي خدا يا ديوتائي ٿيا. انهن مان مکيہ هئا انو يعني آسمان ۽ ملجي يعني زمين ۽ ايٰا يعني سمنڊ. انهن جي پاسي ۾ آسمان جي تارن جا روح بيٺل هئا يعني چنڊ جو خدا، سج جو خدا ۽ سانجهين جو تارو ۽ ٻيا گهمندڙ تارا. چنڊ، سج کان اڳي علم هيئت ۽ نجوم وارن جي ڌيان تي آيو. اهي اڪيڊين وارا ديوتا يا خدا سيميٽڪ بابل وارن بہ پنهنجا ڪيا، مگر انهن ۾ ٿوري ڦير گهير ڪيائون. هنن مک ديوتا سج ڪيو ۽ انهي کي بعل جو نالو ڏنائون يعني خداوند يا وڏو بادشاهہ ۽ انهي جي جدا جدا صورتن ۾ پوڄا ڪرڻ لڳا. اڪيڊي ماڻهن ۾ نر ۽ مادي ديوتائن جو فرق ڪو نہ هيو. پر پوءِ سيميٽڪ بابل وارن مونث ديوتائون ان وڏن ۽ انهن کي مذڪر خدائن يا ديوتائن جو عڪس شمار ڪندا هئا. انهن کان پوءِ هنن ۾ هيليان مک معبود يا خدا هوندا هئا:

"ملجي يا بعل" اصلوڪن ٽن خدائن کي قائم ڪيائون مگر ملجي جو نالو ڦيرائي بعل رکيائون. "مرڊاڪ" نالي ٻيو بہ هڪ ديوتا هو

تنهن کي بعل جي نالي سان سڏڻ لڳا. تنهن ڪري ملجي جو زور گهٽجڻ لڳو. "بيلتيس" کي بنائي مرڊاڪ جي زال ڪيائون ۽ انهي جي لفظي معنيٰ آهي وڏي بي بي. "انو" آسمان جو ڌڻي ۽ اچي ٿو ۽ اهو خدائن جو گهر سمجهيو ويو. اهو تمام جهونو ديوتا شمار ڪيل هو ۽ اصل ساري عالم جو خلقيندڙ هو ۽ ٻين سڀني خدائن جو پيءُ وسهيل هو. سندس پاسي ۾ مونث ديوتا "انت" نالي هئي. گهٽ اڪثر ماڻهن جو اعتقاد هو ته ٻيا سڀ ديوتا هڪڙي وڏي انو ديوتا جا اوتار هئا، پر پوءِ اهو اعتقاد گهٽبو ويو ڪين، جلد گم ٿي ويو. "اِيا" اصل سمنڊ جو ديوتا هو جو نانگ جي صورت ۾ ڌرتي کي وڪوڙيو ويٺو هو ۽ ڌرتي جي سڀني ندين ۽ چشمن ۾ پاڻي ٻي پهچايائين. انهي کي آدم ذات جو پيدا ڪندڙ ۽ سنڀاليندڙ سمجهي پوڄيندا هئا. حياتي ڏيڻ کان سواءِ ماڻهن کي سڌريل هنر به انهي ٿي سيکاريا. انهي جي شڪل ماڻهو جي هئي مڇي جي پڇ سان يوناني ماڻهو به انهي کي انهي صورت ۾ "اوئانيز" سڏيندا هئا يعني ايا مڇي. انهي جي زال جو نالو هو "داوڪِنا" يعني زمين جي بي بي.

سڀني کان وڏو خدا، جو اِيا ۽ دواڪنا جي بيشمار اولاد مان هو سو هو مرڊاڪ ۽ اهو اصل سج واري خدا جي چڱي صورت ۾ هو ۽ هميشه بڇڙين طاقتن يا شيطانن سان وڙهندو رهندو هو. گهٽ هنڌن تي هو انسان ذات جو بچائيندڙ ۽ ڇڏائيندڙ ۽ جياريندڙ سڏيل آهي. هو اڪثر هڪڙي وڏي ديويا پوت "تيامت" نالي جي پٺيان ڪاهيندو هو جنهن جي معنيٰ هئي فساد ۽ خرابي. انهي کي گهٽو ڪري بعل سڏيندا هئا يعني خداوند.

درجي بدرجي هن ٻهرين اصلوڪي بعل جي وجهي جاءِ ورتي. اهو هو زُحل تارو. انهي جي زال جو نالو هو "زرپنت".

مرڊاڪ ۽ زرپنت جا ٻار هئا نيبو ۽ سندس زال تسمت. نيبو لفظ جي معنيٰ نبي ۽ تسمت جي معنيٰ ٻڌندڙ. نيبو علم جو خدا هو ۽ اکين کي روشنائي ڏيندو هو ته ماڻهو لکيل اکر پڙهن ۽ سمجهن ۽ سندس زال ڪنن کي سرلو ڪندي هئي ته جيڪي پڙهڻ ۾ اچي سو سمجهن. لکڻ

جو هنر انهي ڪيو هو. بابل جي نزديڪ جيڪو وڏو مندر هو سو انهي جي لاءِ جوڙيو ويو هو. انهي جا نشان اڃا به ظاهر آهن، جن کي عرب بير نمرود چوندا آهن.

"زمن" يعني گجڪار ڪنڌڙ مرداڪ جو سنگتي هو. اهو مينهن ۽ طوفان جو خدا هو ۽ فصلن کي ناس ڪندڙ هو پر انهي کان دعائون به گهرڻ ۾ ايندي يون هيون ته اهو پيدائش وڌائي. اهو دمشق جو وڏو خدا سمجهڻ ۾ ايندو هو.

"نسراڪ" يعني وڏو باز ايرانين ۽ عربن وٽ وڏي تعظيم ماڻيندو هو انهي جي شڪل ماڻهوءَ جي هئي باز جي سسي سان. "اشتار" زهره تاري جي ديوتا هئي، جا صبح جو يا شام جو آسمان ۾ نڪرندي هئي عشق يا محبت ۽ جنگ ۽ شڪار انهي جي هٿ ۾ هوندا هئا. انهي کي آسمان جي راڻي چوندا هئا. انهي جي پوڄا الهندي ايشيا ۾ پکڙي وئي. فلسطين ۾ انهي کي اشترات چوندا هئا ۽ يوناني استارتي سڏيندا هئس. انهي جا پادري ڪدڙا هوندا هئا. زالن جي پوشاڪ ۾ انهي ديوتا جي پوڄا ڪنديون هيون. مطلب ته انهي جي مندرن ۾ ڏاڍي بدڪاري هلندي هئي.

"نرگل" هي خدا انو سان گڏ مئلن جي نظرداري ڪندو هو. هو شڪار ۽ جنگ جو به خدا هو. هن جي شڪل پرن واري ڏاند جي هئي، جنهن جو مٿو ماڻهو جو ۽ ڏاڙهي اسيرين ماڻهن جي ڏاڙهي وانگي وينل ۽ گهنڊي دار هئي.

"اسور" اسيرين وٽ بين کان وڏي درجي وارو خدا هو. ۽ شهنشاهت جو خدائي روح شمار ٿيل هو. انهي جي مدد سان اسيرين فتحون ڪندا هئا ۽ جيڪي هارائيندا هئا تن کي مٿس ايمان نه آڻڻ ڪري سخت سزائون ڏيندا هئا.

جهڙا بابل جا ماڻهو پرمي هئا اهڙا اسيرين نه هوندا هئا ۽ هو انهن وانگي جنن پوتن کان نه ڊڄندا هئا. ڇا لاءِ جو هنن کي جنگين جي مشغولي گهڻي هوندي هئي ۽ مذهب ڏي ڌيان ڏيڻ جو اوترو وقت نه ملندو هون. بابل ۾ وڏيون سڀ عمارتون سڀ مندرن جون هونديون

هيون ۽ اسيريا ۾ محلاتون گهٽيون هونديون هيون.

پاڪ ڪتاب:

هنن ۾ پاڪ ڪتاب ٻن قسمن جا هوندا هئا. هڪڙو تمام جهونو جنهن ۾ جنن ڀوتن هڪالي ڪڍڻ جا منتر هوندا هئا، جهڙو اٿر ويد هندن ۾ آهي. جڏهن اڪدي ٻولي سنسڪرت وانگي ڳالهائڻ ۾ نه اچڻ لڳي تڏهن به اهي منتر انهي اڳوٽي ٻوليءَ ۾ پڙهندا هئا ۽ پادري يا پروهت هندن جي برهمڻ وانگي ماڻهن کي ڊيڄاريندا هئا ته جي انهن جي پڙهڻ ۾ ڪا چوڪ ڪندا هئا ته هنن کي هڪڙو نه ٻيو نقصان رسندو. انهي ڪان سواءِ دعائن جا ڪتاب به هئا جن ۾ ڪن خاص ڏينهن ۽ گهڙين وقت اهي پڙهبيون هيون. توبهه ڪرڻ ۽ معافي گهرڻ لاءِ پاڪ گيت به هوندا هئا جي ڳائيندا هئا. ڪن مقرر ڏينهن تي روزا به رکندا هئا.

اينڊڙ حياتي:

مٿن جو عالم زمين جي هيٺيان اونداهي وارو سمجهيل هوندو هو اتي اڳوٽي وقت جا پهلوان ۽ مشهور ماڻهو پنهنجن پنهنجن تختن تي ويٺل هئا. پاتال جي راڻي جي محلات هوندي هئي. جيئن هندو ماڻهن جو ويساهه ڪيلاس ۾ هوندو هو تيئن بابل وارا به وسهندا هئا ته سندن خدا به روندا س متانهين جبل جي برف واري چوٽي تي رهندا هئا.

سج ۽ چنڊ گرهه:

سج ۽ چنڊ جا گرهه ديو يا راڪاس ڪندا هئا، جن ڪان انهن کي مرڊاڪ ڇڏائيندو هو.

هڪڙي خدا جي اعتقاد جون نشانيون:

بادشاهه بخت نصر، جنهن کي نيبو ڪدنذ زار چون، سو مرڊاڪ ڪان دعا گهرندي هڪڙي هنڌ هئن ٿو چوي: "اي بادشاهه تون هميشه

ڪان آهين ۽ جيڪي هستيءَ ۾ آهي تنهن سڀ جو تون بادشاهه آهين. آءٌ تنهنجو تابعدار آهيان ۽ تنهنجن هٿن جو جوڙيل آهيان. تو مون کي خلقيو آهي ۽ ماڻهن جي جماعتن تي تو مون کي بادشاهه ڪيو آهي. اي خاوند تو پنهنجي چڱائي سيني جي مٿان لنگهائي آهي. جڏ ته آءٌ تنهنجي وڏائي کي پيار ڪريان، جڏ ته تنهنجي خدائي جو ڊپ منهنجي دل ۾ رهي ۽ جيڪي تو کي چڱو لڳي سو ڏي جا لاءِ جو تون ئي منهنجي حياتي قائم رکڻ وارو آهين.* بخت نصر کان سوين ورهه اڳي به چنڊ جي خدا جي نسبت ۾ اهڙا ئي اعليٰ قسم جا لفظ ڪم آيل آهن. انهي مان ظاهر ٿو ٿئي ته قديم وقت ۾ به هڪڙي خدا جي اعتقاد جون نشانيون موجود هيون.

پارسيئن جو مذهب

هنن جو اصل نسل:

جيتوڻيڪ پارسين جي قوم هينئر ايتري گهڻي ناهي، شايد لک کن مس ٿيندا تڏهن به اها قديم ايراني وڏي شهنشاهت جي نشاني آهي ۽ انهي نسل مان آهي. هنن جو مذهب به تمام گهڻو پکڙيل هو. هندستان ۾ هنن همت ۽ دولت ۽ علم ۽ سخا جي ڪري نالو ڪڍيو آهي ۽ چڱا واپاري شمار ڪيل آهن.

هنن کي پارسي انهي ڪري ٿا چون جو هو اصل پارس يا فارس يعني ايران کان هندستان ۾ آيا. گهڻي آڳاٽي زماني ۾ انگريزن ۽ جرمنن ۽ اٽالين ۽ ايراني ۽ آرين جا وڏا ڏاڏا سڀ هڪ هنڌ گڏ رهندا هئا ۽ هڪڙي ئي ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ ساڳين خدائن جي ساڳين نالن سان پوڄا ڪندا هئا. جڏهن اهي وڏي تمام گهڻا ٿيا تڏهن ڪي نڪري الهندي ڏي ويا ۽ يورپ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ وڃي رهڻ لڳا ۽ ڪي اڀرندي ڏي آيا ۽ ايران ۽ هندستان ۾ رهيا. اهي هئا پارسين ۽ آرين هندن جا ڏاڏا. پوءِ انهن ۾ مذهب يا ڌرم جو اچي فرق پوڻ لڳو.

آرين هندو انهن ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ لڳا جن جا نالا ويدن ۾ ڏنل آهن، خصوصن قدرتي وڏيون شيون جئن ته آسمان، سج، باهه، واءُ وغيره. انهن خدائن يا معبودن کي هنن ديوَ جو نالو ڏنو يعني چمڪندڙ وجود. ايران وارن وري آرين هندن جي مخالف هئڻ ڪري پنهنجي مذهبي اعتقادن ۾ ڦير گهير ڪئي.

جن کي آرين هندن خدا يا ديو سڏيو تن کي هنن ديو يا شيطان يا جن ڀوت سڏيو يعني خراب روح. انهن پنهنجي وڏي خدا جو نالو "اهرَ" رکيو. آرين هندن وري انهن جي خدا اهر کي خدائن جو دشمن يا جن سمجهي اهو نالو ڏنو.

زردشت:

زردشت يا زورو آستر ايران جو هڪڙو وڏو نبي ٿي گذريو آهي. هن جي مذهب جو مک اصول هي هو ته دنيا ۾ چڱا به ۽ بڇڙا به روح آهن، جن جي وچ ۾ هميشه دشمني ۽ مخالفت لڳي ايندي آهي. چڱي روح کي اهر مزد سڏيو ائن جنهن جي معنيٰ ڏاهپ وارو خدا. هرمزد به سڏينس. انهي آسمان ۽ زمين پيدا ڪيو انهي سان وري "اميش سپنت" شامل ڪيا ويا يعني پاڪ ۽ نه فنا ٿيندڙ وجود. آسمان تي رهڻ وارا، جن اهرمزد کي عالم ۽ مخلوقات جي سنڀال ۾ مدد ڪئي ۽ انهنجي به اهر مزد سان گڏ پوڄا ٿيڻ لڳي. انهن کان پوءِ درجي ۾ "يزت" هئا جي قدرتي شين تي حڪم هلائڻ وارا هئا. "آتر" يا باهه اهرمزد جو پٽ شمار ڪيو ويو ۽ پاڪائي جي نشاني سمجهي وئي. "مِتر" سج جو خدا به اهڙو ئي وڏو ليکڻ ۾ آيو. انهن چڱن وجودن جي مخالف وري "انگرو مينوس يا اهريمن" هو ۽ اهر مزد جو مخالف سمجهيو ويو. انهي هن اهرمزد جي خلقيل دنيا ۾ برائيس ۽ شهوت ۽ ڪوڙ ۽ موت آڻي وڌو. اهو سڀ ڪنهن نيڪ ماڻهو ۽ پاڪ شئي جو دشمن آهي. مطلب ته جيڪا چڱي شئي اهرمزد دنيا ۾ پيدا ڪئي تنهن جي ضد بڇڙي شئي وري اهريمن پيدا ڪئي. ڇهه چڱا روح هن پيدا ڪيا ته ڇهه خراب روح انهي جا ضد وري هن پيدا ڪيا، جن جي هيٺان لشڪر جنن ڀوتن جا موجود رهيا. انهي طرح چڱائي ۽ بڇڙائي، نيڪي ۽ بدي جي وچ ۾ ٻارهن هزارن ورهن تائين مخالفت ۽ جنگ هلندي رهندي پوءِ نيٺ بدي شڪست کائي دنيا مان نڪري ويندي.

پاڪ باهه:

پارسي ماڻهو پنهنجن مندرن ۾ هميشه باهه ٻرندڙ رکندا هئا ۽ جيڏي ويندا هئا تيڏي اها پاڻ سان کنيو ويندا هئا تنهن ڪري ٻين قومن کي گمان گذريو ته هو باهه کي خدا ڪري پوڄين ٿا ۽ انهي ڪري انهن کي "آتش پرست" سڏڻ لڳا. پر هنن ۾ جيڪي سمجهو آهن سي باهه کي خدا نه ٿا ڄاڻن. فقط خدا جي ڪائي نشاني ڄاڻي انهي کي

تعظيم ڏين ٿا. انهي جو شايد سبب هي هو تہ اسان کي خبر آهي تہ ڪيروسن تيل، جو هاڻي هندستان ۾ عام آهي ۽ گهڻو ڪري ڀارت ۾ ٿو اچي سو ڪاسپين سمنڊ جي آس پاس وارن هنڌن مان ٿو اچي ۽ اتي اڳي پارسي مذهب جا ماڻهو رهندا هئا. اتي گهڻن هنڌن تي زمين جي پيٽ ۾ ڪيروسن تيل جا گجها چشما آهن جي هڪڙي نلي هيٺ گهيڙائي اوسيتائين نئبي تہ انهي مان انهي جو بخار ڪرڻ لڳندو ۽ انهي کي جي باهہ ويجهي آڻي تہ اهو بخار ٻرڻ لڳندو ۽ هميشہ اجهامڻ کان سواءِ پيو ٻرندو. قديم وقت ۾ اهڙي هڪڙي ٻرندڙ شعلي کي ڏسي قدرتي يا خدائي شئي شمار ڪرڻ ۽ پوڄڻ لڳا. حقيقت ڪري زردشت کان اڳي ئي ايران ۾ آتش پرست موجود هئا. پوءِ باهہ جي تعظيم بہ جاري رکي وئي جا اڃا تائين هلندي اچي ۽ گهرن ۾ توڙي مندرن ۾ اها پاڪ باهہ اجهامڻ نہ ڏيندا آهن.

پاڪ ڪتاب:

زردشتي مذهب جا اصول ڪتاب زنداوستا ۾ لکيل آهن. اوستا جي معنيٰ علم آهي. جئن ويد جي معنيٰ آهي. زند اها پاڪ ٻولي آهي جنهن ۾ اهو پاڪ ڪتاب لکيل آهي ۽ جا سنسڪرت ٻولي سان گهڻي مشابهت ٿي رکي. انهي جا مکيہ ڀاڱا هي آهن:

1: يسنا: يعني قرباني جئن سنسڪرت ۾ يجنا آهي. هن ڀاڱي ۾ اهي دعائون لکيل آهن جي قرباني ڪرڻ وقت پڙهيون آهن انهن ۾ جهونيون پنج دعائون آهن جن کي پنج گاٿا سڏين ٿا.

2: ويندي‌راد: جو جنن ڀوتن جي بر خلاف آهي ۽ منجهس اوستا جا قانون قاعدا ڏنل آهن.

3: يشت: هڪڙي قسم جي مناجات يا دعا آهي جا ڪنهن خاص هڪڙي خدا جي تعريف ۽ پرستش لاءِ آهي. اهي دعائون ڏينهن جي مقرر وقتن تي عام ماڻهو بہ پڙهندا آهن ۽ سندن دستور يا پادري بہ پڙهندا آهن. انهن لاءِ سال ۽ مهينن جا وقت بہ ٺهرايل آهن ۽ جدا جدا عناصرن جي روبرو پڙهڻ ۾ اينديون آهن. اهي سڀ زند ٻولي ۾ آهن ۽ منترن

وانگي شمار ڪيل آهن يعني جي اصلوڪي ٻولي ۽ جنسي لفظن ۾ نہ پڙهيا ويندا تہ منجهن اهو اثر نہ رهندو. جيستائين انهن جي معنيٰ ڪنهن کي سمجهڻ ۾ نہ بہ اچي تہ بہ حرڪت ڪانهي، اثر ساڳيوئي ٿيندو.

قتلن سان هلت:

پارسين جي اعتقاد موجب باهہ ۽ پاڻي ۽ مٽيءَ جا عناصر خدائي ۽ سمجهہ وارا شمار ڪيل آهن. لاشن دفن ڪرڻ سان زمين پليت يا ناپاڪ ٿي پوندي ۽ انهن کي ساڙڻ سان وري باهہ پليت ٿي پوندي، تنهنڪري مسئلن جي لاشن کي مٿي ٽلهن تي کولي رکندا آهن تہ مٿان ڳجهون اچي کائي وڃبين. جڏهن ماڻهو مري ٿو تڏهن ناسو نالي هڪڙو ديو يا جن چڙيل مک وانگي اچي ٿو. انهي کي هڪالي ڪيڻ لاءِ هڪڙو ڪتو چئن اکين سان مٿي وٺ آڻڻ گهرجي. چئن اکين وارو ڪتو ڪونهي تنهن ڪري عام ڪتي کي اکين جي مٿان بہ داغ ڏيندا آهن. ڪتي جي نهارڻ سان جن اڏامي موٽي دوزخ ڏي وڃي ٿو.

نيرنگ سان پاڪائي:

ڳئون جي مٽ کي نيرنگ چوندا آهن. هيءَ رسم بہ هندن جي رسم جهڙي آهي. پاڪ ٿيڻ لاءِ ڳئون منجهان نڪتل پنجن شين جا ذرا گڏي هڪڙي گولي ناهي ڳهي ڇڏيندا آهن. هر هڪ پارسي جي گهر ۾ تازو نيرنگ ڏهاڙي صبح جو آڻيندا آهن. پهرين انهي ۾ هٿ پچائيندا آهن پوءِ انهي مان ٿورو ڪلي منهن ۽ هٿن ۽ پيرن کي لائيندا آهن. زياده پاڪائي لاءِ تي ڍڪ بہ پريندا آهن.

ٻيو متفرق احوال:

ايران جي ساساني خاندان مان اردشير وڏو بادشاهہ ٿي گذريو آهي. انهي جي راڄ ۾ زردشتي مذهب زور ورتو ۽ ان جو پاڪ ڪتاب زنداوستا لکيو ويو ۽ زند مان پهلوي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو. اردشير 240ع ۾ مري ويو. تنهن کان پوءِ بہ شاپور ۽ هڪڙو خسرو جو نوشيروان

جي نالي سان مشهور آهي سي بادشاهه هئا. يونيون ساساني بادشاهه يزد جرد ٽيو هو جنهن جي ڏينهن ۾ عربن ايران تي ڪاهه ڪئي ۽ ملڪ ورتائون. جيترو ٿي سگهين اوترو زردشتي مذهب بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. گهڻائي مندر يا آتشڪده ناس ڪري ڇڏيائون. تنهن ڪري تمام گهڻا زردشتي پارسي ايران ڇڏي ٻين ملڪن ڏي ڀڳا، جن کي مسلمان گبر يا ڪافر سڏڻ لڳا. پهرين هو خراسان ۾ آيا، اتان به هو هڪاليا ويا ۽ ايراني نار جي منهن وٽ هرمز نالي ننڍڙي ٻيٽ ۾ اچي رهيا، اتي به عربن نه ڇڏين. تنهن ڪري سمنڊ لنگهي هندستان ۾ آيا ۽ ڪاٺيا واڙ جي ڏکڻ ڏي ڪنيات جي نار ۾ ديو نالي هڪڙي ننڍڙي ٻيٽ ۾ اچي لٿا. اتي هو 19 ورهه ساندهه رهيا پيا هئا پوءِ 717ع ۾ هو سمنڊ جي رستي بمبئي جي اتر ۾ گجرات جي الهندي ڪناري تي سجن ۾ آيا، جتي جو حاڪم جادو راڻو هو. هنن گهڻا تحفا نذرانو ڪري راڻي کي ڏنا ۽ اتي رهڻ جي لاءِ اجازت گهريائون. انهي وچ ۾ ويهاري ورهه هندستان ۾ رهڻ ڪري هنن اتي جي ٻولي ۽ هندن جون رسمون رواجون به چڱي طرح معلوم ڪيون پلڪ ڪي انهن مان منجهن به پنجي ويون هيون. تنهن ڪري راڻي کي اعتراض ڪو نه هو. انهي هوندي به هنن کان سندن مذهب جي مک اصولن بابت پڇا ٿي. هنن جي وڏن پادرين يا موبدن هيٺيان سورهن اصول لکي پيش ڪيا:

1. اسين هُرمزد (وڏي خدا) ۽ سج ۽ پنجن عناصرن کي پوڄيندا آهيون.
2. اسان ونهجڻ ۽ سيوا ڪرڻ ۽ باهه کي نذر ڏيڻ ۽ کائڻ وقت ماٺ ڪندا آهيون.
3. اسين پنهنجي مذهبي رسمن ادا ڪرڻ مهل واس ڌوپ ۽ خوشبوين ۽ گل ڪم ۾ آڻيندا آهيون.
4. اسين ڳانءِ جي پوڄا ڪندا آهيون.
5. اسين هيٺين پاڪ پوشاڪ پهرينداسين، ڪندا آهيون، پهراڻ، چيلهه لاءِ ڪستي يا جيٽو ۽ ٻن ٽهن واري ٽوپي.
6. شادين جي وقت اسين راڳن ڳائڻ ۽ سازن وڄائڻ سان خوشيون

ڪندا آهيون.

7. اسان جون زالون زيور ڍڪنديون ۽ خوشبو لڳائينديون آهن.
8. اسين مذهبي حڪمن موجب گهٽي سخا ۽ خيرات ڪندا آهيون خصوصن ڪوهن ۽ تلاهن کوٽڻ سان.
9. اسين پين مڙس ۽ زالن سان همدردي ڪندا آهيون.
10. اسين ڳئون مترا ياگانءِ جي مُٽ سان وُضو ڪندا آهيون.
11. سيوا ڪرڻ ۽ کائڻ وقت اسين پاڪ ڪمربند ڍڪيندا آهيون.
12. پاڪ باهہ جي شعلي پر واس ڌوپ وجهندا آهيون.
13. اسين ڏينهن ۾ پنج دفعا عبادت ڪندا آهيون.
14. اسين مڙس ۽ زالن جي پاڻ ۾ پاڪائي ۽ وفاداري بلڪل سنڀال سان بجا آڻيندا آهيون.
15. اسين پنهنجن ڏاڏن پڙ ڏاڏن جي پاران ساليا نون مذهبي رسمون بجا آڻيندا آهيون.
16. پارن جڻڻ کان پوءِ اسين پنهنجن زالن تي سخت روڪ رکندا آهيون.

انهن مان ڪي قلم راجا جي خوش ڪرڻ لاءِ بہ شايد گڏيا ويا، پر ڪنهن بہ صورت ۾ راجا پارسين کي اتي رهڻ جي موڪل ڏني انهي شرط تي تہ هو ملڪ جي ٻولي ڳالهائيندا ۽ پنهنجي زالن کي هندي نموني جي پوشاڪ ڍڪائيندا ۽ مڙس ماٿهو زرهہ ڍڪيندا ۽ پنهنجن شادين جون رسمون رات جو ادا ڪندا. هنن اهي شرط قبول ڪيا ۽ سنجن جي ويجهو هڪڙي غير آباد پٽ ۾ بينڪ بنائي رهي پيا. 721ع ۾ هنن پنهنجو آتڪشده يا باهہ جو مندر بہ اتي بنايو. ٽي سو ورهہ برابر هو آرام سان اتي رهندا آيا. جڏهن هو گهڻا ٿيا تڏهن سورت ۽ نو ساري ۽ بروچ ۽ کنبات ۽ ڪن ٻين شهرن ڏي ويا. انهي طرح پيا بہ ٻہ سو ورهہ گذري ويا ۽ پارسي هندن سان گڏ سلوڪ ۾ رهندا آيا ۽ گهڻو ڪري آبادي جي ڪم ۾ مشغول رهيا. اٽڪل 1501ع ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ لڙائي لڳي ۽ سنجن جي پارسين پنهنجي راجا کي چڱيءَ مدد ڏني ۽ پهرين لڙائي ۾ پارسي فتحياب ٿيا پر پٺي ۾ سنڌن مهندار مارجي ويو ۽

هندن شڪست کاڌي. سنجن ۾ پارسين تي مسلمانن اهڙي سختي ڪئي جو گهڻا ڀڄي ڀڄي ٽڪرن ٽڪرن ڏي ويا، پوءِ نيٺ نو ساري ۾ وڃي ويٺا. جڏهن يورپين هندستان ۾ واپار جي لاءِ آيا ۽ ڪوٺيون ڪڍيائون تڏهن پارسي پوڪ جوڪم چڙي يورپين واپارين جا دلال بڻيا. جنهن ڪري سگهوئي وڏي دولت هٿ ڪيائون. سورت بندر زور ورتو لڳو ۽ نو ساري وسري وئي. اتي فقط دستور يا پادري رهندا اچن. 1661ع ۾ بمبئي بادشاهه چارلس ٻئي کي پورتيوگيز بادشاهه کان ڏاج ۾ ملي ۽ ڦهريون پارسي جو بمبئي ۾ اچي ويٺو سو دورابجي نانا پاٽي نالي هو جو پورتيوگيزن جو هڪڙو عملدار هو. نيٺ ملبارهل واري ٽڪري تي پارسين پنهنجو قبرستان يا ٺلهه ٺهرايو. پوءِ ته بمبئي بلڪ ساري هندستان جا وڏا وڏا شهر پارسين سان ڀرجي ويا، جن مان ڪي ڪروڙ پتي ۽ سخي ۽ قابل جهانديده ماڻهو تي گذريا آهن.

هڪڙو پارسي ڪتاب زردشت نامه هڪڙي پارسيءَ جو لکيل آهي جنهن تي سن 1277ع پيل آهي. انهي ۾ پارسين جي پيغمبر زردشت جو احوال لکيل آهي. انهي ۾ آهي ته جڏهن هو ڄائو تڏهن هڪدم هن کي هڪڙي مچ ۾ اڇلائي وڌائون پر ڪيس ڪو به ايذاءُ ڪو نه پهتو. ائين ئي ستو پيو هو. ڍورن جي رستي تي ڇڏيو ويو ته به ايذاءُ ڪو نه پهتس. بگهڙن جي گلي ۾ ڇڏي ويو ته به بگهڙن ڪين ڇيس، تنهن کان پوءِ هن کي ملائڪ آسمان ۾ کڻي آيا ۽ اتي پيٽ ڦاڙي هن جا آنڊا ڪڍي وري وجهي ڇڏيائون. اهڙا گهڻا معجزا هن جا آهن. اهي ڏسي وقت جي بادشاهه گشتا سپ هن کي پيغمبر ڪري مڃيو. عيسوي سن کان اٽڪل هزار ورهه اڳي رهندو هو.

پارسين جو پاڪ ڪتاب زنداوستا زند ٻولي ۾ لکيل آهي جا سنسڪرت سان گهڻو مشابهه آهي. هئي ٻوليون يا پاڻ ۾ ڀيڻون آهن. ٻنهي جي گرامر ۾ٽي عدد ۽ اٺ حالتون آهن. لفظن ۾ فرق اچار يا آواز جو آهي. مثلن سنسڪرت جي مُنڍ واري "س" بدلجي "هه" تي ٿئي جيئن سوم کي هوم ٿا ڪن يعني شراب وارو ڏٺ. "سا" کي "ها" يعني هو. اسُرَ کي اهر يعني خداوند . سنسڪرت. هه بدلجي "ز" ٿئي ٿي.

جئن تہ همڙ بدلجي زڙ ٿئي ٿي يعني سيارو. زنده جي "ز" سنسڪرت جي "ج" سان بدلجي ٿي جئن زن بدلجي جن ٿئي ٿي يعني ڄمڻ يا پيدا ڪرڻ. سنسڪرت شو بدلجي سپ ٿئي ٿو جئن اشوَ بدلجي اسپ ٿئي ٿو يعني گهوڙو.

مذهبن جي اصولن مان ڪڏهن هڪڙي خدا جي پرستش معلوم ٿئي ٿي، ڪڏهن ٻن جي ۽ ڪڏهن گهڻن جي. شايد جدا جدا زمانن ۾ جدا جدا اعتقاد پي بدليا آهن. گاٿن ۾ هڪڙي خدا جي پرستش جي تعليم ڏنل آهي. وند سداد ۾ ٻن خدائن جي ۽ يشن ۽ يشت ۽ وسپرد ۾ گهڻن خدائن جو ذڪر آهي.

مٿي چيو ويو آهي تہ روح چڱا بہ ۽ بڇڙا بہ آهن، جنهن ڪري اهر مزد ۽ اهريمن جي يعني نيڪي ۽ بدي جي پاڻ ۾ مخالفت هلندي اچي. اهر مزد جي پاسي چڱا روح هي آهن: "اميش سپينت يا امش اسپند جي مڙئي ڇهہ آهن:

1: ووهو منو (نيڪدلي)

2: آشا وست (راست باري)

3: ڪشتر ويريہ (اعليٰ بادشاهي)

4: سپينت ارميتي (پاڪ ڏاهپ)

5: هوروتات (تندرستي)

6: امر تات (هميشہ جي حياتي)

انهن جي هيٺان ٻئي درجي وارا چڱا روح آهن جي "يزت" جي جدا جدا عناصرن تي مقرر آهن جئن تہ باهہ ۽ روشنائي، واءُ يا هوا، ڌرتي يا مٽي ۽ پاڻي. انهن جا نالا هي آهن:

1: اتر يا اٿريمن (باهہ جو روح)

2: مِتر (روشنائي جو روح)

3: تستري (سيرس تاري جو روح)

4: اناهت (پاڻيءَ جو روح)

5: وايو (واءُ جو روح)

6: سروش (دعا ٻوڌي، ٻڌندڙ روح)

7: اشي ونگوهي (زال ملائڪ، اهر مزد جي ڏي)
8: فراوشي (هندن جي پترين جهڙي اندروني طاقت)
9: هوم (هڪڙي خاص وڻ جي رس، هندن جي سوم جهڙي)

خراب روح سڀ اهريمن جي طرف جا آهن ۽ ديو يا جن شمار ڪيل آهن. اهريمن کي انگرو مئينوس بہ چوندا آهن. اهي خراب روح سڀ چڱن روحن جا ضد يا مخالف آهن، ۽ ويد وارن چڱن ديون کي بدلائي خراب ديو ڪيو اٿن.

بهشت کي گرود نان ٿا چون يعني ڳائڻ جي جاء، جو اتي اهر مزد رهي ٿو ۽ ملائڪ انهي جي تعريف جا راڳ ڳائيندا آهن. هو سون جي تخت تي ويٺو آهي ۽ سندس آس پاس اهميس سپينٽ ۽ يزت ۽ ٻيا صالح روح رهن ٿا. جئن هندن وٽ ڪئيلاس، سو جو بهشت هماليہ جبل تي آهي تيئن اهر مزد جو بهشت بہ البر زحيل جي چوٽي تي آهي، جو زمين تان مٿي وڃي تارن ۽ سج تائين ٿو پهچي. انهي جي هيٺان آسماني سمنڊ آهي جو ڏرتي تي مينهن جي صورت ۾ وسي ٿو. انهي مان هوم واري وڻ کي پاڻي اچي ٿو ۽ ٻيو بہ هڪڙو خدائي وڻ آهي جنهن جي ٻجن مان ڌرتي جا سڀ وڻ ٻوٽا ڄمن ٿا.

دوزخ کي دروگو دنان يا ديوي جي جاء ٿا چون، اتي اونداهي ۽ خوفناڪ شيون آهن. اهو ڌرتي هيٺ اتر جي پاسي آهي. انهي جو منهن اريزرا جبل جي پاسي ۾ آهي. خراب ماڻهو اتي زهري شيون کائيندا ۽ خراب بابسون سنگهندا. اتي ويدن جا ڪوڙي ۽ رشي قيد آهن.

بهشت ۽ دوزخ جي وچ تي چنوت يا چينود جي پل آهي. انهي انصاف جي پل تي نيڪ ماڻهو سڀ صحيح سلامت لنگهي ويندا ۽ خراب ماڻهو ۽ گنهگار ڪري دوزخ ۾ پوندا، جو انهن لاء تمام سوڙهي ۽ هنن جي لاء ڪشادي معلوم ٿيندي. مسلمانن جي پل صراط بہ اهڙي ٿي آهي، جا وار کان بہ سنهي ۽ ترار کان بہ تکي آهي.

قرباني ۽ نذراني جي لاء هيٺيون شيون ڪم اينديون آهن. هوم جي رس جو شراب، جون يا چانورن مان جڙيل جو موبد يا دستو ٻاهر جي اڳيان ٿورو ٻي پيو کوهہ ۾ وجهندا آهن. هڪ ڏينهن ۾ پنج پيرا اهو

ڪم ايندو آهي. اڳئين زماني ۾ ڍڳن ۽ ٻين جانورن جون به قربانيون ڏينديون هيون جئن آرين هندو به ڪندا هئا. انهي ڪان سواءِ ماني، گل، ميوا خصوصاً ڪجر ۽ ڏاڙهون ۽ ڏاڙهن جا پن ۽ هوم جون ٽاريون ۽ ڪڻهن ٽورو تازو کير وغيره.

رياضت ۽ روزا ۽ بک ڪڍڻ جي منع آهي. پيٽ ڀري کائڻ بهتر آهي جو ماڻهو تندرست ۽ طاقت وارو ٿو رهي. ڪنئارو يا اڻ پرڻيل ۽ دنيا ترڪ ڪرڻ به پسند نه آهي. شادي جو گهڻو تاڪيد آهي. هڪڙي زال سان شادي جو عام رواج آهي. بدحالي، زنا ۽ جادو جا ڪم ناروا آهن. مثل ماڻهو يا ڪتي کي هٿ نه لائجي نه ته پليت ٿي پئبو ۽ نه هڪڙو ماڻهو ڪنهن جي لاش کڻي، سزائون ڏوهن جي لاءِ ڇهبڪن ۽ قيد ۽ موت جي ملندي آهي. (*)

فارسي ڪتاب دستان المذاهب ۾ لکيل آهي ته پارسين جي مذهب جا ٻارهن فرقا آهن جي جدا جدا موبدن يا ٻانين جي نالن پٺيان سڏبا آهن ۽ جن جي اصولن ۾ البته فرق آهي. جئن ته سپاسي، جمشاسپي، سمرادي، خدائي، شيدزنگي، پيڪري، ميلاني، الاري، شيدابي ۽ آرزي ۽ آرز هوشنگي به سڏيندا آهن. انهن جا اعتقاد علمي به آهن ۽ عملي آهن. ڪي فلسفي يا حڪمتي اعتقاد رکندا آهن ۽ ظاهري نالا ۽ معنائون ڇڏي حقيقي معنائن کي وسهندا آهن ۽ خدا کي واحد ۽ پاڪ سمجهندا آهن جنهن پهرين عقل ڳل پيدا ڪيو جنهن کي آزاد لهمن ٿا چون. انهيءَ جو پهريون تجلو پهريون عقل ٿيو. انهي طرح تجلي يا پرتوي پٺيان تجليءَ ٿيندا ويا ۽ آسمان زمين وغيره پيدا ٿيندا ويا. پوءِ آسماني روح ۽ انساني روح پيدا ٿيا. روح کي ازلي ۽ ابدي ٿا ڄاڻن. خدا کي جڻ ته سج ٿا سمجهن ۽ عالم جڻ ته تارا آهن. انهي طرح انهي ڪتاب ۾ مفصل بيان ڏنل آهي جنهنجو مختصر مضمون به هتي ڏيڻ گهٽي جاءِ والاريندو.

(*) مي جي پاڳو متفرقه احوال بابت دوسا ڀائي فرامجي ۽ ولسن ۽ ڪن ٻين ڪتاب تان ورتو ويو آهي.

مانويہ يا مانيءَ جو مذهب

ان جو باني:

هن مذهب جو باني ماني نالي هو جو پارسي، عربي ۽ ٻين ڪتابن ۾ مشهور آهي ۽ فردوسي جي شاهنامي ۾ بہ ان جو ذڪر آهي. هو هڪڙو مشهور نقاش ٿي گذريو آهي جو عيسوي صدي ۾ رهندو هو. هو بابل ۾ ڄائو هو. سندس اصلي نالو ڪيريڪس يا فورينقيس بن فوتاڪ قاتن هو ۽ حڪيم قادرون جو شاگرد هو. عيسائي ۽ زردشتي مذهب گڏي انهي مان پنهنجو هڪڙو نئون مذهب بنايائين، جنهن جو بنياد هن ڳالهہ تي هو تہ عالم ۽ جيڪي ان ۾ آهي سو ٻن شين يا اصولن مان جڙيل آهي جي ازل کان هئا ۽ ابد تائين هوندا ۽ ٻئي هڪجهڙا هئا مگر هڪڙي مان سڀ چڱائي يا خير پيدا ٿيو ۽ ٻئي مان بڇڙائي يا شر. پهرين انجيل نازل ڪيو ۽ ٻئي توريت. پهرين جسم پيدا ڪيو ۽ ٻئي روح. انهن پنهنجن اصولن جا هن گهڻئي ڪتاب لکيا جئن تہ انگليون ۽ شاپورگان ۽ ڪنيزا لاهيا ۽ سفرا الجبابره ۽ مقالات ڪثيره. هن پاڻ کي نبي سڏايو ۽ نقاشي هنر ۾ اهڙو قابل هو جو روم ۽ چين جا نقاش بہ کيس استاد ڪري مڃڻ لڳا. سندس نقشن جو ڪتاب رزنگ نالي فارسي ڪتابن ۾ مشهور ۽ ضرب المثل آهي. ايران جي بادشاهہ شاپور پهرين جي راڄ ۾ ظاهر ٿيو ۽ ايران ۾ اچي پنهنجن عقيدن جو وعظ ڪرڻ ۽ پنهنجا نقاشي وغيره جا ڪتاب ماڻهن کي ڏيکارڻ لڳو. بادشاهہ سان ۽ ان جي حڪم موجب ٻين حڪيمن ۽ عالمن سان گهڻا بحث ڪيائين. تمام گهڻا ماڻهو سندس مريد ٿيڻ لڳا ۽ سندس مذهب گهڻو پڪڙجي ويو. آخر شاپور يا حرام جي زماني ۾ هن کي جهلي جيئري کل لاهي ماري شهر جي وڏي دروازي تي لڙڪائي ڇڏيائون. بيروني جي تاريخ موجب هن جي ڄمڻ جو سال

215ع ڌاري آهي.

هو پنهنجي پيءُ وانگي ڪچيءَ کان عيسائي هو پوءِ ٻين مذهبن مان بہ چڱي طرح واقف ٿيو. چون ٿا تہ ماني کي ننڍي هوندي الهام اچڻ لڳو. ٽيهن ورهن جي عمر ۾ هن پنهنجو نئون مذهب بڻايو ۽ شاپور بادشاهہ جي تخت نشيني جي جلسي يا جشن ۾ وڃي اتي پيش ڪيو يعني 241ع ۾. سگهو ئي پوءِ ايران ڇڏي ٻين ملڪن ۾ گشت ڪرڻ ۽ وعظ ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجن شاگردن کي نائب ۽ داعي ڪري ٻين پاسن ڏي موڪليائين، جي چين ۽ هندستان تائين بہ اچي نڪتا. پاڻ کي نہ فقط نبي سڏايائين، پر پوئين نبي سڏايائين، يعني خاتم النبيين، جو حضرت محمد ﷺ جو لقب آهي.

سگهو ئي پوءِ ملڪ گهمي موٽي ايران ۾ آيو. زردشتي يا مجوسي عالمن جي پڪار تي شاپور هن کي ڪٺي قيد ڪيو پر هو قيد مان ڀڄي ويو. شاپور جو جانشين هرمز هن تي مهربان ٿيڻ لڳو پر انهي جي مرڻ کان پوءِ بهرام پهرين هن کي مجوسين جي حوالي ڪٺي ڪيو. جن 276ع ۾ هن کي ڦاسي تي چاڙهيو ۽ پوءِ ان جي لاش جي کل لاهي لڙڪائي ڇڏيائونس جنهن مٿي ڇيو ويو ۽ ان جي مريدن کي ڏاڍو خوار خراب ڪيائون. مانيءَ جا ست ڪتاب لکيل هئا، جن مان هڪڙو خاص حضرت عيسىٰ جي انجيل جي بر خلاف هو. اهي سڀ يوناني ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجما ٿيا آهن.

مذهبي اصول:

مانيءَ جي مذهب جا اصول فلسفي آهن، مگر جسمانيت سان گهٽو واسطو اٿن، اگرچہ انهن ۾ طبيعي ۽ اخلاقي نڪتا بہ اچي وڃن ٿا. انهن ۾ مک بہ وڏا اصول آهن، خير ۽ شر جا. هڪڙي جو واسطو نور يا روشنائي سان ٿئي جو اونداهي سان. مذهبي علم جو مدعا آهي طبعيت ۽ ان جي عناصرن جي پوري خبر ۽ واقفيت رکڻ ۽ اجرن نجات آهي اونداهي مان. نور جو عنصر يا پاڳو ڪيڏي ڏار ۽ آزاد ڪرڻ، جنهن لاءِ پرهيزگاري ضروري آهي. روشنائي يا چڱائي اصلي روح

آهي يعني خدا، جنهن مان ڏهه يا ٻارهن جوهر يعني نيڪيون يا نيڪ اخلاق چمڪن ٿا: محبت، ايمان، سچائي، بزرگي، ڍاهپ، نرمائي، علميت، سمجهه، ڳجهه ۽ حقيقت. اها آهي نوراني يا روشنائي جي بادشاهت. ساڳي طرح اونداهي جي بادشاهت بہ روحاني آهي. مگر ٻنهي مذڪر جنس جي آهي ۽ پوئين مونث. ٻنهي جو واسطو آسمان سان آهي ۽ پوئين جو زمين سان. ٻنهي جي مٿان خدا يا يزدان آهي ۽ پوئين جي مٿان ڪو ڪونهي. انهي اونداهي جي بادشاهت ۾ شيطان يا اهرمن جائو هو. اهي ٻئي بادشاهتون اصل کان ضد ۽ مخالف پيدا ٿيون هيون ۽ اگرچہ هڪٻئي جي پاسي سان هيون پر پاڻ ۾ گڏجي نہ پيون. پوءِ شيطان نوراني بادشاهت تي ڪاهه ڪئي. انهي جي مقابلي لاءِ نوراني بادشاهت جي مالڪ خدا آدم يا انسان پيدا ڪيو ۽ پنج پاڪ جوهر يا عناصر ڏنائينس ۽ شيطان سان وڙهڻ جي لاءِ ۽ هڪالي ڪيڻ لاءِ حڪم ڏنائينس. پر شيطان زور هو ۽ انسان شڪست کاڌي. تنهن تي خدا پاڻ پنهنجن ملائڪن جي هٿان شيطان کي شڪست ڏني پر آدم کي هيٺ زمين تي لهڻو ۽ رهڻو پيو. انهي طرح سان عالم جو ماندڻو ٿيو جو روشنائي ۽ اونداهي جي گڏيل جزن مان جڙيو. ساري عالم ۾ ڪيترائي آسمان ۽ زمينون آهن جي نوراني ملائڪ جهليو بيٺا آهن سج ۽ چنڊ روشنائي جا چشما آهن. ٻنهيون آدم ۽ چڱا ملائڪ ۽ روح سج ۾ رهن ٿا. چنڊ ۽ برج بہ روشنائي جون جايون آهن. پر عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ ٻنهيون آدم شيطان پيدا ڪيو جنهن منجهس گهٽائي خراب اخلاق داخل ڪيا ۽ جيڪي روشنائي جا اصلوڪا جزا منجهس هئا سي اونداهي ڪيڏي چڙيا هئا. پر هڪڙو نور جو ذرو منجهس رهجي ويو. بي بي حوا بہ شيطان جوڙي آدم کي ڏني، جنهن ۾ پڻ نور جو ذرو رهيل هو. انهي هوندي بہ نوراني ملائڪ آدم کي مدد ۽ هدايت ڪندا رهيا، اگرچہ شيطان جي طرفان هن ۾ نفساني خواهش ۽ شهوت زور وٺي وئي. هابيل ۽ قابيل آدم جا پٽ آهن پر شيطان جا پٽ هئا بي بي حوا جي پٽيان. مگر شيث آدم ۽ حوا جو سچو پٽ هو ۽ نور سان ڀريل هو. انهي طرح آدم ذات جدا جدا طبعيتن ۽ اخلاقن جي پيدا

ٿي. انهي کان پوءِ شيطان جو لشڪر جن پوت ۽ ناپاڪ روح ماڻهن کي گمراهه ۽ گنهگار ڪندا وتن ۽ چڱا روح هنن کي بچائيندا ۽ مدد ڪندا رهن. اها مدد علم جي وسيلي هنن کي ڪم ٿي اچي ۽ انهي علم ۽ هدايت لاءِ پيغمبر دنيا ۾ آيا. حضرت آدم کان حضرت عيسيٰ تائين ۽ انهي کان پوءِ پويون يعني خاتم النبيين خود ماني هو. هي اهو نبي آهي جو آخرين اچڻو هو ۽ جنهن جي پيشنگوئي اڳي ڪئي وئي هئي ۽ جنهن کي فارقليط ٿي چيائون. انهي جي ئي مدد سان آدم ذات مان اونداهي نڪري ويندي ۽ وري اصلوڪي روشنائي داخل ٿيندي. جڏهن سڀ اونداهي نڪري ويندي ۽ فقط روشنائي وڃي بچندي تڏهن عالم پورو ٿيندو ۽ سڀ نوراني ملائڪ ۽ خود خدا ظاهر ٿيندو. دنيا کي باهه ساڙي ڇڏيندي. سڀ روشنائي مٿي چڙهي ويندي ۽ سڀ اونداهي هيٺ رهجي ويندي. في الحال دنيا ۾ روشنائي ۽ اونداهي گڏي پئي آهي.

ماني مذهب وارن کي حڪم آهي ته نفساني خواهشن کان پري رهن ۽ پليت ۽ ناپاڪ کاڌو نه کائين ۽ شراب نه پين، ماس کان گوشو ڪن، فقط ڀاڄيون کائين، ناپاڪ ڳالهيون نه ڪن ۽ شادي به نه ڪن جو انهي ڪري نفساني خواهش پيدا ٿئي ٿي. روزا گهڻا رکجن. سال ۾ ٽي مهينا روزا رکبا هئا. آچر جو ڏينهن وڏو سمجهندا هئا. نماز يا عبادت ڏينهن ۾ چار ڀيرا ڪندا هئا. ۽ هر هڪ نماز کان اڳي وضو ڪندا هئا. سج يا چنڊ يا اتر قطب ڏي منهن ڪندا هئا، جتان روشنائي نڪرندي آهي. رياضت اهڙي سخت هئي جو فقط ڪي چونڊيل ماڻهو ڪندا هئا نه ٻيا عام. تنهن ڪري مانويه مذهب جا ٻه فرقا ٿيا هڪڙا خاص يا چونڊيل ۽ ٻيا عام. بت پرستي ۽ جادو ۽ ڪوڙ ۽ زنا ڪاري ۽ خون ڪرڻ کان هنن کي سخت منع هئي. ماني جي مرڻ جو ڏينهن يا مهينو (يعني مارچ) سڀ کان سڳورو سمجهندا هئا ۽ روزا رکندا هئا.

ماني جي مذهب ۾ پوءِ گهٽيون ڦيريون گهيريون ٿينديون ويون ۽ چوٿين ۽ پنجين عيسوي صدي وارا مانويه ماڻهو قريب عيسائي مذهب جا ٿيا. ماني جو مذهب پهرين ايران ۽ آس پاس وارن مشرقي ملڪن ۾ پکڙيو ڪن صدين تائين انهي جي مکه جاءِ بابل يا بابيلان هو ۽ پوءِ

سمر قند ٿيو. اسلام جي فتحن کان پوءِ بہ جاري رهيو. اگرچہ گھڻي تڪليف ٿيڻ لڳن. پر پوءِ منجھس سڌارو ٿيندو ويو. ڏهين عيسوي صدي ڌاري سڀ مانويہ مذهب وارا ايران ۽ آس پاس مان نڪري وچ ايشيا ڏي ويا جتان منگوال قوم وارن انهن جي پاڙپٽي ڪئي.

يونان ۽ روم جي بادشاهت ۾ اهو مذهب پهرين پهرين 280ع ۾ داخل ٿيو ۽ 330ع واري ساري شهنشاهت ۾ عام پکڙجي ويو ۽ عيسائي مذهب وارن سان خوب چٽا ڀيٽيون ڪاڏيون. شام ۽ آفريڪا ۾ بہ پکڙجي ويو. 440ع ڌاري تہ روم ۾ گهڻو زور ورتائين پر ليو ۽ والنتين شهنشاهن انهي مذهب وارن کي شهر نيڪالي ڏني. انهي هوندي بہ هڪڙي نہ ٻي صورت ۾ اهو مذهب تيرهين عيسوي صدي تائين هلندو رهيو.

maablib.org

هندن جو مذهب

قديم هند جا اصل رهاڪو:

هندستان ۾ گهڻن هنڌن تي پٿر جا تير ۽ ٻيا اوزار لڌا آهن، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ اتي اهڙيون جهنگلي قومون رهنديون هيون جي پٿر واري زماني جون هيون ۽ لوهہ ۽ ٻين ڌاتن جي اڃا خبر ڪا نہ هين. پائنجي ٿو تہ اهي شيدين جهڙا ڪارا ماٿهو اڀرندي وارن ٻيٽن تي رهندڙ هئا. اڃا بہ قريب انهن جهڙا انڊمان ٻيٽن ۾ آهن.

ڪولارين ۽ دراودن جون ڪاهون:

ٻهرين ٻهرين چينين ۽ تاتارين جي ڪن قومن هماليہ جبل جي اتر اڀرندي وارن درن مان لنگهي جبل جي ڀاڙ ۾ اچي ويٺا. انهن جو اولاد هاڻي بہ نيپال ۽ ڪن ٻين هنڌن تي موجود آهن. ٻيون ڪي قومون جئن تہ ڪولي يا ڪولاري ساڳئي رستي ڪان جبل لنگهي ڏکڻ الهندي ڏي آيا. هاڻوڪا سنتال ۽ ڀيل انهن جو اولاد ٿا ڏسجن. ٻيون ڪي قومون وري اتر الهندي وارن درن مان لنگهي ڏکڻ هندستان ۾ آيا. اهي هئا دراودي. پائنجي ٿو تہ ڪولاري ۽ دراودي، ٻئي وچ هندستان ۾ اچي گڏيا ۽ پاڻ ۾ وڙهيا. دراودي زور وارا هئا سي هنن کي لتاڙي ڏکڻ هندستان تائين اچي نڪتا. انهن اصلوڪن هنڌن ۾ ٿورو گهڻو سڌارو هو ۽ قلعا ۽ شهر بہ هئن.

آرين جي ڪاهہ:

ڪولارين ۽ دراودين ڪان پوءِ هماليہ جي اتر الهندي وارن درن مان وري آرين قوم جا ماڻهو هندستان ۾ آيا. يوناني ۽ لئٽن ٻولي ۾ آر چوڻ هڙ کي. هاڻوڪي سنسڪرت ۾ آري چون شريف ۽ سکر ماڻهو کي.

پاڻنجي ٿو تہ اهي ماڻهو آبادي ڪندڙ ۽ زياده سڌريل هئا. ارڙهين عيسوي صدي ۾ سر وليم جونس، منڪس ملر ۽ ڪن ٻين عالمن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ يوناني، لاٽن، جرمن ۽ ٻين يورپين ٻوليون سنسڪرت سان مشابھ آهن ۽ انهن جا گهڻا لفظ هڪجهڙا آهن تنهن مان ثابت آهي تہ اهي سڀ ٻوليون ڪنهن ٻي اڃا بہ قديم ٻولي مان نڪتل آهن، جا آرين ماڻهن جي هئي ۽ جي وچ ايشيا ۾ رهندا هئا. گهڻن جي راءِ آهي تہ يورپ ۾ رهندا هئا. پوءِ ايرندي وارا آرين لنگهي ايران ۾ آيا ۽ اتي سڌريا ۽ پوءِ انهن مان ڪي لنگهي هندستان ۾ آيا. اهي همالیہ جبل جي اتر الهندي وارن درن ڪان لنگهي آيا. تعداد ۾ تمام گهڻا هئا تنهن ڪري ٻيلا، ميدان، ترايون سڀ والاري ويهي رهيا. اتي جي جهنگلي قوم، سندرن کي حتيائون ۽ انهن کي داسيو جو نالو ڏنائون يعني دشمن. انهن کي پنهنجا ٻانها ڪيائون ۽ داس لفظ ان مان نڪتو آهي. اها آرين جي جنگ ديسي ماڻهن سان ورهن جا ورهہ پئي هلي. اهي آرين هاڻوڪن يا پوءِ جي ويد وارن هندن ڪان ٻي طرح جا هئا شراب پيندا هئا. ڍورن جو گوشت کائيندا هئا.

انهن جو مذهب:

انهن قديم آرين جو مذهب يا ڌرم ايرندي ايشيا وارن جهڙو هو. هڪڙي خدا جو خيال هون مگر جنن ڀوتن ڪان گهڻو ڊڄندا هئا ۽ انهن کي ظالم سمجهندا هئا تنهن ڪري انهن کي راضي رکڻ لاءِ رت جون قربانيون ۽ ناچ ڪندا هئا. هنن جو ويساهہ هو تہ قتل ٿيل ماڻهن جا روح بدلجي جن ڀوت ٿي موٽي دنيا ۾ اچن ٿا ۽ ماڻهن کي ستائين ۽ ايذاءُ رسائين ٿا. تنهن ڪري انهن ڪان ڊڄندا هئا ۽ انهن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

جڏهن آرين آيا تڏهن انهن بہ اهڙو ويساهہ پرايو. هر هڪ ڳوٺ ۾ هڪڙو ڏار ديوتا انهي ڳوٺ جي بچاءَ لاءِ پيدا ٿيو جنهن کي گرام ديوتا سڏيندا هئا. انهن جو بت ۽ مندر ٺاهيائون جنن اتر ۽ ڏکڻ هندستان ۾ هنومان شمار ڪيل آهي. انهيءَ ڪان جن ڀوت ڀڄندا هئا.

تنهن ڪري باندر کي پاڪ جانور ليکڻ لڳا ۽ پوءِ برهمڻ به اهو ويساهه رکڻ لڳا. انهن کان سواءِ ماتا يا امان جي شنوا به عام ٿي. هر هڪ ڳوٺ ۾ مرد ديوتا سان گڏ ماتا ديوتا به هئي، جا خوفناڪ ۽ بيمارين وجهندڙ سمجهبي هئي. تنهن ڪري انهي کان پاڻ زياده ڊڄندا هئا ۽ انهي لاءِ قربانيون ڪندا هئا. سيتلا ماتا يا سيتلا ديوي يا فقط ديوي يا ماري امان جي نالي هيٺ انهن جي پوڄا ٿيندي هئي. اڃا تائين به اها جاري آهي.

آرين جا اوائلي خدا يا ديوتا:

پهرين پهرين هو قدرتي شين ۽ طاقتن کي پوڄڻ لڳا. جئن ته آسمان، سج، چنڊ، باهه، پاڻي سيني کي ديو جو نالو ڏنائون جنهن جي معنيٰ آهي چمڪندڙ شئي. اصلوڪي ايشيا واري وطن ۾ آرين ماڻهو هڪڙي خدا کي مڃيندا هئا ۽ انهي کي هڪڙي ئي نالي سان سڏيندا هئا. سنسڪرت ۾ انهي جو نالو هو "دمايش پتر". يونانين ۾ "زيوس پيتر"، لاٽن ۾ "جيو پيتر"، فارسي ٻولي ۾ "تر" دياش يا آسمان ٿيو. ٻيو ديو ۽ پرٿوي يا زمين ٿي ان جي ڏال يا جهان جي ماتا ۽ ديوي. دنيا جي سنڀال لاءِ "وُرونا". آلو ۽ انسان گڏ "مترا" جو ڏينهن جو ڪمائتو هوندو هو ۽ ورونا رات جو. سگهو ئي هندستان ۾ مينهن جي ضرورت معلوم ٿي، تنهن ڪري اندر آيو. جو سوم شراب جو شوقين هو ۽ جنگ ۾ زور وار هو. نيٺ اهو زور وٺي دياش کان به درجي ۾ مٿي چڙهي ويو ۽ وڏو بادشاهه يا راجا شمار ۾ آيو. پوءِ باهه جو خدا آيو جنهن کي اگني ڪوٺيائون ۽ گهه وجهڻ سان انهي کي پوڄڻ لڳا. سج کي به جدا جدا نالن سان پوڄڻ لڳا. مترا، سوريه، ساوتري ۽ وشنو اهي سيئي سج جي خدا جا نالا هئا جو صبح جو اڀرندي کان گاڏيءَ تي چڙهي نڪرندو، جنهن ۾ ست گهوڙا هڏل هئا. انهن سيني جو ذڪر ويدن ۾ آهي. ساوتري جي تعريف گائتري ۾ آهي. وشنو به وڏن خدائن مان آهي. ۾ پوءِ منو واري ڌرم شاستر ۾ يعني مها ڀارت ۽ پرانن ۾ لهي پئي درجي تي آيو. سوم شراب جي تعريف ويد ۾ گهٽي آهي. جنڊ ۾ جي ديوتا به شمار ۾ هو. ليڪن پوءِ وشنو پُران جي وقت شراب جي منع ٿي

۽ سوم جهڪوڙي ويو. ڪيترائي بيا خدا هن جي ويدن ۾ بلڪ پرانن ۾ بہ ڪنهن جي پوءِ پيدا ٿيا، جيئن تہ ميتر، مهاديو، دُرگا، ڪالي، رام، ڪرشن، رُدرا. نکو پوئين هندن وارن ٽري مورتي يعني برهمر ۽ وشنو ۽ سوَ تيئي گڏ، جنهن جو نشان اوم آهي، سو ويدن ۾ ذڪر ڪيل آهي.

ويدَ:

هي لفظ ود مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڄاڻڻ يا علم. اهي پاڪ شعرن يا مناجاتن جا مجموعا آهن جيئن تہ رگ ويد، يجر ويد، سام ويد، ۽ اٿروا ويد. انهن ۾سچي علم حاصل ڪرڻ جا رستا ٻڌايل آهن. هر هڪ ڪتاب جي منڍ ۾ برهمر آهي برهما جي چئن واتن مان ڪيئي ظاهر ڪري ٿو ۽ برهما اهي رشين کي سيکاري ٿو. اهي خود رشين جا لکيل معلوم ٿين ٿا ۽ حضرت عيسىٰ کان هزارين کن ورهہ اڳي لکيا ويا هئا. ويدن ۾ مڙئي ٽي ٽيهہ يارهن خدا ڄاڻايل آهن يعني ٽيٽيهہ. رگ ويد ۾ آهي تہ اگني کي ٽي لک ٽي هزار ۽ ٽيهہ خدا پوڄيندا هئا. پرانن ۾ تہ خدائن جو تعداد وڌي ٽيٽيهہ ڪروڙ ٿي پيو. ويدن ۾ انهي طرح بيشار خدائن مان هڪڙي خدا جي اعتقاد ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي، مگر هڪڙي ڏار واحد خدا جي بدران سارو جهان هڪڙو خدا شمار جڻ لڳو يا جيئن صوفي اصطلاح ۾ همہ اروست جي بدران همہ اوست ٿيو. يا انگريزي ۾ مانو ٿيئزم جي بدران پان ٿيئزم ٿي پيو.

برهمنا:

هندن جي پاڪ ڪتابن مان پهرين درجي جا آهن ويد ۽ ٻئي درجي وارن کي سروتي چوندا آهن يعني ٻڌل. رگ ويد جا مک بہ ياڳا هئا سام ويد ۽ يجر ويد. ڪرما ڪرمن وڌڻ ڪري نوان ڪتاب پوءِ شامل ڪيا ويا جن کي برهمن سڏڻ لڳا يعني برهمنن جا. انهن جا بہ بہ ميرا آهن وڏي ۽ ارٿ واد يعني قانون ۽ انهن جي سمجهاڻي. برهمنن جي زماني ۾ قربانيون عام ٿيڻ لڳيون ۽ قربانيون ڪرڻ وقت گهڻا راڳ ڳائڻ ۾ ايندا هئا.

ٻلي يا قربانيون:

قرباني جي ڪم لاءِ خاص اوزار ۽ ٻيون شيون درڪار هيون جئن تہ ٻوپ يا ڪاٺ جنهن سان قرباني وارو جانور ٻڌندا هئا ۽ ٻاٽي ۽ ڪير ۽ ماس جي لاءِ ٿانوَ ڪاٺي، ڪهاڙي، شيخ، ڏويون، سوم شراب لاءِ پيالا. سفيا يا ڪاٺ جي ترار، زمين تي ليڪن ڪيڻ لاءِ وهندي يا قربانگاهہ جو ٿلهو. تن قسمن جا برهمڻ اهو ڪم ڪندا هئا. ٻڪريون، رڍون، ڳئون، ڍڳا، مينهون، هرڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهوڙا قربان ڪندا هئا. اندر جي لاءِ هڪڙي ٻيري تہ ٽي سو مينهون گڏ ڪنيون هئائون. ڳانءِ جي قرباني ڪي گوميڌ چوندا هئا. ويدن جي زماني ۾ اهي سڀ جانور روا هئا. ٻڌ ڌرم جي جاري ٿيڻ کان پوءِ اهي بند ٿيا. قديم زماني ۾ تہ ٻين جهنگلي قومن وانگي ماڻهن جون قربانيون بہ ڪرڻ ۾ اينديون هيون جن کي پُرش ميڌ چوندا هئا اهي مَنُوءَ جي ڌرم بند ڪرايون.

اُپنشد:

هي هندن جو فيلسوفي ڌرم آهي. انهن ۾ آسمان ۽ زمين ۽ مخلوقات جي پيدا ٿيڻ جو ذڪر آهي ۽ جدا جدا رشين جا رايا گڏ ڪيل آهن. اهي في الحال مڙئي 176 آهن ۽ انهن جو تعداد اڃا بہ وڌندو وڃي. انهن مان ڪن مختصر ڳالهين جو مضمون هتي ڏجي ٿو. مخلوقات سموري برهم ۾ پنج منجهان پيدا ڪئي، جئن مڇ مان ڇٽگون نڪرن يا جئن ڪوڙئو پاڻ منجهان تاني اڻي ۽ وري بہ وڃي انهي ۾ ٿا پون جئن نديون جبلن مان نڪري وري وڃي سمنڊ ۾ ٿيون پون. ٻر ويدانت جو اصول پيو آهي. انهي موجب سچي هستي فقط برهم جي آهي ٻي ساري ڪائنات فقط خيال يا مايا آهي. روح قد ۾ فقط آڱوٺي جيڏو آهي مگر تمام ننڍو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ تمام وڏو بہ ۽ رهي دل ۾ ٿو. هڪڙي خدا جي نسبت ۾ هيٺيان جملا اپنشدن ۾ اچن ٿا. "سَروَمَ ڪلو دَم برهم." يعني سڀ ڪجهہ برهم آهي. "ايڪم اواد وتيم." يعني هڪڙو جنهن جو ٻيو ڪو ثاني ڪونهي. برهما سمي آءٌ برهم آهيان. يا جئن انا الحق چئجي. "تت توم اسي." يعني اهو تون آهين يا جئن

چئجي تہ تون ئي تون.

هندو فلسفي جا ڇهہ درس:

مذهبي فلسفي جا ڇهہ درسن يا سمجهاڻيون آهن جي جدا جدا عالمن جون ڏنل آهن:

1: گوتم جي نياءِ.

2: ڪناد جي ويسشڪ.

3: ڪپل جي سانکيہ.

4: پتنجليءَ جي يوگ.

5: جئمين جي هماس ۽ بادراين يا وياس جي ويدانت.

هر هڪ جا سوتر موجود آهن يعني مختصر احوال. انهن ڇهن ئي درسنن مان هيٺيان اصول چونڊي ڪڍجن ٿا:

1: روح ازل کان ابد تائين قائم آهي، يعني انهي کي نہ ابتدا آهي نہ انتها.

2: مادو جنهن مان سارو عالم ٺهيو اهو بہ هميشہ کان هو ۽ هميشہ هوندو، يعني هندو فلسفہ اصل انهي ڳالهہ کان انڪاري آهي تہ اصل کي بہ ڪين هن خدا پوءِ ڪي ڪين مان سڀ ڪجهہ خلقيو.

3: روح اصل حقيقت ڪري خود نسورو خيال ۽ علم آهي مگر اهي خاصيتون فقط تڏهن ظاهر ڪري يا عمل ۾ آڻي سگهي ٿو جڏهن انهي کي ڪا جسماني صورت ملي ٿي ۽ منَ سان شامل ٿئي ٿو يعني دل ۽ دماغ سان. من جسم سان لاڳو آهي ۽ روح يا ساهہ کان اهو عليحده شئي آهي.

4: روح ۽ جسم جي شامليت يا ميلاپ مان بندش پيدا ٿئي ٿي. يعني قيد ۽ انهي ڪري انساني روح جي لاءِ عذاب ۽ مصيبتون پيدا ٿيون ٿين. هن طرح تہ انهي ميلاپ مان عمل يا ڪرم پيدا ٿا ٿين جي ڀڄڙا بہ آهن چڱا بہ آهن. پوءِ انهي جو نتيجو ضرور ڏسڻو ٿو ٿئي. انهي ڪري بندش يا قيد پيدا ٿو ٿئي.

5: انهن عملن جي پڇڙ يا پوري ٽيڙ لاءِ جنهن کي ڪرم و پاڪ

ٿا چون، روح کي ضرور جزا ۽ سزا جي هنڌ وڃڻو پوي ٿو پر اتي انعام توڙي سزا، پوري طرح انصاف رو، ملي نه ٿي سگهي.

6: تنهن ڪري روح کي وري وري هن دنيا ۾ اچڻو ٿو پوي ۽ بيشمار جسمن ۾ پوڻو ٿو پوي. دنيا ۾ خرابي ۽ بدي ۽ ڏک ۽ مصيبت جو اهو ئي سبب آهي.

هاڻي هر هڪ درسن جو ڏار مختصر مضمون ڏيو.

1: نياءِ: هن ۾ نجات يا ڇوٽڪاري (مُڪتي) حاصل ڪرڻ جو عملي رستو منطقي طرح سمجهايل آهي.

2: ويشيشڪ: هن ۾ذري يا جزي جي وصف ڏنل آهي جن مان عالم پيدا ٿيو يا بنيو. عالم ۾ هڪڙو وڏو روح (روح ڪُل) موجود آهي ۽ بيا بيشمار ذرا يا (جزوي روح) موجود آهن، جي ازلي ۽ ابدي آهن.

3: سانکيه: هن ۾ ٻه اصلي طاقتون بيان ڪيل آهن. هڪڙي پراڪرت جا هي سڀ ڪا شئي بنائي ٿي. ۽ جا ٽن ٽن گڻن مان ٺهيل آهي.

سَتوَ (سچ) رَجَسَ (شهوت يا ڪاوڙ) ۽ تمس (اونداهي) اهي ٽي جزا گڏجي سڀ ڪا شئي جوڙين ٿا جنهن ۾ هر هڪ جزي جي انداز يعني گهٽائي يا ٿورائي موجب انهي ۾ اهي گڻ پيدا ٿين ٿا. ٻي شئي آهي پرش يا روح، جي ذرن وانگي بيشمار آهن ۽ ازلي، ابدي ۽ اڻ ڦرندڙ آهن. پراڪرت سان گڏجڻ کان سواءِ اهي پاڻ کي ٻه ڪين ڪري ٿا سگهن. ظاهري عناصر پنج آهن، جن کي مها پوت ٿا چون. اهي هي آهن: آڪاس (يا آسمان، ٻڌڻ جو حواس، ڪن)، وايو (واءُ يا هوا، ڇهڻ جو حواس، ٻت جي کل)، تجبس (باهه يا روشنائي، رنگ ڏسڻ جو حواس، اکيون)، اپَسَ (پاڻي، چکڻ جو حواس، زبان)، پرٿوي (مٽي يا ڌرتي، سُنگهڻ جو حواس، نڪُ). هن فلسفه موجب عالم ۾ خدا جو ضرور ڪونهي نڪو اهڙو ڪو وجود آهي جنهن دهري چوندا آهن. انهي ڪري انهن کي نرس ور سانکيه چوندا آهن. پراڪرت جڙ ته عالم جي ماءُ آهي ۽ سڪتي يا مونث طاقت آهي ۽ مک مذڪر ديون جون جڙ ته اهي علحديون طاقتون يا زالون آهن.

4: يوگ: يعني ميلاپ يا وصال يعني واصل باالله ٿيڻ جي حالت

انهي جي حاصل ڪرڻ لاءِ نفس مارڻو آهي. جنهن جا هيٺيان اٺ رستا، آهن: يَمَ (روڪ)، نياڱ (ڌرمي ڪريا ڪرم يا رسمون ادا ڪرڻ) ، آسن (وهڻ جون صورتون)، پراڻايام (دم يا ساهه کڻڻ جي باقاعدي سنڀال)، پراتيا هار (حواسن کي روڪڻ)، ڌارن (سُڄيت يا خبردار رهڻ) ، ڌيان (هڪ هنڌ خيال ڄمائڻ)، سماڌ (خيال ۾ محو يا بيخود ٿي وڃڻ يا فنا جي حالت) اهو آهي پتنجلي جو يوگ شاستر.

5: ميِمَاس: هن ۾ خدا جي هستيءَ کان انڪار ڪونهي مگر اهو ويد سمجهيل آهي. ڌرم جو مدعا آهي ويد ۾ ڏنل رسمون ۽ قربانيون پوري طرح ادا ڪرڻ. پيو ڪو ڌار خدا ڪونهي، جو اهي ڪم پسند ڪري يا نہ ڪري. انهن ڪمن جو پاڻهي انعام ملندو يا سزا ملندي.

6: ويدانت: هي هندن جو مک فلسفو آهي انهي ۾ سنسڪرت اچاريہ جا 555 سوتر يا اصول ڏنل آهن. پهريون وڏو اصول آهي "برهم جڄناسا" (يعني: برهم جي سڃاڻڻ يا خدا شناسيءَ جي خواهش) پيا آهن. برهم جي سچي هستي، عالم جي ڪوڙي هستي يا مايا روح جو خود برهم هئڻ. ساري عالم جو برهم هئڻ يا همہ اوست يا همہ اروست. انهي هڪڙي هستي جو نالو آهي آتما يا برهم يعني پرش. ويدانت کي هڪڙي هستي رکڻ ڪري ۽ ٻيائي يا دوئي نہ رکڻ ڪري آدوَئت چوندا آهن ۽ سانکيہ کي ٻن هستين يا دوئي رکڻ ڪري دوَئت چوندا آهن. اها هڪڙي هستي يا وجود مطلق ٽي صورتون ٿو رکي. سَت (هستي) ڇت (علم) آنند (خوشي) حقيقت اهو وجود يا ذات مطلق نيستي جي برابر آهي ۽ خواب يا ننڊ جي آزادي يا خوشي آهي ۽ فقط جڏهن مايا سان شامل ٿي ٿئي تڏهن انهي کي ڪثرت جي ڪري ڪا ظاهر هستي اچي ٿي ۽ انهي وجود کي ايسور يعني خدا ٿا چون. جو ٽن گنن يعني ستق رجسَ ۽ تمسَ جي رستي عالم پيدا ڪري ٿو ۽ انهي کي سنڀالي ٿو ۽ انهي کي ناس يا نيست نابود ڪري ٿو. پر اهي سڀ اصل اوڏي يعني بي عملي يا ڪوڙي علم يعني مايا مان پيدا ٿيا، جنهن ڪري سڀ ڪنهن ماڻهو جو جيو آتما يا روح پاڻ کي يا ٻئي عالم کي هست ٿو سمجهي جيئن اونداهي ۾ رسي کي يلجي نانگ سمجهجي.

جڏهن ويدانت جي رستي سچو علم حاصل ٿئي ٿو ۽ روح جسم جي بندش کان آزاد ٿئي ٿو تڏهن حقيقت معلوم ٿئي ٿي تہ سارو عالم پر م آتما آهي. "تَت توَمَ اَسي" (اهو برهم تون آهين.) يا "اهمَ برهم" (آءُ خدا آهيان يا انا الحق). اها آهي مڪتي يا نجات جا حاصل ٿئي ٿي.

انهي هندو ڌرمي فلسفہ جو بيان ڀڳوت گيتا ۾ ڏنل آهي جا مها ڀارت جي وچ ۾ وڌي وئي آهي ۽ جنهن جي مصنف جي پوري خبر ڪانهي. انهي ۾ ارجن ۽ سري ڪرشن جي گفتگو يا سوال جواب ڏنل آهن. انهي ۾ يوگ ۽ سانکيہ ۽ ويدانت ملائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ساڻس ڀڳتي ۽ ڌرم شامل ڪيل آهن. اهو شعر تن ڀاڱن ۾ آهي، هر هڪ ۾ ڇهہ باب آهن. سارو هندو فلسفہ انهي ۾ چٽن ڪيل آهي.

منوءَ جو ڌرم شاستر:

ويد جي زماني ۾ هندن منجهہ ذات پات جو ڪو بہ فرق ڪو نہ هو انهي هوندي بہ ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو فرق ويد مان نڪتل آهي ۽ تہ اهي چار ذاتيون برهم جي وات ۽ ٻانهن ۽ رانن ۽ پيرن مان نڪتيون آهن ڪي چون ٿا تہ برهمن ديوتائن مان نڪتا ۽ سدرن اسرن مان. هڪڙي ڪتاب ۾ آهي تہ سڀ ماڻهو وِوَسوت جو اولاد آهن ۽ ڪي چون تہ انهي جي پٽ منوءَ جو. ڀڳوت پران ۾ آهي تہ ستيہ يگ ۾ فقط هڪڙي ذات هئي پوءِ ترتانگ ۾ ذاتيون ڌار ٿيون. ذات کي سنسڪرت ۾ جات چوڻ ۽ رنگ کي چون ورن. آرين جي هند ۾ آيا، سي هلڪي رنگ جا هئا ۽ هند جي اصلوڪن رهاڪن کي ڪاري رنگ وارو سڏيائون. پوءِ اچن ۽ ڪارن مان جيتيندڙن ۽ جيتيلن جو يا آزاد ۽ ٻانهن وارو فرق پيدا ٿيو. جدا جدا ڌنڌن جو بہ ذاتين جي فرق پيدا ڪرڻ ۾ واسطو رهيو. جدا جدا هندن تي رهڻ جو بہ هڪڙو سبب هو. جڏهن آرين هندستان ۾ آيا تڏهن ڌرمي ۽ جنگي ڌنڌن وارا ماڻهو هڪڙي ذات جا هئا. رشي ويد ۽ ڌرمي ڪمن سان گهڻو واسطو رکندا هئا، تن جو اولاد برهمن هو. اهڙا ست رشي شمار ٿيندا آهن ۽ انهن رشين مان ڪي بادشاهہ بہ هئا، جن کي راج رشي چوندا هئا. ۽ بادشاهہ

جنگي پهلوان بہ هئا ۽ اهڙا پيا بہ جنگي بهادر سورهہ هوندا هئا. انهي طرح پهرين ٻن فرقن جي وچ ۾ درجي يا ذات بابت حسد پيدا ٿيو: هڪڙا برهمن ٻيا کتري. نيٺ جڏهن وشن جو ڇهون اوتار پرسرام، يعني کهاڙي وارو رام ظاهر ٿيو تڏهن هن ايڪيهہ ڀيرا کترين جو کوس ڪيو ۽ ايترو رت وهايائين جو پنج ڍنڍون پرجي ويون. نيٺ برهمن فتحياب ٿيا ليڪن ڏاهپ ڪري هنن حڪومت جي دعوي ڇڏي ڏني. يعني هو پاڻ بادشاهہ يا حاڪم نہ ٿيٽا هئا مگر انهن کي ڌرمي هدايت ۽ ٻي قوم جي تعليم ڏيڻ جو ڪم حوالي رهيو. انهي طرح ذاتين جو فرق وڌندو ويو تان جو فقط برهمڻن جا ئي اٽڪل ٻہ هزار فرقا ٿي پيا ۽ سڀ هڪٻئي کان ڌار ۽ مخالف هئا. مثلن اتر وارا برهمن، جن کي گوڙ چوندا آهن، ۽ جن جون پنج ذاتيون آهن، تن ۾ اهو قاعدو آهي تہ جي سيئي گڏ هڪ هنڌ ويهي ماني کائن تہ انهن کي ذات مان يا تالئي مان ڪڍي ڇڏيندا آهن.

منوءَ جي ڌرم شاستر ۾ انهن ذاتين جو ۽ ٻيو ڌرمي، اخلاقي، قومي، ملڪي قاعدن قانونن جو بيان آهي، جي منوءَ پنهنجي ٻي برهم کان پڌايا سکيا ۽ انهن جي تعليم جو ڪم پنهنجي روحاني پٽن پرگو جي حوالي ڪيو. قاعدا گهڻو ڪري چڱا آهن. نموني جي لاءِ ڪي ٿورا هتي ڏجن ٿا:

برائي جي سزا نيٺ ملي ٿي، اگرچہ وچ ۾ برائي وارو ماڻهو خوش ۽ نصيب وارو هوندو. سڄي دولت ۽ نعمت ڌرم کان سواءِ ٻي ڪانهي. سڀ ڪنهن ڪم لاءِ ماڻهوءَ کي اندر مان ضمير جو حڪم ملي ٿو انهي تي هلڻ گهرجي اهو خدا جي طرفان مليل سمجهي. ديوتا يا طاقت وارا جيڪي وٽين سو ڪن انهن تي ڪو بہ ڏوهہ جو الزام اچي نہ ٿو سگهي باقي ٻين لاءِ واقفيت هئڻ جي حالت ۾ ڏوهہ جي سزا زيادہ ٿئي ٿي. مثلن چوري جي حالت ۾ سدر کي الوٽي ڳڻي سزا، ويشئہ کي سورهن دفعا ڳڻي، کتريہ کي ٽيهہ دفعا زيادہ ۽ برهمڻ کي چوهٺ دفعا زيادہ بلڪ پورو سئو. جو پٽ کان سواءِ مري ٿو سو پٽ نالي دوزخ ۾ پوندو، ڇا لاءِ جو پٽ پيءُ کي دوزخ کان لڪائي ٿو تنهن ڪري انهي

کي پتر ٿا چون. چوري جي سخت سزا هٿ وڍڻ آهي. ڪن حالتن ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ يا ڪوڙو قسم کڻڻ روا آهي جيئن تہ محبت يا شادي جي ڪمن ۾ يا ڳائين کي گاهہ يا ٻئي ڪاڌي ڏيڻ ۾ يا ڪنهن برهمڻ کي فائدي ڏيڻ ۾ وغيره. زالن کي فقط پنهنجي مڙسن جي شيوا ڪرڻي آهي، ٻيا ڌرمي رسمي ڪم سڀ معاف آهن. برهمڻ سڀني جو سردار آهي ۽ سدر کي ٻانهن وانگي زور سان هلائي ٿو سگهي. سدر کي ماري وجهڻ اهڙو آهي جهڙو ٻلي يا ڪتي يا ڏيڏر يا ڇپري يا ڪرڙي يا ڪانگ کي مارڻ. راجا دنيا جي هيٺين اٺن ديوتائن جو اوتار آهي يعني چنڊ، باهہ، سج، واءُ، اندر، ڪوبر، ورونا ۽ يمّ جو.

راماين:

ڌرمي پاڪ ڪتابن کان پوءِ ٻئي درجي ۾ اتهاس يا ڌرمي جنگين جا شعر شمار ڪيل آهن جن کي راماين ۽ مهاڀارت ٿا چون. انهن ۾ ڌرم ۽ تاريخ ۽ جغرافيہ جو پورو بيان ڏنل آهي. اهو ٻہ ڀاڱو ٿي ويو آهي تہ جيڪي مهاڀارت ۾ ناهي سو ڀارت ۾ يعني هند ۾ ناهي. راماين ۾ رام جا ڪارناما ڏنل آهن. اهو شعر فردوسي جي شاهنامي وانگي آهي. والميڪيءَ جو جڙيل آهي جو هن برهما جي حڪم ۽ الهام موجب لکيو ۽ جو رام جو همعصر هو ۽ اهو وقت عيسوي سن کان پنج سو ورهہ اڳي هو. انهي ۾ مڙئي ڇهہ ڪتاب آهن، ستون پوءِ ان ۾ شامل ڪيو ويو. انهن جو مختصر مضمون هي آهي:

1: **بال ڪانڊ:** رام جي ٻاراڻي وهي ۽ سيتا سان انهي جي شادي.

2: **ايڌيا ڪانڊ:** ايڌيا ۾ جيڪي ٿي گذريو ۽ رام کي سندس ٻي پيءُ دسرت شهر نيڪالي ڏني ٿو.

3: **ارنيا ڪانڊ:** رام بنَ يا ٻيلي ۾ وقت گذاري ٿو ۽ راوڻ سيتا کي کڻي وڃي ٿو.

4: **ڪشڪنديا ڪانڊ:** ٻاندرن جي بادشاهہ سُگريو جي گادي جي هنڌ ڪشڪنديا ۾ رام جي رهڻ جو احوال.

5: **سُندر ڪانڊ:** رام ۽ سندس دوست ۽ مددگار سمنڊ لنگهي

لنڪا جي ٻيٽ ۾ اچن ٿا، جتي ديو يا ڀوت رهن ٿا.

6: يُڌ ڪانڊ: رام راوڻ سان جنگ ڪري ٿو ۽ سيتا هٿ ڪري موٽي ايڌيا ۾ اچي ٿو.

7: اُتر ڪانڊ: سيتا جي شهر نيڪالي ڪيس ٻن پٽن جو ڄمڻ، رام سان موٽي گڏجڻ، مرڻ ۽ سرگ ۾ وڃڻ.

مها ڀارت:

يعني وڏو ڀارت يا هندستان جي وڏي جنگ. دهلي جي اتر ڏي اتر هندستان کي ڀارت ورش يا ڀارت جو ديس سڏيندا آهن انهي جي قبضي هٿ ڪرڻ لاءِ ڀارت جي اولاد جي وچ ۾ وڏي ويڙهه ٿي. ڀارت چنڊ جي شاهي خاندان مان هو. انهي جي اولاد مان ڌرترا شتر جا سئو پٽ هئا، جن کي ڪورو سڏيندا هئا. انهي ڌرترا شتر جي وڏي ڀاءُ ڦکي ڪل واري پانڊوءَ جي پنجن پٽن يا شاهزادن جي وچ ۾ اها جنگ لڳي هئي. انهن ٻنهي طرفن جي بهادرن جي وچ ۾ ڪُرڪشتر جي ميدان تي ارڙهن لڙايون لڳيون، جن ۾ پانڊو فتحمند ٿيا ۽ بادشاهي هٿ ڪيائون ۽ ڪورو ناس ٿي ويا. فتحمند پانڊو وڏي گهوڙي جي قرباني ڪن ٿا ۽ چڱي راڄ هلائڻ کان پوءِ ميرو جبل ڏي اڪيلو سفر ڪن ٿا ۽ اتي جي سرگ ۾ داخل ٿين ٿا. اهو آهي قصو ۽ انهي جي مصنف آهي ڪرشنا ڌوئي پاين، جنهن کي وياس سڏيندا هئا. برهمن کي انهي جي لکڻ ۾ مدد ڪئي ۽ گنيس انهي جو ڪاتب ٿيو. ويدن کي سُدر ۽ زالون ٻڌي نه ٿيون سگهن تنهن ڪري انهن جي فائدي لاءِ وياس مها ڀارت شعر ۾ لکيو. انهي ۾ ٻه لک ويهه هزار ٻگهيون مصراعون آهن. انهي جهڙو وڏو شعر جو ڪتاب دنيا ۾ ڪونهي. انهي ۾ هزارن تسمن جا مضمون ڏنل آهن. گهڻو ڪري سڪندر جي هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ جو لکيل آهي. اهو راماين کان پوءِ جو لکيل آهي. انهي جا ارڙهن پرو يا ڀاڱا آهن. جدا جدا نالن ۽ مضمونن سان جيئن ته سڀا پرو، ون پرو، وراٽا پرو، اُديوگ پرو وغيره. انهي مان هري ونس وارو ڀاڱو جنهن ۾ هري يا وشنو جو نسبنامو ڏنل آهي ۽ مڙئي

16374 شعر آهن، تنهن جا ٽي پروا يا ڀاڱا آهن. پهرئين ۾ دنيا جي پيدا ٿيڻ ۽ ڪيترن منوئن ۽ منونترن، سج ۽ چنڊ وارن خاندانن ۽ وشنوءَ جي اوتارن ۽ دئيتن جي ناس ڪرڻ جو ذڪر آهي. ٻئي ۾ ڪرشن جي سوانح عمري ڏنل آهي، ٽئي ۾ دنيا جي آئندي حالت ۽ ڪالي يوگ جي خرابين ۽ پڇاڙي ۾ وشنوءَ جي ٽن اوتارن جو ۽ سوجي پوڄا لاءِ سندس ڪيلاس ڏي وڃڻ جو ذڪر آهي.

پُرانَ:

پُرانَ ۾ عالم جي پيدا ٿيڻ جو ان جي ناس ٿيڻ ۽ وري نئين سر پيدا ٿيڻ جو ديوتائن جي نسب نامن يا شجرن جو جيڪي مَنُو ٿي گذريا تن جي راڄ يا منُونترن جو ۽ راجائن جي سج ۽ چنڊ وارن خاندانن جي تاريخي احوال جو بيان آهي. انهن پنجنئي مضمونن کي پنج لَکشن ٿا چون. سڀ پران شعر ۾ لکيل آهن. مڙئي ارڙهن آهن ۽ انهن کان سواءِ ارڙهن ننڍا پران آهن. ارڙهن پرانن جا جدا جدا نالا آهن جيئن تہ برهم پران، پدم پران، وشنو پران، وائو پران، ڀڳوت پران، نردَ پران وغيره. سيني ۾ مڙئي چار لک شلوڪ يا بيت يعني سورهن لک مصراعون آهن. انهن مان سيني کان وڏو سڪند پران آهي جنهن ۾ ايڪاسي هزار شعر آهن ۽ سيني کان ننڍا برهم ۽ وامن پران آهن، جن مان هر هڪ ۾ اٽڪل ست هزار شعر آهن. هڪڙو انهي مان جهونو آهي ڇهين عيسوي صدي جو لکيل پيا تيرهين کان سورهين صدي جي اندر جا لکيل آهن.

انهن پرانن مان وشنو پران ۾ جغرافيہ يا ڌرتي جو بيان هن طرح آهي: هڪڙي مَنوءَ جي پٽ پريا ورت نالي پنهنجو رٿ يا گاڏو ست پيرا ڌرتي جي چوڌاري ڪاهي وڃي تہ جيڪي کڏون ان جي ڦيٿن کيون، سي ست وڏا سمنڊ ٿي پيا، جن ڪري ست کنڊ (هفت اقليم) يا ست دويپ ٿي پيا، جن جا نالا هي هئا: جَنب، پلَڪش، سَلمَل، ڪُش، ڪرنچ، سڪ ۽ لشڪر. هر هڪ کنڊ هڪڙو بيٽ آهي جنهن جي چوڌاري هيٺيان ست سمنڊ آهن: لوُن (کاري پاڻيءَ جو) اِکش

(ڪماند جي رس جو)، سُرَ (شراب جو)، سرپ (گهه جو)، ڏڌ (ڏڌ يا ڏونري جو) ڏڳت (کير جو) ۽ جَل (تازي پاڻيءَ جو). انهن سڀني جي وچ ۾ جَمبُدويپ کنڊ آهي جنهن جي وچ ۾ ميروءَ جو سونو جبل آهي، جنهن جي اونچائي چوراسي هزار يوجن آهي ۽ ڌرتي جي سطح کان سورهن هزار يوجن اونهو آهي. انهي جي چوٽي جو قطر ٻٽيهه هزار يوجن آهي ۽ ان جي پاڙ يا بنياد سورهن هزار يوجن آهي. خود ڌرتي هڪڙي اننت نالي هزار سسين واري نانگ تي رکيل آهي جو وشنو جو هڪڙو اوتار آهي. اهو نانگ هڪڙي ڪڇونءَ جي پٺ تي بيٺل آهي ۽ ڪڇون وري اٺن هاٿين تي بيٺل آهي، جي اٺن پاسن کان بيٺل آهن. جڏهن نانگ يا ڪو هاٿي ٿڪجي ٿو تڏهن پاسو موڙي ٿو جنهن ڪري ڌرتي ڌٻندي آهي.

نظام شمسي بابت پرانن ۾ آهي تہ وچ ۾ ڌرتي آهي ۽ انهي جي چوڌاري هڪبئي مٿان سج، چنڊ، چنڊ جا برج، گهمندڙ تارا ڦرن ٿا. هر هڪ جو پنڌ ڌرتي کان يوجنن ۾ ڏنل آهي. ڪتين جا ست تارا، ست رشي آهن. سڀ تارا ڌروو يا قطب تاري تي ڦرن ٿا. سج ۽ چنڊ گرهڻ جو سبب هي ڏنل آهي تہ اسر راهوءَ جي وريل سسي انهن کي ڳهڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. راهوءَ جي حياتي جي پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ سج ۽ چنڊ انهي وشنو کي چغلي هنئي جنهن پنهنجي چڪر سان ان جي سسي لاهي ڇڏي. انهي سسي جو انهي ڪري سج ۽ چنڊ سان وير رهجي ويو.

پُرانن جا مک ديوتا:

معلوم هجي تہ برهما اسم مذکر آهي ۽ برهم اسم ذات آهي، نڪي مذکر نڪي مونث. پهريون عالم جو روح ڪُل آهي ۽ پويون انهي جي هڪڙي صورت يا اوتار آهي جو خلقيندڙ آهي. ويدن ۽ براهمنن ۾ برهما لفظ آهي ئي ڪو نہ. منوءَ جي ڌرم شاستر موجب برهما پهرين پاڻي خلقيو ۽ انهي ۾ ٻج وڌائين تہ سونو آنو ٿي پيو ۽ انهي مان پاڻ ڄمي پيو. برهما جي نسبت ۾ ڪيترين ئي عجيب مختلف

ڳالهيون ڪيل آهن. واچ يا ڳالهائڻ جي ديوتا. پرانن ۾ برهما جي زال سرسوتي سڏيل آهي جا علم يا گيان جي ديوتا آهي ۽ جنهن سنسڪرت بولي ڪڍي، اها اڇي رنگ جي ۽ ڪنول جي گل تي وهندڙ ڪيبي آهي. وشنو برهما جهڙو ئي ديوتا شمار ڪيل آهي مگر ويدن ۽ برهمنن ۽ مها ڀارت ۽ راماين ۽ پرانن ۾ ان جون جدا جدا صورتون ۽ درجا ڏنل آهن. انهي جا هزارين نالا ۽ شڪليون آهن، جن جو بيان ڪرڻ هتي مشڪل آهي. انهي جا اوتار بہ گهڻا آهن، جن مان ڏهہ مشهور آهن. مڇي، ڪڇون، سوئر، نر شينهن، ٻندرو، پرسرام (يعني ڪهاڙي وارو رام)، رام چندر (يا چنڊ جهڙو رام)، ڪرشن، (يا ڪارو)، ٻڌ ۽ ڪلڪ يا ڪلڪن جو دنيا جي پڇاڙيءَ ۾ ڪلجگ جي آخر ۾ آسمان تي ظاهر ٿيندو ۽ اڇي گهوڙي تي پچڙ تاري جهڙي ترار کنيو ويٺو هوندو. اهو بڇڙن کي ناس ڪندو ۽ چڱن کي آزاد ڪندو ۽ دنيا وري نئين ٿيندي ۽ ست جگ قائم ٿيندو. جگنات بہ ڪرشن جي هڪڙي صورت آهي جنهن جي اريسا جي پوري شهر جي مندر ۾ پوڄا ٿيندي آهي. وشنون جي پنٿ جا باني آچاريہ آهن ۽ انهن جا ڪريا ڪرم عليحده آهن. ڇهن ستن ورهن جا ٻار داخل ڪندا آهن ۽ هڪ سئو اٺن داڻن جي مالها يا ڪنٺي، تلسيءَ جي ڪاٺي جي ڳچيءَ ۾ وجهندا آهن ۽ پنهنجي گروءَ جي حڪم ۾ رهندا آهن. ڪرم مارگ يا گيان مارگ، يا ڀڪت مارگ، مڪتي حاصل ڪرڻ جا جدا جدا رستا آهن. انهن تي هلندڙن ۽ سوا ڪندڙن کي ڀاڪت يا ڀڳت چوندا آهن. هنن جا ڪيترائي فرقا آهن جن ۾ ٿورو گهڻو فرق رهي ٿو ۽ جدا جدا هنڌن تي اهي رهندا آهن جئن تہ راما نج (مدارس ۾)، ماڌو (ڪانارا ۾)، راما نند (بنارس ۾)، ولب (بندرابن ۾) چيتنيہ (بنگال ۾).

سيوَ: هي نالو بہ ويدن ۾ ڪونهي. چون ٿا تہ ويدن وارو رڌر اهو آهي جنهن جي معنيٰ آهي گجندڙ. وشنو ۽ سوَ فقط مها ڀارت ۽ رامائن ۾ ڏنل آهن. سوَ هماليہ جبل ۾ ڪيلاس تي رهندو آهي. هن جي زال پاروتي آهي جنهن کي درگا يا ڪالي يا امان يا ڀواني بہ سڏيندا آهن. ڪٿهن ڪٿهن سوَ کي پنج آنن چوندا آهن. جو پنج منهن ڏيکاريندا

اٿس ۽ ڪلهن هڪڙي منهن ۽ ٽن اکين سان، نانگ ڳچيءَ ۾ ڪوبراٿين جي مالها ۽ بيشمار نانگ بدن تي ويڙهيل اچي ڏاند (نند) تي چڙهيل. اڪثر پوتن سان لڙائي ڪندو آهي. هٿ ۾ ترشول ۽ ڪمان ۽ وچ اٿس ۽ هڪڙي سرڪڻ ڦاهي دشمنن لاءِ. سوجا هڪ هزار ۽ اٺ نالا شمار ڪيا اٿن. اهو ساري مخلوقات کي بلڪ ديوتائن کي بہ ناس ڪندڙ آهي ۽ وري پوءِ بيو پيرو پيدا ڪندڙ آهي. تپشا ڪري بہ اهو مهايوگي شمار ٿيل آهي. وديا يا علم جو بہ مربي آهن ۽ پوتن ۽ ناچ ڪندڙن جو بہ سردار آهي. نشي ۾ پنهنجي زال ديويءَ سان بہ نچندو آهي جنهن ناچ کي تندوَ چوندا آهن. شوجا پوڄاري ڏکڻ هندستان ۾ وشنوءَ جي پوڄارين کان گهٽا آهن. اهي پشاني تي رک هٽندا آهن. هو برهما ۽ وشنو کي ايترو مان نہ ڏيندا آهن انهن مان کي لنگداري يا لنگي آهن يعني لنگ جي پوڄا ڪندا آهن جا يارهين عيسوي صديءَ ۾ ڏکڻ هندستان ۾ جاري ٿي. هنن ۾ سنياسي بہ آهن کي گانجوءِ پنگ ۽ شراب بہ پيئندا آهن.

هندن ۾ ترمورتي ويدن جي ٽن ديوتائن اگني (باهہ)، وايو (واءُ) ۽ سوري (سج) جي مجموعي صورت کي چون ٿا يعني برهما سو ۽ وشنو جن مان پهريون پيدا ڪندڙ بيو ناس ڪندڙ ۽ ٽيو نڇائيندڙ طاقت آهي.

ڪالي: کي ماٿهو سوَ جي زال پاروتي جا خاص پوڄاري آهن. ڪلڪتي ۾ انهي ديوتا کي ڪالي جي نالي هيٺ پوڄيندا آهن. انهن کي ڪوبرا ٽين جي مالها پيل آهي ۽ پنهنجن مڙس سوَ جي جاتيءَ تي بيٺل آهي. هوءَ هميشہ رت پيئندڙ آهي. سو ورهن جي اڄ لاهڻ لاءِ هن کي چيتي يا شينهن جو رت گهرجي ۽ هزار ورهن لاءِ ماڻهوءَ جو. انهي جي نالي پٺيان زالون بدڪار ٿينديون آهن. انهن جي رسمن راهن جو بيان چوهٺ تنترن ۾ ڏنل آهي. هڪڙي نهرايل وڏي دسهن تي مڙس ۽ زالون گڏجي گهيرو ڪري ويهندا آهن ۽ ذات پات وساري عيش عشرت ڪندا آهن پنج ميم انهي وقت منجهن روا آهن: مَدي (شراب)، ماسَ (گوشت)، متسي (مڇي)، مدرا (پگل انَ يا پگڙا) ۽ مئيٿن (زال مڙس جو ميلاپ).

هندن جا مختلف ۽ گڏيل مذهب

هندن جي مٿين مک ڌرمن کان سواءِ ٻيا به ڪيترا مذهب يا پنڌ، آهن جي مختلف ۽ عجيب غريب اعتقادن وارا آهن ۽ جن مان ڪي، هندن ۽ مسلمانن مان گڏيل ۽ نهيل آهن. جڏهن مسلمانن هندستان فتح ڪيو تڏهن انهن جي مذهب جو اثر هندن تي به ٿيو. انهن مان ڪن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو.

بيراڳي:

بيراڳ يا ويراڳ چون طلب يا سک ۽ فراق کي. اهي دنيا ڪار تارڪ آهن. وشن ۽ ان جي اوتارن رام ڪرشن وغيره جا معتقد آهن. ۽ انهي جي تعريف ۾ ڪي بيت وظيفي وانگي پڙهندا آهن جن کي وشنو پد يا بشن پد چوندا آهن. مٿي وشنوءَ جي بيان ۾ به انهن جو اشارو ڏنو ويو آهي. تلسي جي ڪاٺيءَ جي داڻن جي مالها يا تسبيح گردن ۾ وجهندا آهن. انهي پنٿ ۾ هندو يا مسلمان يا ڪنهن به ٻئي مذهب جو ماڻهو داخل ٿي سگهي ٿو. اهڙا مسلمان بسم الله کي بشن الله سمجهندا آهن. وشن کي ٻي جسم جاٿيندا آهن ۽ روح انهي جو پرتو سمجهندا آهن ۽ جسم انهي جو عڪس. انهن جا چار پنج فرقا مٿي ڏنا ويا آهن.

ڪبيرپنٿي:

انهن مٿين بيراڳين مان هڪڙو مشهور ماڻهو ڪبير نالي هو. جو اصول ڪوري هو هن کي ڪنهن مرشد ڳولي لهڻ جو اچي خيال ٿيو. هندن مسلمانن بزرگن وٽ وڃڻ لڳو ڪٿي دل نه هچيس. ڪنهن هن کي راما نند برهمڻ جو ڏس ڏنو ۽ ان جي وڏس تعريف ڪيائين. انهي جي لاءِ هن جو اعتقاد ۽ ارادو پڪو ٿيو. پر خبر هيس ته هو عام ماڻهن خاص طور ڪورين سان ڪين ڳالهائيندو يا واسطو رکندو،

تنهن ڪري هڪڙي ڏينهن انهن جي لنگهڻ واري رستي تي هڪڙي ڪڏ يا کوهي ۾ لڪي ويهي رهيو. اَسُر جي وقت راما نند سنان جي لاءِ اچي لنگهيو. ڪبير هڪدم نڪري وڃي پيرن مان ورتس. راما نند رام رام جو وظيفو پڙهندو آيو. سو ٻڌي ڪبير به رام رام جو وظيفو ورتو ۽ خدا جي وحدت ۾ سگهوئي اهڙي ترقي ڪيائين جو پڪو محقق ۽ موحد درويش ٿي پيو ۽ پاڻ کي راما نند جو مريد سڏائڻ لڳو. اگرچه انهي اڃا اونداهي جي ڪري سندس منهن برابر نه ڏٺو هو. ماڻهن ڪبير جي ڳالهه راما نند برهمڻ کي ٻڌائي. انهي ڪبير کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ رام رام ڪندا هڪٻئي کي ڀاڪر پائي مليا. ماڻهو حيران ٿي ويا ته ڪيڏي هڙو نچ برهمڻ ۽ ڪيڏي هڙو نچ ڪوري. پر راما نند چيو ته ڪبير هن وقت جو سچو برهمڻ آهي جو برهم يا خدا جي ذات ۾ هن جو پڪو اعتقاد آهي. ڪبير جون ۽ ڪن ٻين مشهور بيراڳين جون ڪرامتون ۽ عمديون ڳالهيون داستان المذاهب ۾ ڏنل آهن، اتي ڏسڻ گهرجن.*

جوڳي:

بيراڳين ۽ سناسين جو جهيڙو هميشه لڳو اچي. سناسي به بيراڳين جهڙو هڪڙو رياضت ڪندڙ فرقو آهي. ۽ چارواڪ به اهڙو هڪڙو فرقو آهي ۽ ٻيا به ڪي آهن جي وري وشنوءَ جي ٻدران سوجا معتقد آهن ۽ انهن جو اشارو مٿي سوَ جي بيان ۾ ڏنل آهي. سناسين جا ڏهه ڏرقا شمار ٿيل آهن ۽ جوڳين جا ٻارنهن. انهن مان ڪي مسلمانن جي چشتي پيرن ۽ چوڏهن خاندانن جا معتقد آهن جن جو بيان صوفين جي ڪتابن ۾ آهي.

مداري:

جوڳين ۽ سناسين وانگي مدارين جو به هڪڙو فرقو آهي جي خاڪ يا ڀڀوت منهن کي مليندا آهن ۽ وارن کي وڌائي مٿي لاٽي ڳتيون

(*) وچ هندستان جا ڪي ڪبير پنٿي پاڻ کي ستنامي سڏائيندا آهن جو خدا کي ست نام جو نالو ڏيندا آهن.

ڪري ڇڏيندا آهن ۽ زنجير وجهندا آهن ۽ ياهه يا ڏونهين دکائي انهن جي اڳيان ويهي ميوا ڪندا ۽ گهڻي ڀنگ پيئندا آهن ۽ سخت سرديءَ ۾ به ڪپڙو نه ڍڪيندا آهن. انهن جو پير يا سردار بديع الدين مدار نالي جوڳي هو ۽ جوڳين کي گهڻيون ڪرامتون ڏيکاري پنهنجو مريد ڪيائين، ان جو مڪان مڪنپور آهي جتي سڀ جوڳي سال ۾ هڪڙو ڀيرو ويندا آهن. هندو مسلمان ھنن ۾ شامل آهن.

جدائي:

اهڙو ٻيو هڪڙو فرقو جلالين جو آهي جي سيد جلال بخاري اچ واري جا مريد آهن. جئن مداري مسلمان پاڻ کي سُني چوائن تئن جلالي پاڻ کي شيعو چوائين. اهي به ڀنگ گهڻي پين ۽ نانگ، وڇون ۽ گوهون کائن ۽ اگهاڙا گذارين بلڪ کي ڪراهت ۽ بيحيائي جهڙيون رسمون ادا ڪندا آهن. انهن جو هڪڙو فرقو ڪاڪي سڏيندا آهن. جلالين ۽ مدارين ۽ جوڳين ۾ به ملنگ ٿيندا آهن ۽ سناسين سان انهن جي جنگ رهندي آهي.

گوسائن:

گوسائن به مٿين فرقن وانگي گڏيل هندو مسلمانن جو فرقو يا پنٿ آهي. اهي هريداس نالي جا مريد آهن، جو جاٽ قوم مان هو. ڪي راجپوت به هن جا مريد هئا جن کي سانڪلا سڏيندا آهن. هن جون به گهڻيون ڪرامتون بيان ڪندا آهن. هو 1055ع هجري ۾ مري ويو. هو بتخاني ۽ مسجد سان ڪو واسطو نه رکندا آهن.

هو خدا کي نرنجن چائي پوڄا ڪندا آهن ۽ تنهن ڪري هو نرنجي سڏبا آهن. ساهوارن کي نه ايذائيندا آهن بلڪ گاهه به نه وڍين ۽ نه ماني رڌين يا پچائين جڏهن بک لڳيئين تڏهن هندن جي گهران پني کائين. ماس نه کائن. مرڻ مهل سڀ ڪنهن کان پڇندا آهن ته سندس لاش ساڙجي يا درياهه ۾ اڇلائجي يا پورجي. جيئن چوي تيئن ڪندا آهن.

دادو پنٿي:

دادو پنٿي پيو اهڙو هڪڙو فرقو آهي، جي هڪڙي شخص داد، پڃاري جا مريد آهن. اهو احمد آباد جو هو ۽ 1600ع ۾ رهندو هو. اهي به وشنوءَ جي پوڄارين مان آهن، ليڪن موحد آهن. اڪثر بادشاهه جي زماني جو هو.

پيارا پنٿي:

پيارا پنٿي به انهن جهڙا فقير آهن. بابا پيارا جا مريد آهن. ماڻهن جي درن تي وڃن ڪچن ڪين نڪي گهرن. پاڻهي ملين ته وٺي وڃن. مسلمانن کان گوشو نه ڪندا آهن. سوج مکي به اهڙو پيو هڪڙو فرقو آهي. بن باسي، اڪن پڳت، پون پڳت، مانس پڳت، ڊيڊ، ڇهڙا ۽ ٻيا ڪي فرقا به آهن جن جو ڌرم ۽ ڌرمي رسمون عجيب ۽ نراليون آهن.

نانڪ پنٿي يا سک:

هن پنٿ جو باني گرو نانڪ هو جو اصل کتري هو ۽ بابر بادشاهه جي زماني ۾ دولت خان لوديءَ جو مودي هو. هڪڙي درويش سان ملاقات ٿيس انهيءَ جي صحبت ۾ هو زال ۽ ٻار ٻچا ڇڏي دنيا ترڪ ڪري نڪري پيو ۽ رياضتون ڪرڻ لڳو. مسلمان عالمن ۽ هندو پنڊتن سان بحث ڪري انهن کي منجهائڻ لڳو ۽ وحدت جو قائل ٿيو ۽ ڪوشش ڪرڻ لڳو ته هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جو تعصب آهي سو نڪري وڃي ۽ ٻئي پاڻ ۾ دوست ٿي رهن. سناسي فقيرن ۽ ٻين جي خدمت چاڪري ڪندو رهيو. اهڙي هلت ڪرڻ لڳو جو خبر پئي نه ٿي سگهي ته هندو آهي يا مسلمان.

پهرين بابا نانڪ چوندا هئس پوءِ گرو نانڪ ٿيو. هن جي ڌرم جو اصول هو هري يعني خدا جي يڪتي ۽ گرو يا مرشد جي پيروي يا تابعداري. هن جي مريدن کي سک سڏڻ لڳا. سِک لفظ شِش مان آهي جنهن جي معنيٰ مريد. حقيقت ڪري نانڪ پنٿي يا سک ڌرم اصل يڪتي جو ڌرم هو پر پوءِ جو اهو هڪڙو جنگي فرقو ٿي پيو تنهن جو

سبب تواريخي آهي، جنهن جو مختصر بيان ڏيڻ ضروري آهي.

گرو نانڪ صاحب جي وفات کان پوءِ پيا گرو پشت به پشت سندس گادي تي وهندا آيا. هن طرح پهريون گرو نانڪ صاحب (1469ع-1539ع)، ٻيو گرو انگد صاحب (1539ع-1552ع) انهي آدي گرنٿ صاحب گڏ ڪيو. ٽيو گرو امرداس صاحب (1552ع-1574ع) هن جي اڪبر بادشاهه سان ملاقات ٿي ۽ هندن ۽ مسلمانن جي ميلاپ جي ڪوشش ڪئي. چوٿون گرو رامداس (1574ع-1581ع) هن کي اڪبر بادشاهه امر تسر ۾ زمين ٽڪر ڏنو جتي مشهور تلاءُ کٽايو ويو. پنجون گرو ارجن مل صاحب (1518ع-1606ع) جنهن سونو مندر سکن لاءِ ٺهرايو جنهن کي هري مندر ٿا چون. گرو نانڪ صاحب هري جي نالي هيٺ مڪتي جي تعليم ڏيندو رهيو هو. پوءِ سکن انهن کي دربار صاحب سڏيو ۽ پوءِ اتي هنن کي گڏ ٿيڻ جو چڱو موقعو مليو. سکن جي حڪومت جڻ ته هاڻ قائم ٿيڻ لڳي. جهڙن ڌرمي تهڙي ملڪي يا قومي. هن به گرنٿ صاحب کي سرنو تيار ڪيو. اڪبر بادشاهه جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽ ۽ جانشين جهانگيرپيءُ جهڙو همدرد نه ٿيو. سندس پٽ فساد ڪيو ۽ گرو ارجن مل سندس طرفداري ۽ مدد ڪئي، تنهن ڪري جهانگير گروءَ کي جهلي ڪٽي قيد ڪيو ۽ هو اتي قيد ۾ ئي مري ويو. جهانگير کان پوءِ اورنگزيب جي راڄ ۾ اها ناسازي زياده ٿي جو هو زياده تعصب وارو هو. ڇهون گرو هرگووند (1606ع-1645ع) پنهنجي بچاءَ ۾ سکن جي لشڪر جو چڱو انتظام رکڻ لڳو ۽ سکن جي حڪومت زور وٺڻ لڳي ۽ لڙائيون شروع ٿيون. ستون گرو هرراءِ (1645ع -1661ع) صلح پسند هو. تڏهن به سکن ۽ مسلمانن جون لڙائيون لڳنديون آيون. اٺون گرو هرڪشن (1661ع-1664ع) جو ڇهن ورهن جو صغير هو ۽ نون ورهن جي ڄمار ۾ مري ويو. نائون گرو تيغ بهادر (1664ع -1675ع) انهي کي اورنگزيب مارائي ڇڏيو ۽ انهن جي جاءِ تي ڏهون گرو سندس پٽ گرو گووند ٿيو (1675ع-1708ع) جنهن سکن کي ڏاڍو زور وٺايو جنهن ڪري نيٺ راجا رنجيت سنگهه پنجاب ۾ سکن جي بادشاهت بلڪ شهنشاهت قائم ڪئي. اهو ڏهون گرو پيءُ جي مارجڻ

ڪان پوءِ صغير هئڻ ڪري جان بچائڻ لاءِ ڀڄي وڃي ڪٿي لِڪو. ويهن ورهن کان پوءِ هن پيءُ جي وير وٺڻ جو پڪو ارادو ڪري پنهنجا سک ڏار ڪري پنج ڇِڙ چونڊي هڪڙي رسم ادا ڪري هنن کي سنگهه جو لقب ڏيئي ٿو يعني شينهن، انهي لاءِ هي نشان مقرر ڪيا ويا. ڏگها وار، ڦڻي، ٻه منهون خنجر، رڪ جو ڪنگڻ، گوڏن تائين چڏي. اهي پنج نشان پنج ڪاف سڏبا آهن، جو انهن جي منڍ جو اکر ڪ آهي. هن ظاهر ڪيو ته ڪانئس پوءِ ٻيو ڪو به گرو ٽيٽو ڪونهي ۽ جتي ڪٿي اهڙا پنج سنگ گڏ هوندا اتي ڇهون پاڻ به حاضر هوندو. انهي وقت کان وٺي انهن کي خالصه جو لقب مليو ۽ انهن تي سندن سردارن جي مجلس يعني گرو ماتا جو حڪم هلڻو هو ۽ سندن پاڪ ڪتاب گرنت صاحب ڏسوين بادشاهي واري ڀاڱي گڏڻ سان پورو ڪيو. گرو گوبند سنگهه جو هڪڙي پناڻ سان اوچتو تڪرار ٿئي ٿو. انهيءَ کي هو ڌڪ هڻي ماري وجهي ٿو. انهيءَ جي پٽن تي هن کي قياس پوي ٿو ۽ انهن کي پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکي ٿو ۽ مٿن گهڻيون مهربانيون ڪري ٿو. آخر انهن مان هڪڙو ڪيس ماري وجهي ٿو. مرڻ کان اڳي هو پنهنجن سنگن کي حڪم ڏئي ٿو ته هن کي معافي ڏئي ڇڏي ڏين. آخر 1797ع ۾ راجا رنجيت سنگهه جاڳي ٿو جو پنجاب جو شينهن ليکڻ ۾ اچي ٿو ۽ سکن جي بادشاهي قائم ڪري ٿو ۽ جنگيون ڪري ٿو. آخرين نتيجو اهو ٿئي ٿو ته بادشاهي گم ٿي وڃي ٿي ۽ پنجاب 1849ع ۾ انگريز سرڪار جي هٿ ۾ اچي ٿو. آد گرنت صاحب جا هيٺيان ڀاڱا آهن. جپ صاحب، سودر ريهه راس ۽ ڪيرت سهيلا ۽ ايڪتيهه راڳنيون شعر ۾. مضمون سيني شعرن جو هري يعني خدا ۽ گرو يعني مرشد جي صفت ۽ تعريف آهي ۽ اخلاقي نصيحتون ڪيل آهن. ڪي ٿورا مختصر انتخاب هيٺ ڏجن ٿا.

پنهنجي ڪلام يا شبد سان تون عالم پيدا ڪرين ٿو ۽ پوءِ انهي ۾ پکڙي وڃين ٿو تنهنجي شڪل ڏسي نه ٿي سگهجي تڏهن ڪيئن آءٌ تو تي خيال ڪري يا ڌيان ڏئي سگهندس، تنهنجي محبت اڻ کٽ خزانا پري ٿي. اهي بي بها جواهر آهن.

تنهنجا سڀ نالا ڪير وٺي سگهندو؟ ڏاها بہ فقط تنهنجا صفاتي نالا ٿا وٺن. اسين پنهنجي بت کي پاڻيءَ سان ڪيترو بہ ملينداسين ۽ اگهنداسين تہ بہ ادا اهو پليت آهي، اسان کي گنان جي درياهہ ۾ وهنجڻ کي تہ بت توڙي من ٻئي پاڪ ٿين. اي دل هري سان اهڙو پيار رک جهڙو ڪنول جو پاڻيءَ سان آهي. لهريون گهٽيون ٿي چماٽون ٿيون هڻنس تہ بہ ان جي محبت جو گل نہ ٿو ڪلي. مون سڀ فرق وساري ڇڏيا. چڱن جي صحبت ۾ مون ڪو بہ دشمن يا بيگانو ڪو نہ ڏٺو مون سڀني سان صلح ڪيو.

سڀ مخلوقات هن جي آهي ۽ هو ساري مخلوقات جو آهي. جڏهن ٻيو ڪو غير ڪونهي تڏهن ڪنهن جي شڪايت ڪريون يا ڪنهن کي گهٽ يا نيچ چئون. جيڪي پنهنجا بدن ڌويو ٿا ڌهن تن کي پاڪ نہ سڏ. او نانڪ پاڪ اهي آهن جن جي دل ۾ هو رهي ٿو. جيڪي ترڪ ڪرڻ گهرجي سو آهي شهوت، ڏڪار ۽ لالچ تنهن ڪري هريءَ جو نالو ياد ڪري خير ۽ سخا جا ڪم ڀيو ڪر. نيڪيءَ جي ڪمن ڪرڻ ڪان سواءِ عبادت نا ممڪن آهي. خود تنهنجي گهر ۾ اندر خوشي ۽ نجات حاصل ڪر تہ اتان وري ٻاهر نہ نڪرين. چڱائي ڪرڻ ۾ دير نہ ڪر، دير بڇڙائي ڪرڻ ۾ ڪر. جيڪو پاڻ کي نوڙائي ٿو سو ساهميءَ ۾ ڳرو آهي. آءٌ چڱو ناهيان ٻيو ڪو بہ بڇڙو ناهي. هريءَ کي اهو ٿو لهي جو ٻانهن جو ٻانهو ٿو ٿئي ۽ پاڻ کي ڪڏهين اچلائي ڇڏي ٿو. مون هن کي ڏهن هنڌن تي ڳوليو پر لڌو مانس پنهنجي گهر ۾. آءٌ هن سان تڏهن ڳڏيس جڏهن گروءَ مون کي هن سان مقابل آڻي ڪيو. جنهن جي دل مان غلط فهمي ۽ ٻل نڪري وئي تنهن جي نظر ۾ هندو ۽ مسلمان هڪجهڙا آهن. جيئن مڇي پاڻيءَ ڪان سواءِ رهي نہ ٿي سگهي، جيئن ڪوئل مينهن ڪان سواءِ راضي نہ ٿي ٿئي، جيئن هرڻ آواز ڪان اوڏي پڇي ٿو. جيئن ڀونر واس وٺڻ لاءِ پاڻ کي گل ۾ ڦاسائي ٿو تيئن سنت هريءَ جي محبت ۾ هن کي ڏسي خوش ٿين ٿا.

هندن جا ڪي تازا سڌاريل مذهب

برهم سماج:

هن پوئين صديءَ ۾ هندستان ۾ قديم مذهب جي سچي حقيقت ظاهر ڪرڻ ۽ سڌارڻ جا ڪي تحرڪ برپا ٿيا تن جو مختصر بيان هتي ڏجي ٿو. پهرين برهم سماج ٿو وٺجي. انهي جو اوائل وارو باني راجا رام موهن راءِ، بنگال جو هڪڙو برهمڻ هو. هو پارسي ۽ عربي ٻولي چڱي ڄاڻيندو هو. سنسڪرت ۽ انگريزي مان ته خوب واقف هو. هو ننڍي هوندي کان بت پرستيءَ جي برخلاف هو ۽ انهي ڪري پنهنجن مائٽن سان به ساز ۾ نه هو. سرڪاري نوڪريءَ ۾ سرشته داري ڪري 1813ع ۾ بت پرستيءَ جي بر خلاف هڪڙو پارسي ڪتاب لکيائين ۽ 1816ع ۾ ويدانت جي سمجهاڻي بابت هڪڙو انگريزي ڪتاب لکيائين ۽ وحدت يا هڪڙي خدا جي پرستش بابت وعظ ڪرڻ لڳو پوءِ اپنشد به انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. گهڻا سندس مخالف پيدا ٿيا پر هن انهي حقيقت ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هندن جو قديم مذهب به خدا جي هيڪڙائي ۽ انهيءَ جي پرستش جي تعليم ٿو ڏئي. هو عبراني ۽ يوناني ٻولي به سکيو ۽ يهودي ۽ عيسائي مذهب مان به خوب واقف ٿيو ۽ عيسائي مذهب جي تعريف ۾ بنگالي ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکيائين. نيٺ 1820ع ۾ ڪلڪتي منجهه هڪڙي ننڍي منڊلي برپا ڪيائين جنهن کي آتميه سڀا سڏيائين. ڪي مختصر دوست اتي گڏ ٿيندا هئا ۽ روحاني ڳالهين جو ويچار ڪندا هئا. برهمڻ پنڊت مخالفت ڪرڻ لڳا تنهن ڪري اها سڀا سگهو ئي بند ٿي وئي پوءِ هن دوارڪاناٿ ٽاگور جي مدد سان ٻي اهڙي هڪڙي سڀا ٺاهي جتي ويدن ۽ اپنشدن جو ارٿ ڪندا هئا ۽ گيت ڳائيندا هئا. 1830ع ۾ برهم سماج نالي هيٺ هڪڙي سڀا ۽

هڪڙو وڏو مندر برپا ڪيائون جتي فقط برهم جا پوڄاري گڏ ٿيندا هئا. ٻئي سال ۾ رام موهن راءِ انگلينڊ ۾ ويو جتي گهڻيون تقريرون ڏنائين. نيٺ ٻن ورهن کان پوءِ اتي ئي مري ويو.

هن جي مرڻ کان پوءِ ڪلڪتي ۾ دوارڪانات ٽاگور جي پٽ ايندرا ناٿ ٻاويهن ورهن جي عمر ۾ 1839ع ۾ تتو بوڌني سڀا ساڳئي اصول تي برپا ڪئي ۽ برهم ڌرم بابت بنگالي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪتاب ڇاپڻ لڳا ۽ انهي مذهب جي هڪڙي سڀا قائم ڪئي جا گهڻا ورهه هلندي رهي. 1857ع بابو ڪيشب چندر سين به انهي سڀا ۾ اچي شامل ٿيو. پهرين هو پنجويهن رپين پگهار تي بنگال جي بئنڪ ۾ ڪلارڪ هو ۽ 1860ع ۾ هو برهمو ڌرم بابت ڪتاب ڇاپڻ لڳو. تمام هوشيار ماڻهو هو ۽ انهي سڀا جو اڳواڻ ٿيو. ديندرا ناٿ سان سندس تڪرار ٿي پيو ۽ هو ڦري قديم هندو مذهب ڏي ويو. 1866ع ۾ ڪيشپ چندر يورپ ۾ سيرتي ويو ۽ عيسوي مذهب ۽ ڪن ٻين مذهبي ڳالهين تي نهايت عمديون تقريرون ڏنائين جنهن ڪري ڏاڍو نالو ڪڍيائين. اتان موٽي اچي نئي سر برهم سماج قائم ڪيائين ۽ ٻن ورهن کان پوءِ وڏو مندر ٺهرايائين. 1878ع ۾ هن پنهنجي ضغير ڌيءَ ڪوچ بهار جي راجا سان پرڻائي تنهن ڪري سندس طرف وارن کي چڙ لڳي ۽ گهڻن ڌار ٿي ٻي هڪڙي منڊلي ساڌارن سماج نالي ڪڍي. ڪيشپ پوءِ به يوگ ۽ يڪتي جي تعليم ڏيندو رهيو. نيٺ 1884ع ۾ هو پنهنجا نائب مقرر ڪري مري ويو ۽ سندس مسند خالي رکي وئي. مگر مزو مدار اهو ڌرمي ڪم هلائيندو رهيو. اهڙي قسم جي هڪڙي منڊلي بمبئي ۾ به برپا ٿي هئي، جنهن کي پرارٿنا سماج سڏيندا هئا ۽ اهي سما جون اڃا به جاري آهن.

آريه سماج:

هن جو باني ديانند هو جو ڪاٺيا واڙ جي ماروي شهر جو رهاڪو هو ۽ هو اصل سوَجا پوڄاري هئا. هن سنسڪرت چڱي طرح پڙهي ويدن جي پوري تحصيل ڪئي. ايڪيهن ورهن جي عمر ۾ هو شادي نه ڪرڻ ڪري مائٽن کان رسي نڪري ويو ۽ ڪن ورهن تائين سنياسي

ٿي رهيو ۽ بت پرستي جي خلاف ۽ فقط ويدن جي فائدي ۾ تقريرون ڏيندو رهيو. انهن جي تعريف ۾ ايتري قدر به ويو جو چوڻ ۽ ڏيکارڻ لڳو ت، هر قسم جا نوان علم ۽ هنر ويدن ۾ لڪيل آهن: ٻاڦ جي ڪل، ريلوي، اگهوٽ وغيره. مطلب ت ڪا به شئي ڪانهي جنهن جو پتو انهن ۾ نه ٿو ليي. هن انهي بابت گهڻا ڪتاب لکيا. نيٺ اوڻهٺ ورهن جي عمر ۾ 1883ع ۾ اجمير ۾ مري ويو. اتر هندستان ۽ پنجاب ۾ آريه سماج جون گهڻيون منڊليون آهن جي ويدن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ديانند جي ڏنل قبول ڪن ٿا. لاهور ۾ ت انگلو ويدڪ ڪاليج به برپا ٿيل آهي. هو عيسائي ۽ مسلماني مذهب جي خاص بر خلاف هو.

راڌا سوامي مت:

هن بابت راءِ سالگرام بهادر آگري واري جو ڪتاب آهي جنهن مان هيٺيون مختصر احوال ڏجي ٿو. هن مت يا ڌرم جو باني خود خدا چوڻ ۾ ٿو اچي جنهن کي راڌا سوامي يا سنت ست گرو چون ٿا. هن پاڻ اها مت ظاهر ڪئي. اها مت اصل چئن لفظن تي ٻڌل آهي:

1: سنت ست گرو جنهن جا ٻيا نالا هي آهن. سچيتا نند يا ست، شڌ برهم، نروان، پرماتما.

2: ست نام يا ست شبد

3: ست سنگ

4: ست انراگ. يعني سچ يا حق، ان جو پاڪ ۽ سچو نالو، ان جي صحبت ۽ ان جي محبت.

خلقت ٽن جزن مان ٺهيل آهي. شبد (يعني روح يا لفظ يا آواز)، منُ ۽ ماده يا جسم، تنهن ڪري خلقت جا ٽي درجا آهن. نج روحاني، روحاني ماده يا جسم، ۽ جسماني يا مادي وارو روح. پهريون نج يا سُرت يا خاص روح آهي، ٻئي ۾ روح جسم تي غالب آهي ۽ ٽئي ۾ جسم روح تي غالب آهي. اهي ٻاهرئين عالم ڪبير وارا ٽي جزا عالم صغير يا ماڻهو جي جسم ۾ به موجود آهن. روحاني حالتون به آهن هڪڙي عروج جي يا چڙهندڙ جنهن ۾ روح نباتات مان نڪري حيوانات مان

لنگهي انسان تائين اچي پوءِ بہ چڙهي ملائڪن جي درجي کي پهچي ٿو. ہي نزول جي حالت يعني مٿان کان هيٺ لهندڙ پهرئين جي بر عڪس. جيڪو روح چڙهي وڃي حق سان واصل ٿئي ٿو ۽ انهي ۾ محو ٿي وڃي ٿو اهو سنت يا ڪامل انسان آهي. انهي درجي کي پهچڻ لاءِ سنت ست گرو يا ساڌ گرو جي هدايت يا مدد جو ضروري آهي يعني مرشد ڪامل. مڪتي جي معنيٰ آهي سرت يا روح جو جسم ۽ حواسن ۽ من کان آزادي، جا سرت شبد يوگ جي استعمال سان حاصل ٿئي ٿي، جڏهن وري وري جمڻ يا جهان ۾ اچڻ جو سلسلو بند ٿي ويندو. راڌا سامي مت ڪنهين بہ ڌرم جي شاسترن يا پاڪ ڪتابن جي اصولن ۽ قاعدن تي ٻڌل ناهي. مڪتي دنيا ۾ رهڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي نہ دنيا ترڪ ڪرڻ يا ٻارن ٻچن ڇڏڻ سان. سچي بندگي يا سيوا روحاني يا دلي آهي نہ ظاهري راهن رسمن بجا آڻڻ جي. ماڻهوءَ ۾ ٽن قسمن جون طاقتون مخفي رکيل آهن: روحاني، دلي يا دماغي ۽ جسماني. تنهي کي تعليم ڏيڻ ضروري آهي جا سرت شبد يوگ جي وسيلي حاصل ٿيندي. برهم جي سچي محبت سڀ کان زياده ضروري آهي ۽ سچو بنياد آهن. سنت ست گرو راڌا سوامي جو اوتار آهي جو پنهنجا پٽ بہ خلق جي هدايت لاءِ موڪلي ٿو يعني سنت يا ساڌ. برهم ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ ڪنهن جوگيشور جي اوتار ۾ دنيا منجهہ اچي ٿو يا سنت ۽ ساڌ يعني نبي موڪلي ٿو جي جڻ تہ سندس خاص پٽ آهن. سنت ست گرو مڪتي جي ڪم شروع ڪرڻ ۽ تعليم لاءِ بلڪل ضروري آهي ۽ اهو هر زماني ۾ پيدا ٿئي ٿو. تناسخ يا روح جو وري وري دنيا ۾ اچڻ ضروري آهي ۽ مجڻ گهرجي تہ ڪرم پورا ٿين. ڪرمن جا هي ٽي قسم آهن: ڪرم يا ڪريمان، پرالبد ڪرم ۽ سنجت ڪرم. راڌا سوامي مت ۾ سڀ ڌرمن يا قومن جا ماڻهو داخل ٿي سگهن ٿا.

سناتن ڌرم:

سناتن ڌرم ڪو ڌار ڌرم ناهي، هندن جو تمام قديم اصولڪو ڌرم آهي. جنهن جا مٽا يا اصول عام لاڳو هئا ۽ اصولڪن آرين ماڻهن

جي لاءِ لکيو ويو هو. انهي ڪري سناتن ڌرم کي آرين ڌرم به چئي ٿو سگهجي. اگرچه انهي جو بنياد ويدن تي رکيل هو. تڏهن به پوءِ انهي ۾ کي ٻيون ڳالهيون رسمن راهن ۽ ڪريا ڪرمن وغيره جهڙيون شامل ٿي ويون هيون، جنهن ڪري پوءِ انهن کي هندو ڌرم سڏڻ لڳا ۽ سناتن جو نالو نڪري ويو. هاڻي جو انهي ڏي خاص ڌيان ڏيڻ ۾ آيو آهي سو هن ڪري ته هندن کي پنهنجي اصلوڪي قديم ڌرمي متن جي تازي يادگيري ڏيارين ته هنن کي سچي ڌرمي ۽ اخلاقي تعليم ملي جنهن ڪري هو هر طرح سڌرن ۽ بهتر هلت چلت ڪن.

انهي سناتن ڌرم جو بنياد اصل ۾ ڳالهين تي رکيل آهي شروتي ۽ سمرتي تي. شروتي اڳوڻن ڏاهن جا قول آهن جي انهن ديون کان ٻڌا ۽ جي اجا تائين پڙهبا اچن ۽ سمرتي اهي ڪتاب آهن جي پشت بپشت ياد رهنديون آيون آهن. جن چئن ويدن جو مٿي ذڪر آيو آهي سي شروتي آهن. انهن ۾ سڀ علم يا گيان اچي وڃي ٿو. ويد لفظ جي معنيٰ ئي گيان يا علم آهي. جيڪي شروتي ۾ آيل سو سڀ سناتن ڌرم وارا سواءِ اختلاف جي مڃين ٿا. شروتي کان پوءِ ٻئي درجي ۾ سمرتي يا ڌرم شاستر آهي. انهي جا ٻه چار وڏا ڪتاب آهن جي ڏاهن جا لکيل آهن: منو سمرتي، ٻجنولڪيه سمرتي، شنک ۽ لکت سمرتي ۽ پرا شر سمرتي. پهرين منو سمرتي ۾ سڀ آرين جا اصلوڪا قاعدا اچي وڃن ٿا. انهي منوءَ کان پوءِ ڇهه ٻيا منو به ٿيا آهن. شروتي ۽ سمرتي کان سواءِ سناتن ڌرم کي پرانن ۽ اتهاس کان به مدد مليل آهي. اهي به تاريخي احوال آهن جي ڏاهن جا لکيل آهن. پرانن جو تفصيل مٿي آيو آهي ۽ اتهاس يا تاريخ جا ڪتاب به آهن راماين ۽ مها ڀارت. انهن ٻنهي مان قديم هندستان جو سارو احوال معلوم ٿي سگهي ٿو.

سناتن ڌرم ۾ جيڪو قديم فلسفه ۽ حڪمت يا سائنس آيل آهي، سو ڇهن ڀاڱن يا شاخن ۾ ورهايل آهي جنهن کي ڇهه انگ يا عضوا ٿا چون. انهن ۾ سڀ دنيا ئي رواجي علم اچي وڃي ٿو ۽ اهڙا چوهٺ علم ۽ هنر آهن. فلسفه جا به ڇهه ڀاڱا آهن، جن کي ڇهه درسن چوندا آهن. انهن سڀني جو هڪڙو مدعا آهي. اهو هي ته جيڪي ڏار

انساني فرد آهن سي وري وڃي برهم يا اعليٰ وجود، ڪل ۾ ڳنڍجن ۽ جنهن جو نتيجو آهي سچي جنانم يا ڏاهپ جو حاصل ٿيڻ ۽ ڏک يا سور جو گم ٿيڻ.

سناتن ڌرم جي جيڪا تعليم آهي سا ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي: هڪڙي مذهبي يا ڌرمي، ٻي رسمي يا ڪريا ڪرمن جي ۽ ٽين اخلاقي. پهرين ڌرمي ڀاڱي ۾ هيٺين صفتن جو ذڪر آهي:

1: وحدت
2: ڪثرت
3: تناسخ يا روحن جو وري وري دنيا ۾ اچڻ.
4: ڪَرم
5: قرباني يا ٻل چاڙهڻ.
6: عالم شهادت ۽ عالم غيب، يعني جيڪو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ جيڪو نه ٿو اچي.

ٻيو رسمي ڀاڱي ۾ ڌرمي رسمون رواجن ۽ ڪريا ڪرمن جو ذڪر آهي:

1: سهڪار (يا منتر وغيره)
2: شراڌ (مئن لاءِ نذر نياز)
3: سائو چم (صفائي يا پاڪائي)
4: پنج روز مره جون قربانيون.
5: شيوا يا بندگي.
6: چار آشرم (حياتيءَ جون ضرورتون)
7: چار ذاتيون (ورن)

ٽيو اخلاقي جنهن ۾ هيٺين ڳالهين جو ذڪر آهي:

1: علم اخلاق ڇا کي چئجي.
2: ڌرمي اخلاقن جو بنياد.
3: اخلاقن جو نصاب.
4: خير ۽ شر يا نيڪي ۽ بدي.

5: نيڪيون يا چڱا اخلاق ۽ انهن جو بنياد.

6: خوشي ۽ ذوق شوق.

7: خير سان لاڳو ٿيندڙ اخلاق.

8: پاڻان وڏن سان لاڳو ٿيندڙ اخلاق، چڱا بہ ۽ بچڙا بہ.

9: پاڻ جهڙن سان لاڳو ٿيندڙ اخلاق، چڱا بہ ۽ بچڙا بہ.

10: پاڻان ننڍين يا گهٽ درجي وارن سان، لاڳو ٿيندڙ اخلاق، چڱا ۽ بچڙا بہ.

11: چڱن ۽ بچڙن اخلاقن جو هڪٻئي تي عمل يا اثر.

اشارو: مٿيون مختصر احوال سناتن ڌرم بابت بنارس جي ڌرمي بورڊ جي ڇپايل ٽيڪسٽ بڪ تان ورتو ويو آهي.

ٻڌ ڌرم

تاريخ:

ٻڌ ڌرم دنيا جي وڏن مذهبن مان هڪڙو آهي. اصل هندستان ۾ شروع ٿيو ۽ اٽڪل سون ورهن تائين بنارس شهر ان جو مک هنڌ هو ۽ پوءِ سيلون ھيٺ ۽ اپرندي ايشيا ۾ به پکڙجي ويو. ٻڌ لفظ جي معنيٰ آهي ڄاڻ. انهي ڌرم جو باني گوتم نالي هو جنهن کي سرو گيان جو لقب هو يعني سڀ ڪجهه ڄاڻيندڙ. هو عيسوي سن کان اٽڪل 560ع ورهه اڳي ڄائو هو. انهي زماني ۾ اتر هندستان گهڻن ڀاڱن يا پرڳڻن ۾ ورهايل هو. گنگا نديءَ جي ڏکڻ ۾ مگت رهندا هئا، جن جو وڏو شهر راجگرهه هو. انهي نديءَ جي اتر ڏي لڇوي رهندا هئا، جن جو وڏو شهر ويسالي هو. اتر الهندي ڏي ڪوسالن جي قديم بادشاهت هئي، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ايڌيا مان ڪڏي سر وستيءَ ۾ ڪيو هئائون. ڪو سالا جي اپرندي ڏي ساڪيا ۽ ڪوليان هم جنس قومون روهڻي نديءَ جي آرپار رهنديون هيون. ساڪين جو وڏو شهر ڪپل وستو هو جو بنارس جي اتر اپرندي سو ڪن ميلن تي هو. انهي جا ڀڄل نشان نيپال جي سرحد تي هاڻي تازا لڌا ويا هئا.

ٻڌ جي سوانح عمري:

ٻڌ جي پيءُ جو نالو سڌوڌن هو جو ڪولين جي راجا جون ۾ ڏيون پرٽيو هو. وڏي راڻي، جنهن جو نالو مايا هو تنهن کي پنجيتاليهه ورهن تائين اولاد ڪو نه ٿيو پوءِ هڪڙو پٽ ڄائس جنهن جو نالو سڌارت رکيائون جو پوءِ مشهور ٻڌ ٿيو پر هن جو گهرو يا ڪٽنبي نالو گوتم هو. هن جي ڄمڻ کان پوءِ هڪ هفتي جي اندر هن جي ماءُ مري وئي ۽ انهي جي ننڍي ڀيڻ هن کي پالي وڏو ڪيو. هن جي حياتيءَ جو

احوال پهرين فقط عجيب غريب آکاڻين ۾ بيان ڪيل هو مگر معتبر ڪتاب ان جي مرڻ کان ڪ هزار کن ورهه پوءِ ظاهر ٿيو. عام ماڻهن جون ڪٿائون اهي هيون ته ٻڌ اڇي هاٿيءَ جي صورت ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ گهڙيو ۽ اتي اهڙو ڏسڻ ۾ ٿي آيو جهڙو موتين جي وچ ۾ پوتل ڏاڳو. هن جي ڄمڻ مهل آسمان مان ايترا گل وٺا جو سمنڊ ڍڪجي ويا. پر هن جو سچو تاريخي احوال هي آهي ته ارڙهن ورهن جي عمر ۾ هو پنهنجي سئوٽ ڪولي جي راجا جي ڌيءَ يسوڌرا سان پرڻيو. اوڻٽيهن ورهن جي عمر تائين هن انهي سان گڏ خوش گذاريو پر پوءِ هڪڙو ڪراڙو ور توٽ ماڻهو ۽ هڪڙو مريض ۽ هڪڙو ڪنو سڙيل مڙهه ۽ هڪڙو مڙهي وارو فقير ڏسي هن جي دل دنيا تان ٽٽي ۽ پڪو ارادو ڪيائين ته دنيا ۾جو هيترا ڏک ۽ مصيبتون آهن تن جو پڪو سبب ڳولي هٿ ڪريان. انهيءَ ڏينهن سندس زال کي پٽ ڄميو. هو مٿيون پڪو ارادو ڪري زال جي ويم واري جاءِ جي در وٽ آيو. ڏٺائين ته هن جي مٿان گل پيا آهن ۽ سندس هٿ نئين ڄاول ٻار جي مٿي تي آهي. هن کي ننڊ مان اٿاري ڀاڪر پائڻ جي دل ٿيس، پر اهو سوچي ته متان اهڙي تنهن ڪري ڀاڪر ۾ نه ٿو جاڳي، پڇايائين ته متان هن جو آرام نه ڦٽي تنهن ڪري اندر نه ويو. پٽ تي موتي ويو ۽ اڌ رات ڌاري پنهنجي گهوڙي تي چڙهي هڪڙي پاسي رخ رکي نڪري پيو. پوشاڪ بدلائي ڪڙمين جي ڍڪي هٿائين ته هن کي ڪو نه سڃاڻي. سامهون راجگرهه شهر ۾ آيو ۽ هڪڙي غار ۾ ڪي برهمڻ فقير رهندا هئا تن وٽ لنگهي ويو. اتي آلارا ۽ ادرڪ نالي ٻن برهمڻ وٽ هندو ڌرم ۽ فلسفه جي تعليم ورتي، پر انهي مان گهڻو راضي نه ٿيو. اتان نڪري اروبلا جي جهنگل ۾ آيو ۽ ٻڌ گيا جي هاڻوڪي مندر جي ويجهو رهي پيو جتي ڇهه ورهه گذاريائين. اتي پنج شاگرد نا مريد سندس خدمت ۾ به رهيا. ڏاڍيون تپسيائون يا رياضتون ڪيائون، اهڙيون سخت جو مرڻ هارڪو اچي ٿيو. جڏهن بهتر ٿيو تڏهن اهي رياضتون اجايون ۽ بيسود ڄاڻي ڇڏي ڏنائين. شاگردن به ڇڏي ڏنس. نيٺ هو اتان نڪري بنارس ۾ آيو. اتي اُروبلا جي جهنگ ۾ هڪڙي انجير جي وڻ هيٺ ڌيان ۽ ويچار ۾ ويهي رهيو. شيطاني ۽ نفساني طاقتن سان گهڻيون جنگيون ۽ مخالفتون

ڪيائين. نيٺ جنهن وديا يا علم جو ڳولائو هو سا حاصل ٿيس ۽ خوشيءَ ۾ هڪڙو گيت ڳاياائين جنهن جو مضمون هي هو: "آءٌ بيشمار جنم گهميو آهيان انهي لاءِ تہ هن فاني عنصري گهر جو جوڙيندڙ يا خلقيندڙ معلوم ڪريان ۽ انهي لاءِ وري وري جمي ۽ مري عذاب ۾ ڪاڏا اٿم. پر هاڻ اي انهي گهر جي جوڙڻ وارا مون تو کي لڌو آهي. اڳتي تون منهنجي لاءِ ٻيو گهر ڪين جوڙيندين. ان جون ڪامون ۽ پٽيون ڀڄي پرزي ويون آهن. هاڻي نيٺ نفساني خواهش (تنها) جي ناس ٿيڻ سان مون وري جمڻ کان آزادي حاصل ڪئي آهي."

انهي وقت کان وٺي گوتم ٻاڻ کي ٻڌ سڏائڻ لڳو يعني "ٻڌيا علم ۽ سمجهہ وارو." پهرين ڀانيائين تہ پنهنجن اڳوڻن استاد برهمڻن لاءِ الارا ۽ ادرڪ وٽ وڃي پر معلوم ٿيس تہ اهي مري ويا آهن، تنهن ڪري سڌو بنارس آيو جتي هن کي هرڻن جي جوءِ ۾ پنهنجا اڳوڻا شاگرد مليا. اتي هن انهن کي پنهنجا نوان حاصل ڪيل متا هن طرح ٻڌايا. "اي فقيرو ٻہ خراب حدون آهن جن جي پٺيان سلوڪ وارن کي وڃڻ نہ گهرجي: هڪڙيون انهن شين جي عادتي استعمال جي حواسي خوشين ۽ لذتن سان ماڻهوءَ کي پاڻ ڏي ڇڪين ٿيون. خصوصن عيش عشرت ۽ شهوت جون جو اهي دنيا ئي نيچ ماڻهن جي لاءِ آهن ۽ اجايون ۽ بيسود آهن. ٻي پاڻ کي يعني نفس کي مارڻ جي عادتي استعمال، جا تڪليف واري آهي ۽ هن پهرئين وانگي بيسود آهي ۽ منجهانس ڪو جتاءُ وارو فائدو نہ ٿو رسي. انهن ٻنهي خراب حدن (افراط ۽ تفريط) جي وچ وارو (اعتدال) جو رستو آهي، جو مون لڌو آهي جنهن ۾ ماڻهن جون اکيون کلن ٿيون ۽ سمجهہ اچي ٿي، جنهن سان من جو آرام ۽ اعلىٰ قسم جي ڏاهپ ۽ ڪامل سوجهرو ۽ نروان حاصل ٿئي ٿو."

ٻڌ جو اهو پهريون وعظ ٻڌي سندس پهريان پنج شاگرد سندس مريد ۽ پوءِ لڳ ٿيا ۽ پوءِ تورو تورو ٻيا بہ ٿيڻ لڳا. پنجن مهينن جي اندر سٺ شاگرد ٿيس. انهن کي هن جدا جدا پاسن ڏي پنهنجي نئين مت يا ڌرم پکيڙڻ ۽ وعظ ڪرڻ لاءِ موڪليو ۽ چيائين، "اي ڀڪو هاڻي اوهين گهڻن کي فيض ۽ فائدي پهچائڻ لاءِ وڃي گهمو ۽ جهان تي رحم

ڪريو ۽ ديوتائن ۽ ماڻهن جو ڀلو گهرو."

ٻڌ ٻه پوءِ وعظ ڪندو رهيو. پنجيتاليهن ورهن کان پوءِ هو سخت بيمار ٿي پيو. ٿورو بهتر ٿيو پر جاتائين ته موت نزديڪ آهي، تنهن ڪري هڪڙي شاگرد کي چوڻ لڳو ته، "اي آنند آءُ هاڻ ٻڍو ٿيو آهيان ۽ منهنجي حياتي پوري ٿيڻ تي آهي. اسي ورهن جو اچي ٿيو آهيان. جيئن پراڻي ڀڳل گاڏي ڏاڍي سنڀال سان گهلي هلائبي آهي ايئن آءُ پاڻيان ٿو ته منهنجو بدن به ٿو هلي. تنهن ڪري اي انند، اوهين پنهنجي لاءِ ڏيا ٿجو. ڏئي وانگي سچ کي قابو رکجو ته سوجهرو ٿئي. پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي پناهه نه ڳولهجو."

تنهن کان پوءِ گوتم انند کي حڪم ڏنو ته سندس سيني شاگردن يا مريدن کي پاوا ڳوٺ ۾ وسائي شهر جي نزديڪيءَ ۾ گڏ ڪري. اتي چندا نالي هڪڙي لوهار ٻڌ ۽ سندس مريدن لاءِ مانيون ۽ پٽ ۽ سوئر جو ٻوڙ گڏ ڪيو. ٻڌ پاڻ فقط گوشت کاڌو پٽ ۽ منيون مانيون شاگردن کاڌيون. جيڪو گوشت باقي بچيو سو هڪڙي کڏڙي ۾ پوري ڇڏيائون. گوشت کائڻ جي ڪري ٻڌ کي اچي سوري ۽ پيچش ٿي. زياده بيمار ٿي پيو. پڇاڙي جا لفظ جي هن ڳالهايا سي هي هئا، "هاڻي پاڻرو ڏس آءُ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته جيڪي مرڪب شيون آهن سي نيٺ ناس ٿيڻيون آهن. محنت ڪري پنهنجي ڪماليت يا نجات يعني مڪتي پاڻ حاصل ڪجو." سگهو ئي پوءِ هو بيهوش ٿي ويو ۽ انهي حالت ۾ دم ڏنائين. سندس لاش چڪيا تي چاڙهيائون ۽ جيڪي هڏيون بچيون سو پوءِ سندس مريدن وارهي ورتيون. سيلون ۾ٽ جي ٻڌ ڌرم وارا چون ٿا ته هن جو هڪ ڏند ڪئنڊي شهر ۾ رکيل آهي.

ٻڌ ڌرم جا اصول:

گوتم ٻڌ پاڻ ڪي به ڪين لکيو. هن جيڪا تعليم ڏني سا ٽن ڪتابن ۾ لکيل آهي جن کي تري پيٽڪ ٽاچون يعني ٽي ٽوڪريون. اهي هي آهن: ونيہ پيٽڪ (جي پروهتن جي لاءِ قاعدا آهن)، سُوتر پيٽڪ (پروهتن کان سواءِ ٻين لاءِ قانون) ۽ اڀڌرم پيٽڪ، ڌرمي اصول وصفن ۽

سمجهاٽين سان). پهرين اهي عيسوي سن کان نوي ورهه اڳي سيلون ٻيٽ ۾ لکيا ويا يعني ٻڌ جي وفات کان اٽڪل چار سو ورهه پوءِ. ٻڌ جي تعليم اپنشدن جي تعليم کان گهڻو فرق ٿي رکي. هن تناسخ يا جون بدلائڻ جي ڳالهه مڃي ٿي پر انهي کان انڪاري هو ته ماڻهو کي روح آهي. ماڻهوءَ جو نصيب سندس ڪرمن تي منحصر ٿو رهي. جڏهن ڪو ماڻهو مري ٿو تڏهن انهي جي ڪرمن موجب ٻيو ماڻهو پيدا ٿئي ٿو. هڪڙي حياتي جو ٻي سان اهڙو واسطو آهي جهڙو هڪڙي ڏئي جي شعلي جو انهي مان ٻاريل ٻئي ڏئي سان هجي. انهي ڌرم ۾ چار وڏا سچ هي آهن جي ٻڌ ڳولي معلوم ڪيا:

1: حياتي عذاب يا ڏک آهي.

2: حياتيءَ جي خواهش ڪرڻ ڏک سهڻ جو بنياد آهي.

3: اها خواهش ڇڏڻ ڏکن کان ڇٽڻ آهي.

4: انهن ڏکن کي ناس ڪرڻ يا انهن کان ڇٽڻ جو رستو اٺوٺو آهي، يعني اٺن جزن مان جڙيل آهي. اهي اٺ هي آهن:

سچو يا صحيح ويساهه، سچو ٻول، سچو ڪم، سچي حياتي، سچي ڪوشش، سچو خيال ۽ سچو ويچار. سچو ٻڌ ڌرم وارو پهرئين وڏي سچ جي تعميل مالها يا تسبيح پڙهندي ۽ داڻا وترائيندي هئن چوندو آهي، "آنتيه، دک، انتَ." (يعني: فنا، ڏک ۽ اڻ سچائي) جڏهن حياتي وڏو عذاب ۽ ڏک سمجهيل آهي تڏهن نيست نابود ٿي وڃڻ يا نروان، نجات يا ڇوٽڪارو يعني مڪتي آهي، جا سڀ ڪنهن جي مراد ۽ مدعا هئڻ گهرجي. انسان جو جسم ڇڻ ته گندگيءَ جو هڪڙو ٿانءُ آهي. ڪينون آهي جنهن مان گندگي نڪري ٿي ۽ گندگيءَ جي ڍير تي پلجي ٿو ۽ گذاري ٿو ۽ انهي مان هر قسم جا مرض ۽ ڏک پيدا ٿين ٿا. ڌڪار جو لائق آهي نه پيار جو. انهن عذابن کان ڇٽڻ جو رستو آهي نروان يعني نيست نابود ٿيڻ جئن مٽي ڇيو ٻيو جو انهي ڪري ڪا به خواهش ڪا نه رهندي، جا نروان لفظ جي معنيٰ آهي. حياتي يا ساهه ڏئي جي شعلي جي مثال آهي. ڏيئو تيل کان سواءِ ٻري يا جٽاءَ ڪري نه سگهندو، تنهن ڪري حياتي جو مدار جيئڻ جي خواهش تي

ٿو رهي. جي ڏئي ۾ تيل نہ هوندو تہ اجهامي ويندو ۽ پيو ڪو ڏيئو انهي مان ٻاري نہ سگهبو. انهي طرح ڏاها دنيا مان لنگهي هليا ويندا. اگرچہ نروان جي معني نابودي تڏهن بہ اها نهايت خوشي جي حالت آهي جيئن صوفين وٽ فنا في الله يا واصل با الله جي حالت آهي. انهي حالت پهچڻ کان اڳي جڙ تہ نفس کي مارڻو ٿو ٿئي يعني سڀ نفساني خواهشون.

ٻڌ ڌرم جا اخلاقي حڪم:

ٻڌ ڌرم جا پنج اوائلي اخلاقي حڪم آهن جن جي تعميل ضروري آهي. اهي هي آهن:

1: ڪنهن جاندار جو ساهہ نہ وٺڻ. 2: چوري نہ ڪرڻ.
3: زنا نہ ڪرڻ. 4: ڪوڙ نہ ڳالهائڻ.
5: نشي جهڙي شئي نہ پيئڻ.

انهن کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن هن سان ٽي حڪم بہ شمار ڪندا آهن:

6: بہ پهرن کان پوءِ نہ کائڻ. 7: ناچ، ناٽڪ ۽ ٻيا تماشا نہ ڏسڻ.
8: خوشبوئون ڪم نہ آڻڻ.

انهن جا پادري يا پروهت ۽ برهمڻ هيٺيان بہ وڌيڪ حڪم بہ عمل ۾ آڻيندا آهن:

9: وڏا پلنگ سمهڻ لاءِ ڪم ۾ نہ آڻڻ.
10: سون ۽ ربو نہ وٺڻ.

ٻڌ ڌرم جا برهمن يا پروهت:

ٻڌ ذات پات جي فرق کي ڌڪاريندو هو سندس چوڻ هو تہ "ماڻهو برهمڻ تڏهن ٿو ٿئي جڏهن سندس شوق پاڪ آهي، پرهيزگاري ۾ گذاري ٿو ۽ پاڻ کي روڪي ٿو." سندس هڪڙي پاڪ ڪتاب "ڌم پاد ۾ آهي تہ گتيلن وارن جي ڪري، ڪٽنب جي ڪري يا اصل نسل جي ڪري برهمن نہ ٿو ٿئي. برهمڻ اهو آهي جنهن ۾ سچ ۽ راست بازي آهي ۽ اهو سڀاڳو آهي." ٻئي هنڌ چيو اٿس، "جيئن

گهٽيون وڏيون نهرون يا نديون سمنڊ ۾ نون ٽيون ۽ پنهنجو اڳوڻو نالو ۽ اڳوڻو اصل وڃائي ڇڏين ٿيون ۽ سمنڊ جي نالي سان ٿيون سڏجن تيئن برهمڻ ۽ کتري ۽ وئسي ۽ سودر جڏهن ڌرم ۾ شامل ٿين ٿا تڏهن جات جو فرق گم ڪري ڇڏين ٿا.*

آپالي نالي هڪڙو حجام هڪڙو وڏو پڙهيل ۽ ٻڌ جو برهمڻ يا پروهت ٿي پيو. سنيت هڪڙو مندر جو پهاريدار هو. اهو ٻڌ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ مڙهيءَ جو فقير ٿيڻ لاءِ عرض ڪيائين. ٻڌ اهو درجو ڏنس، اهڙا فقير مٿا ڪوڙائيندا هئا ۽ نارنگي رنگ جا جبا ڍڪيندا هئا. هو در در تي تڪر پنندا وتندا هئا پر سوال ڪين ڪندا هئا، پنهنجو پيالو يا ڪشتو جهلي ماٺ ڪري بيهي رهندا هئا. ٻه پهرن کان پوءِ نه کائيندا هئا ۽ ڏهني ڌرمي حڪم بجا آڻيندا هئا. اهي سڀ گڏ عمارتن ۾ رهندا هئا جن کي وهار سڏيندا هئا. اهي وهار ايترا گهڻا ٿي ويا جو انهي پرڳڻي کي بهار سڏڻ لڳا. جيتوڻيڪ هنن کي مسڪين رهڻ جو حڪم هو ته به هڪبين کان پاڻ ۾ سوکڙيون ۽ تحفا وٺندا هئا. ڏينهن پئي انهن مان گهڻا وڏا دولتمند ٿي پيا.

ٻڌ ڌرم جو پکڙڻ:

ٻڌ جي مرڻ کان پوءِ راجگرهه جي ويجهو هن جي پهرين وڏي جماعت يا مجلس گڏ ٿي. انهي ڪم لاءِ مگڌهه جي راجا هڪڙو وڏو غار يا گفا تيار ڪرايو. اتي سيئي گڏجي ٻڌ جو ڪلام ڳائڻ لڳا. اپالي ۽ انند سندن اڳواڻ ٿيا. ٻي اهڙي مجلس پهرئين کان ٿل ۽ هڪ سئو ورهه پوءِ گڏ ٿي، انهي لاءِ ته ٻڌ جي ٺهرايلن قانونن ۾ جيڪا ڦير گهير يا ڪوتاهي ٿي هئي تنهن جو تدارڪ ڪن مثلن ٻن پهرن کان ٽورو پوءِ ماني کائڻ، سون رپو وٺڻ وغيره. ٽي اهڙي مجلس پاٽليپتر (هاڻي پاٽنا) ۾ گنگا نديءَ جي ڪناري تي گڏ ٿي. تڏهن مگڌهه جي راجا اسوڪا جو راڄ هو انهي جو ڏاڏو چندر گپتا هو جنهن يونانين سان صلح جو عهد ناموڪيو هو. اسوڪا پهرين جنگي بهادر پهلوان هو ۽ زبردست حاڪم هو. نيٺ انهي به ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو ۽ ساهه وارن کي مارڻ جي عام منع

ڪري ڇڏيائين. هن ڪي حڪم ۽ قاعدا جاري ڪيا جي ٽڪرن تي ۽ ٿلهن ۽ منارن تي اڪرائي ڇڏيائين. اهي بنگال کان وٺي افغانستان تائين ۽ ڏکڻ ڏي ميسور تائين هئا. ايترو سارو ملڪ سڀ هن جي هٿ ۾ هو. الهه آباد جي قلعي ۾ ٻه اهڙو هڪڙو منارو آهي. هن داگب يا ٺهرا گول ڏڙا ٻڌ جي ڪن نشانن رکڻ لاءِ ۽ ڪي وهار فقيرن لاءِ ٺهرايا. ٻڌ ڌرم جي پکيڙڻ لاءِ اسوڪا پنهنجو پٽ مهندو سلون ۾ موڪليو جنهن ڳالهه ڪي ڌرمي فقيرياڻين تيڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ سنگمتاتي اهو ڪم رکيو. اسوڪا هن ڪي خوشيءَ سان ايترو پري اهڙي ڪم لاءِ نه ٿي ڇڏيو پر هوءَ خلق جي فائدي لاءِ ۽ ڌرم جي واڌاري لاءِ شوق سان پيءُ کي رنج ڪري ٻه هلي وئي. ٽئي مجلس جي پوري ٿيڻ تي گهڻا ئي ڌرمي واعظ دنيا جي جدا جدا پاڱن ڏي موڪليا ويا. افغانستان ۽ اتر هندستان ۾ ٻڌ ڌرم بنارس مان آيو ۽ سنسڪرت ڪتابن جي وسيلي. ڪي ته چين تائين ٻه ويا. اهو وقت عيسوي سن کان ستر ورهه اڳي هو. چين مان اهو ڌرم جپان ۾ آيو. ۽ اتان ٿبيٽ ۽ منگوليا ۾. پر انهن جا ڌرمي متا سلون، برما ۽ سيام جي متن کان گهڻو فرق رکن ٿا. عيسوي سن جي شروعات ڌاري وري ٻي ٻڌ ڌرم وارن جي مجلس ڪشمير جي راجا ڪنشڪ جي حڪم سان گڏ ٿي. پاڪ ڪتاب ٻن ٻولين ۾ لکيا ويا: سنسڪرت ۽ پاليءَ ۾. ٻهرين کي هين يانَ ۽ پوئين کي مهايانَ چوندا هئا. پالي ڪتاب زياده جهونا ٿا ليڪجن ۽ اهي سلون، برما ۽ سيام ۾ ڪم ٿا اچن ۽ سنسڪرت ڪتاب اتر هندستان ۾.

هند ۾ ان جو اثر:

ٻڌ ڌرم جي پکڙڻ ڪري هندستان مان برهمڻن جو ڌرم نڪري نه ويو. ٻڌ جي مرڻ کان پوءِ تيرهن سون ورهن ۾ يعني عيسوي سن کان 543 ورهه اڳي کان وٺي 800ع تائين اهي ٻئي ڌرم گڏ هليا ۽ هاڻوڪو هندو ڌرم انهن ٻنهي جي گڏ رهڻ جو نتيجو آهي. گهڻا راجا ۽ عام ماڻهو هندو رهندا آيا ۽ گهڻا ٻڌ ڌرم جا. اٺين ۽ نائين عيسوي صديءَ ۾ برهمڻن جو ڌرم البت زور هو ڪي چوڻ ٿا ته ڪيمرل ڀٽ ۽ شنڪرا چاريه ٻڌ ڌرم

وارن سان گهڻا ظلم ڪيا ۽ انهن جون ڪي مڙهيون ناس ڪري ڇڏيون. انهي هوندي بہ ٻڌ ڌرم جو اثر هندن جي ڌرم تي هميشہ لاءِ رهجي ويو. جاندارن تي قياس ۽ رحم هيٺ ڪري درجي بدرجي قربانيون بند ٿي ويون ۽ ماس جو واپرائڻ بہ هندن ۾ گهٽجو گهٽ ٿي ويو. ساڳئي سبب ڪري شراب بہ گهٽ واپرڻ لڳو. وهارن وانگي مٺ يا مڙهيون جڙڻ لڳيون. راما نوجا اهڙا ست سومٺ ٺهرايا. ٻڌ وشنوءَ جو نائون اوتار شمار ۾ اچڻ لڳو. اهڙا بيا بہ ڌرمي سڌارا هندن ۾ ٿيڻ لڳا. نہ فقط هندستان ۾ پر يورپ ۽ آمريڪا ۾ بہ ٻڌ جو ڌرم اچا پيو پڪڙي. اگرچہ انجي اصولن موجب خدا جي هستيءَ جو ضرور ڪونهي ۽ ماڻهو پاڻهئي نجات يا مڪتي حاصل ڪري سگهي ٿو تڏهن بہ هاڻوڪي سائنس واري زماني ۾ انهي جي تعريف ٿئي ٿي ۽ انهي تي سڌريلن ماڻهن جو اعتقاد رهي ٿو. يورپ جي گهڻين ٻولين ۾ انهي جا ڪتاب لکجي ويا آهن.

ٻڌ ڌرم ۾ بہ بہ فرقا ٿي ويا آهن هڪڙا پاڻ کي مهايانہ ٿا سڏائين ۽ ٻيا هيا آنا. ڪي چون ٿا تہ مهايانہ ۾ ويدانت گهڻو داخل ٿي ويو آهي يا ٻڌ ڌرم جي اثر کان ويدانت جي متن جي سمجهاڻي بدلجي وئي آهي.

ٻڌ جي دعويٰ هئي تہ: "آءُ آسمان يا زمين تي اهڙو ڪو بہ ڪو نہ ٿو ڏسان جنهن کي سلام ڪريان يا تعظيم ڏيان، آئون سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو ۽ پنهنجي طاقت سان سڀ علم حاصل ڪيا اٿم. منهنجو ڪو بہ استاد ڪونهي." ٻڌ ڌرم موجب بيشمار ديپائون (سڪول) آهن، هر هڪ ۾ مهامرو جبل آهن، جو چوراسي هزار يوجن ڊگهو آهي ۽ ايترو پنڌ سمنڊ کان مٿي آهي ۽ انهي جي چوڌاري ست جبل آهن جي ايترن سمنڊن سان ڌار ٿيل آهن. ساري جي چوڌاري سڪول گل آهي جنهن جو قطر (1203450) يوجن آهي. سمنڊ ۾ هزار يوجن جيڏيون وڏيون مڇيون آهن. ڌرتيءَ جو قطر اٺ هزار ميل ٻڌايل آهي. سج جو قطر پنجاهہ يوجن ۽ چنڊ جو اوڻونجاهہ. ٻنهي ۾ ديوتا ٿا رهن. راهو قد ۾ پنج سو يوجن آهي ۽ وات ٽي سو يوجن اونهو اٿس. هڪڙي پيري چنڊ گرهڻ وقت جڏهن راهو چنڊ کي ٿو ڳٽو تڏهن ٻڌ هن کي انهن کان ڇڏايو.

جين ڌرم

جين لفظ جنَ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي فتح ڪندڙ ۽ اها صفت انهن چوويهن سنتن جي آهي جن کي تيرٿ مڪر ٽا چون ٿا ۽ جي ماڻهن کي سنسار جي چڪر يا درياهه مان لنگهائي نروان تائين پهچائين ٿا. هي ڌرم هندن جي ڌرم مان ڦٽل آهي ۽ ٻڌ ڌرم سان مشابهت رکي ٿو مگر انهي کان اڳي پيدا ٿيو. انهي جو باني پارسواناٿ ٻڌ کان ٻه سو ورهه اڳي هو. ٻڌ جي وقت ۾ مهاوير هو جنهن جين ڌرم کي سڌاري وري تازو ڪيو. ٻڌ ڌرم وانگي جين ڌرم وارا به جهان جو ڪو وڏو خلقيندڙ نه ٿا مڃين، فقط ڪن اعليٰ استادن يا تعليم ڏيندڙن کي تعظيم ڏين ٿا. اهڙن چوويهن جنن ۾ هنن جو ويساهه آهي جي عليحده رنگ ۽ قد ۽ عمر جا هئا. پهريون جن قد ۾ پنج سو پول هو ۽ عمر چوراسي لک ورهه هيس. ٻئي جو قد ساڍا چار سو پول هو ۽ عمر ٻاهتر لک ورهه هيس. پوئيان به گهڻجي رواجي ماڻهن جي قد ۽ عمر وارا ٿيا ۽ اهي هئا پارسوناٿ ۽ مهاوير. مهاوير جي جمع بابت ڪتائون اهڙيون آهن جهڙيون ٻڌ جون. ان جو پيءُ سڌارٿ ڪند ڪرم ڳوٺ جو نيڪ مرد ۽ ان جي ماءُ ترسلا، ويسالي جي راجا ڪيٽڪ جي ڀيڻ هئي. اوٺٽيهن ورهن جي عمر تائين مهاوير پنهنجي گهر ۾ رهيو پوءِ مال دولت سڀ ترڪ ڪري وراهي هين کي ڏئي نڪري وڃي جهنگ ۾ گذارڻ لڳو. پنهنجن وارن جون پنج مُٺيون پري اڇلائي ڇڏيائين ۽ ڪپڙا لاهي اُگهاڙو ٿي جهنگ ۾ گهمندو وتيو. ٻاهتر ورهن جي عمر ۾ هن وفات ڪئي. دنيا ترڪ ڪرڻ کان پوءِ ٻائيتاليهه ورهه رهيو ۽ ٻيهه ورهه جدا جدا هنڌن تي گهمي علم يا گيان حاصل ڪيائين. ٻڌ گهڻي ڌيان ۽ ويچار ڪرڻ سان نتيجاب ٿيو ۽ مهاوير گهڻي رياضت ۽ تپسيا ڪرڻ سان فتحياب ٿيو. هو ٻڌ ٿيو ۽ هي جن.

جينن جا ٻه فرقا آهن. انهن جو خيال هو ته شرم اچڻ مان گناهه جي معنيٰ تي نڪري يعني جي دنيا ۾ گناهه يا پاپ اصل نه هجي ته ماڻهوءَ کي جيڪر شرم به نه اچي. تنهن ڪري ڪپڙا لاهي اگهاڙو ٿيڻ پاپ کان ڇٽڻ جو رستو آهي ۽ جيڪو تارڪ ۽ رياضتي ماڻهو پاڪ يا پاپ کان آزاد ٿي رهڻ گهري سو اگهاڙو هلي چلي ۽ آسمان (ڏگ) کي پنهنجي پوشاڪ (انبر) ڪري يعني دگمبر ٿئي. ڪن ڏينهن کان پوءِ انهي اصول جي بر خلاف هڪڙو فرقو پيدا ٿيو جن پاڻ کي سوِتامبر سڏيو يعني سفيد پوش. اهو فرقو پهرين عيسوي صديءَ ڌاري پيدا ٿيو. دگمبر پنهنجن جنن جون اگهاڙيون شڪلون رکندا هئا پر سوِتامبر انهن کي چيلهه ڌاري گوڏ جهڙو ڪپڙي جو پٽو ڍڪائڻ لڳا ۽ ژالن کي به تپسيائن ۾ داخل ڪرڻ لڳا، جي دگمبر نه ڪندا هئا. هاڻي دگمبر رگيل ڪپڙا ڍڪين ٿا، فقط ماني کائڻ مهل ڪپڙا لاهين ٿا.

جينن ۾ هڪڙا ياتي يا ڌرمي آهن ۽ ٻيا سيراوڪ يا عام رواجي ماڻهو. ياتي پرهيزگار ٿا ٿين، وات تي سنهڙو ڪپڙو ٿا رکن ته متان هوا ۾ سنهڙا اڏامندڙ جيت وات ۾ پون ۽ ڳيسي وڃن. پاڻي به انهي سبب ڪري ڇاڻي پيئن ۽ جتي ويهن اتي ٻهاري ڏئي ويهن ۽ انهي ڪم لاءِ هو ٻهاري ساڻ کنيو وتن. ٻي سيوا ڪن يا نه ڪن سندن مرضي. پر سراوڪ سنتن جي سيوا ڪن ٿا ۽ پنهنجن نيڪ ۽ پاڪ برادري وارن کي گهڻي تعظيم ڏين ٿا. چار نيڪيءَ جا ڪم تاڪيد سان ڪن ٿا، سخا، مروت، پاڪدلي ۽ توبهه. ڪن خاص وقتن تي هو لوڻ ۽ گلن، ڪچن ميون ۽ پاڙن ۽ ماکي ۽ انگور ۽ تماڪ کان پاسو ڪندا آهن ۽ پاڻي تي پيرا ڇاڻي پيئندا آهن ۽ ڪا به پاڻيءَ جهڙي شئي اگهاڙي يا اڻ ڍڪيل نه ڇڏيندا آهن ته متان انهيءَ ۾ ڪو جيت پئي ۽ ٻڏي مري. هر روز ڪن جينن جي سنتن جي بتن جي مڙهيءَ ۾ ويندا آهن ۽ انهن جي چوڌاري ٽي پيرا ڦرندا آهن ۽ بتن جي اڳيان نمندا آهن ۽ ميوا ۽ گل نذرانو رکندا آهن جينن جي مڙهيءَ يا مندر ۾ برهمڻ وارو پاتي هوندو آهي، برهمن اڪثر ڪو نه هوندو آهي جو هنن کي پروهت جو ضرور ڪونهي. پنهنجي سنتن جي نشانين رکڻ لاءِ هنن وٽ داگا با ڪينهن.

هنن جو اعتقاد ڏار ڏار روحن ۾ آهي، پر ٻڌ ڌرم وارن وٽ اهڙو اعتقاد ڪونهي. جينن جي ويساهه موجب روح ٻُڌين ۾ پهڻ ۾ پٽرن ۾ پاڻي جي ڦڙن ۾ باهه جي چڻگن وغيره ۾ رهي سگهن ٿا. جينن جا ٽي جواهر يا عمدا ٻول هي آهن: "سچو يا صحيح ويساهه، سچو علم ۽ سچي هلت چلت. انهن کي ٽري رتن چوندا آهن. ٻڌ ڌرم وارن جا ٽري رتن آهن ٻڌ، قاعدو ۽ فقيري. جين دنيا سان تعلق يا محبت نه رکندا آهن، جيئن ٻڌ ڌرم وارا شراب نه پيئندا آهن. ساهه واري جي ساهه وٺڻ کان جين ٻڌ ڌرم وارن کان به زياده گوشو ڪندا آهن.

جينن جا پنجيتاليهه پاڪ ڪتاب آهن. انهن بيشمار مندر جوڙايا آهن. بنگال ۾ پارسناٿ جبل ڪلڪتي کان اتر الهندي ڏي ن سون ميلن تي انهن جو پاڪ جبل آهي. انهيءَ جي چوٽي جنهن کي اسمد سکر ٿا چون تنهن تي ويهه ننڍا مندر آهن. جينن جي 24 تيرٿ مڪرن مان اوڻيهه اتي دفن ٿيل آهن. ڏکڻ راجپوتانا ۾ ابو جبل ۾ به تمام عمدا سنگ مر مر جا مندر آهن. ڪاٺيا واڙ جي ڏکڻ ۾ به سترنجيه جبل پنجن پاڪ جبلن مان هڪڙو آهي. اتي ڪي ياتي به ويٺل آهن جتي مندرن جي سنڀال ٿا ڪن ۽ ڪبوترن کي داڻو کارائيندا آهن. پيو ڪو به گهر اتي ڪونهي. مندر سنڀاليندڙ صبح جو مٿي چوٽيءَ تي وڃي صفائي ڪري لهي ايندو آهي. اتي رڌڻ پچائڻ يا ماني کائڻ يا سمهڻ جو حڪم ڪونهي. ڪاٺيا واڙ ۾ گرنار به اهڙي قسم جو پاڪ شهر آهي.

جين ماڻهو اجوڪي زماني ۾ ڏاڍا شاهوڪار ۽ واپاري آهن. جانورن جون اسپتالون به هنن گهڻيون جوڙايون آهن جن کي پنجرا پول ٿا چون. مڇرن ۽ ٻين جيتن کي مارين ڪين. انهن کان پاڻ کي کارائڻ پاڻ ثواب جهڙو ڪم شمار ڪندا آهن. ماڪوڙيون، ڪوئا، ڪبوتر ۽ ٻيا جانور ۽ جيت هنن جي سنڀال هيٺ ڏاڍو سکيو گذاريندا آهن. ڪڇ ڀڄ ۾ اهڙي هڪڙي اسپتال ۾ پنجن هزارن ڪوئن کي شهر تي محصول وجهي کارائيندا آهن. ڪاٺياواڙ ۾ ڳائي مال کهڻ جي بلڪل منع آهي. نانگ بلائون به ڪين مارين. انهي هوندي به اڳي ڪڏهن ڪڏهن ڏيون جمنديون هين ته انهن کي ماري ڇڏيندا هئا.

قديم يورپي قومن جا مذهب

قديم يورپ جو مذهب:

مٿي هندن جي مذهب جي شروعات ۾ چيو ويو آهي تہ قديم زماني ۾ ڪجھ وقتن تائين آرين ماڻهو ساڳين خدائن يا ديوتائن جي پرستش ڪندا هئا. اهي آرين وچ ايشيا ۾ رهندا هئا تن مان ڪي همالي جبل لنگهي هندستان ۾ آيا ۽ ڪي يورپ جي پين پاڱن ڏي لڏي ويا. هندي آرين جي مذهب جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. هاڻي يورپ وارن آرين جي مذهب جو ذڪر ڪنداسين. جڏهن سڀ آرين گڏ هئا تڏهن هو هڪڙي وڏي خدا جي پوڄا ڪندا هئا جنهن کي آسمان وارو پيءُ چوندا هئا. سنسڪرت ۾ انهيءَ کي دياش سپتر چوندا هئا، يوناني بوليءَ ۾ زيوس پيٽر، ليٽن ۾ جيو پيٽر. جڏهن آرين ڌار ٿيا تڏهن انهن پنهنجي لاءِ ڌار ڌار خدا يا ديوتا بنايا. يورپ جي ڏکڻ ۾ جي آرين رهيا سي هئا گريڪ يا يوناني، گريس يا يونان ۾ ۽ رومن اٽليءَ ۾. الهندي يورپ ۾ ڪيلٽڪ قومون رهيون ۽ ايرندي ۾ ٽيوٽانڪ قومون. انهن جي مذهبن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو.

قديم يونانين ۽ رومن جو مذهب:

يوناني رومن ماڻهن کان اڳي سڌريا ۽ رومن انهن کي ڏسي سڌريا. انهن ٻنهي قومن جي مذهبن جي وچ ۾ تفاوت بہ آهي ۽ مشابهت بہ آهي. قديم رومن مال وارا ماڻهو هئا ۽ پوک بہ ڪندا هئا. پر يوناني ماڻهو جدا جدا قومن ۾ وراهيل هئا ۽ جدا جدا ڌنڌن ۾ مشغول رهندا هئا، تنهنڪري انهن جي مذهبي اعتقادن ۾ بہ فرق پيدا ٿيو. وچ واري جابلو ملڪ جي رهندڙن جا خدا ٻئي قسم جا هئا ۽ سمنڊ جي ڪنارن ۽ پيٽ جي رهڻ وارن جا ٻي قسم جا هئا جن جو ڌنڌو هو مڇي

مارڻ ۽ بيڙيون يا جهاز هلائڻ ۽ واپار ڪرڻ. يونانين جون ڏند ڪٿائون سندن شاعرن جي معرفت جدا جدا قومن ۾ پکڙيون ويون ۽ ٻين ڪي مشرقي قومن مان هٽ ڪيائون. يوناني ۽ رومن ماڻهن جا خدا سگهو ئي پوءِ هڪجهڙا ٿي پيا، تنهن ڪري انهن جي ديوتائن جو ذڪر گڏ ڪندا سين.

ديوتائن جو بنياد:

قديم يوناني سمجهندا هئا ته ڌرتي ساري عالم جو وچ يا مرڪز آهي. ۽ پهرين اها پيدا ٿي هئي پر اها ڪي ڪين مان نه پيدا ٿي هئي، مگر ماده يا جسماني ذرڙا ڪڪرن جي گهمسان وانگي اونداهيءَ ۾ پيا هئا جن ۾ آئيندي مخلوقات جو ٻج ڇپيو پيو هو. اهو گهمسان، جنهن کي ڪيئاس ٿا چون، تنهن کي هنن هڪڙو خدا ٿي سمجهيو ۽ اونداهيءَ کي انهي جي زال ٿي سمجهيائون. انهن ٻنهي پيءُ ماءُ مان ڌرتي ۽ اريبس ۽ رات ڄاوا. اريبس ۽ رات پاڻ ۾ پرڻيا ۽ آسمان ۽ ڏينهن ڄڻيائون. يوناني ماڻهن آسمان کي اورناس سڏيو ۽ رومن ماڻهن انهن کي سيلسَ سڏيو. اورناس يعني آسمان ڌرتيءَ سان شادي ڪئي ۽ راڪاسن يا ديون جون ٽي قومون ڄڻيائين جن جو نالو ٽائٽن هو ۽ جي سئو مٿن وارا ۽ سئڪلاپ يا هڪ اک وارا هئا. اورناس کي اڇي ٻپ ٿيو ته متان سندس وڏي قد وارا پٽ ڪانئس بادشاهي کسي وٺن، تنهن ڪري هن انهن کي هيٺين جهان جي چار ۾ بند ڪري ڇڏيو. انهن راڪاسن يا ٽائٽنن مان هڪڙي کي يونانين ڪروناس سڏيو ۽ رومن ماڻهن انهي کي سئٽرن سڏيو (يعني زُحل تارو). ڌرتي ٻائيءَ کي پنهنجن جن پٽن جي حال تي رحم آيو تنهن ڪروناس کي هڪڙو ڏاٽو جوڙي ڏنو جنهن سان هن پنهنجي پيءُ ڪان وير وٺڻ جي لاءِ هن جو لنگ وڍي ڇڏيو. جنهن ڪري هنن کي وري ٻيو اولاد ڪو نه ٿيو پر جڏهن اهو لنگ سمنڊ ۾ ڪري پيو تڏهن ان جي ڳچيءَ مان وينس (يعني زهره تارو) پيدا ٿيو ۽ اها سونهن يا سوٻيا جي ديوي يا ديوتا ٿي. ڪروناس پيڻ هيا سان ٿيو تي ڏيون ڄڻيائين: ويسٽا،

سيريز ۽ جيونو ۽ تي پٽ، پليوٽو نيپٽيون ۽ جيوپيٽر (جي سڀ تارا هئا). سئٽرن (زحل) جنهن پنهنجي پيءُ کي تخت تان لاٿو هو تنهن کي اهو خوف دل ۾ جاڳيو ته سندس پٽ به ساڻس اهڙي ساڳي هلت ڪندا تنهن ڪري هو پنهنجي پهرين پنجن پٽن کي ڳهي ويو. ڇهون جيوپيٽر (مشتري) جو سيني کان سهڻو هو، تنهن کي ماڻس رهيا پيار جي ڪري گم ٿيڻ نه ٿي گهريو تنهن ڪري انهي جي بدران هن هڪڙي پهڻ جي چپ کي ڪپڙي ۾ ويڙهي تن جي هار ڪري مڙس کي ڏنو جو پڻ ٻين پٽن وانگي هو ڳهي ويو. جڏهن جيوپيٽر لڪ ڇپ ۾ وڏي وڏو ٿيو تڏهن ماءُ سان ٻڌي ڪري پيءُ تي زور رکيائين ته جيڪي پٽ ڳتا هئائين، سي وري ڪڍي. هن اهي ڪڍيا. پوءِ سيني پائرن گڏجي پيءُ کي تخت تان لاهي پاڻ ان جي جاءِ ورتائون.

ٻارنهن مک ديوتا:

يونانين جاخدا يا ديوتا به هندن وانگي بيشمار هئا. ٽيهه هزار شمار ڪيا اٿن. هر هڪ ٻيلي يا نديءَ جي لاءِ هڪڙو خاص سنڀاليندڙ هو. نموني جي لاءِ ڇهه مذڪر ديوتا ۽ ڇهه مونث ديوتائون هتي ڏجن ٿيون:

جيوپيٽر: جنهن کي يوناني زيوس چوندا هئا (يعني مشتري تارو) سو سئٽرن جنهن کي ڪروناس چوندا هئا (يعني زحل تارو) ۽ رهيا جو پٽ هو جيئن مٿي به اشارو ڏنو ويو آهي. اجا هو هڪڙي ورهه جو هو ته اهڙو زور وارو ۽ مضبوط هو جو ٽائٽن (ديوتا راڪاس) سان جنگ ڪري پنهنجي پيءُ کي ڇڏايائين. پر پوءِ سئٽرن، جيوپيٽر جي طاقت کان ڊڄي، انهن جي مارڻ جو منصوبو ڪيائين، جنهن دغا جي ڪري هن کي سندس بادشاهت مان هڪالي ڇڏيائين ۽ هو لاچار ٿي اٽليءَ ڏي ڀڄي ويو. جيوپيٽر جي پهرين زال ميٽس هئي (يعني سياڻپ) جا اوشئينس (يعني اوقيانوس يا وڏي سمنڊ) جي هڪڙي ڌيءَ هئي. اها ٻين ديون کان زياده عقل ۽ سياڻپ واري هئي. جيوپيٽر کي ڊپ ٿيو ته متان هوءَ اهڙو پٽ ڄڻي وجهي جو خود ڪائنس به ڏاهو ٿي پوي، تنهن ڪري اجا هن کي هڪ مهيني جو پيٽ مس هو ته ڳڙڪائي ڇڏيائينس.

سگهو ٿي مٿي ۾ اچي سخت سور ٿيس. لاچار ولڪن کي حڪم ڏنائين تہ پنهنجي ڪهاڙي سان مٿو ڦاڙي ڇڏي. اچا هن ائين ڪيو تہ منروا ديوتا پوري وهيءَ ۾ مٿي کان پيرن تائين هٿيارن ۾ نڪري ظاهر ٿي. جيوپيٽر جي حقي زال سندس ڀيڻ جيونو هئي جنهن ڏاڍي شوق سان ساڻس شادي ڪئي هئي انهن جي تجمّل واري شادي تي سڀ ديوتا سڏ تي آيا هئا. جيونو کي ٽي ٻار ڄاوا: هيبي، مارس (مريخ تارو) ۽ ولڪن. جيوپيٽر پنهنجي انهي زال سان سچو ۽ وفادار نہ رهيو پر ٻين ديوتائن ۽ انساني زالن سان بہ رستو رکيائين. جنهن ڪري جيونو ڏاڍي رنج رهي. انهي هوندي بہ يونانين توڙي رومن ماڻهن ۾ جيوپيٽر سڀني کان وڏو ۽ چڱو خدا سمجهيل هو ۽ وڏي قدرت وارو هو. ڏينهن، رات ۽ موسمون ۽ واءُ ۽ مينهن انهيءَ جوڙيا. نيڪن کي انعام ۽ بڇڙن کي سزا اهو ڏيندو هو. بادشاهن کي اهو بچائيندو هو. پاڻ جيئن وڻندو هوس تيئن هلندو هو. جيئن بادشاهن کي اختيار آهن ۽ هو ڪو بہ گناهہ يا قصور نہ ٿا ڪن جيئن هندن وٽ همالیہ جبل ديوتائن جي رهڻ جو هنڌ هو تيئن يونانين وٽ المپس جبل هو جو نهايت اُتانهون آهي. جيوپيٽر اتي پنهنجي دربار ڪندو هو جيڪا هن جي شڪل ڪيندا هئا تنهن ۾ سندس سڄي هٿ ۾ بادشاهي عصا يا لٺ هوندي هيس ۽ کٻي هٿ ۾ ڪوڙ يا وڄ جو ڇهبڪ ۽ پاسي ۾ باز ويٺل هوس.

جيونو: جنهن کي يوناني هيرا چوندا هئا، سا جيوپيٽر جي ڀيڻ ۽ سٽڙن ۾ رهيا جي ڌي هئي. جيوپيٽر ساڻس شادي ڪرڻ ٿي گهريو پر هن انڪار ڪيو. پوءِ هن پنهنجي صورت بدلائي ڪوئل پکيءَ جي ڪئي ۽ طوفان جي وقت جيونو هن کي قياس ڪري پاڻ وٽ پناهہ ڏني. تنهن کان پوءِ هن سان شادي ڪرڻ قبول ڪيائين. هوءَ ڏاڍي ريساري ۽ ڪينو رکندڙ ۽ چيڙاڪ ۽ ظالم طبيعت جي هئي جنهن ڪري جيوپيٽر ڪڏهن ڪڏهن ماريندو ۽ سخت ڌڪ هڻندو هوس. جيونو هرڪيوليز سان چڱي هلت ڪئي تنهنڪري جيوپيٽر هن کي ولي پيرن ۾ هڪڙو ڳرو سندان ٻڌي سوني زنجير سان لڙڪائي ڇڏيس جو ولڪن اچي ڇڏايس. انهي ڪري جيوپيٽر ڪاوڙجي ولڪن کي

لٿون هٿي آسمان مان هيٺ ڪيرائي ڇڏيو. جيونو کي ليوسينا جي نالي هيٺ پوڄيندا هئا جو هوءَ ويمر وارين زالن کي مدد ڪندي هئي. نهرايل وڏي ڏينهن تي زالون گڏجي انهي جي مندر ۾ ويندين هيون ۽ ٻل چاڙهنديون هيون. هوءَ آسمان جي راڻي هئي تنهنڪري هن جو حڪم ٿورو گهڻو ٻين ديوتائن تي به هلندڙ هو. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ جيوپيٽر جي گوڙيا وڄ جو ڇهڪ پنهنجي مرضيءَ پنيان اجلائيندي هئي. شاديءَ ۽ ويمر تي به هوءَ نظر ڪندي هئي ۽ زنا ڪندڙ زالن کي سخت سزا ڏيندي هئي. هوءَ مايا جي به ديوتا هئي. هن جي صورت سوني گاڏيءَ ۾ ويٺل ڏيکاريي هئي ۽ مور انهي گاڏيءَ کي ڇڪيندا هئا ۽ هٿ ۾ بادشاهي لٺ هوندي هيس ۽ ڇٽ گلاب جي گلن ۽ سوسنن سان سينگاريل هوندو هوس. هن جي نشاني مور هوندو هو جو انهي جي پڇيءَ ۽ کنڀ تمام سهڻا هوندا آهن.

آئرس: (يعني انڊلٺ) جيونو جي قاصد هوندي هئي ۽ انهي سان هن جو گهڻو پيار هو. انهيءَ کي انڊلٺ وارن سيني رنگن جا کنڀ يا پرَ هوندا هئا ۽ جيونو جي پنيان لڳي وتندي هئي ته سندس حڪم جي تعميل ڪري.

منَروا: جنهن کي يوناني اٿينا چوندا هئا، تنهن جي جنم بابت ٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. هوءَ هڪدم ديوتائن جي جماعت ۾ داخل ٿي پنهنجي پيءُ جي تمام معتبر مشير ۽ صلاح ڪار ٿي. جنهن جاءِ ۾ جيوپيٽر جون وڄون يا بجليون رکيل هيون تنهن جي ڪنجي هن جي حوالي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ به اهي اجلائيندي هئي. منروا هميشه ڪنواري رهي، اگرچه شاديءَ لاءِ گهڻيئن ئي آڇون ٿيس. جنگ جي وقت هوءَ پئلس جي نالي دشمن جا لشڪر ناس ڪندي هئي ۽ صلح جي وقت هوءَ هر قسم جي هنرن جي مرٽياڻي هوندي هئي. هن تک ۽ اڏاٽو ۽ بانسري پيدا ڪئي ۽ ماڻهن کي ڏاهپ جي تعليم ڏيندي هئي. هن جي نالي تي اٿينس شهر ۾ پارٿينان (يعني ڪنواري) نالي هڪڙو نهايت عمدو ۽ عاليشان مندر هو. انهي ۾ عاج ۽ سون مان جڙيل سندس بت رکيل هو. رومن ماڻهن وٽ به اها ديوتا مٽيان سڀ ڪم ڪندي هئي

سواءِ جنگ جي، جو ڪم هنن ٻين ديوتائن جي ذمي ڪيو.

آپالو ۽ سندس ڀيڻ ڊيانا سنٽرن جا ٻار هئا جيوپيٽر مان. هو سج جو ۽ روشنائي جو سڀ ڪنهن سهڻي ۽ شريف شئي جو سنڀاليندڙ هو. هن جو نالو فيبس يعني چمڪندڙ هو. هن جي شڪل ۾ سندس مٿي جي چوڌاري روشنائي جا ترورا ڏيکاريندا آهن. اپالو شعر ۽ موسيقي يا راڳ جو ٻه خدا آهي. هٿ ۾ چنگ اٿس جو وڄائي ٿو ۽ چوڌاري نَو ديوتائون ويٺل اٿس جن کي ميوزز چون ٿا. اهي تاريخ ۽ ناٽڪ ۽ راڳ ۽ ناچ ۽ ڪن ٻين عملن ۽ هنرن جون رکوال هيون. اپالو چنگ وڄائيندو هو ۽ هو ڳائينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن آرڙهه جي سخت گرم ڏينهن ۾ اپالو ملڪ ۾ مرض ۽ پکڙندڙ بيماريون ٻه وجهندو هو. پيشنگوئي جو علم ٻه هن انسان ذات کي سيکاريو. انهي ڪم لاءِ يونان جي ڊيلفائي شهر ۾ سندس نالي هڪڙو وڏو مندر ٺاهيو ويو هو.

شڪار ۽ جنگ جي نشان لاءِ سندس بت کي ڪمان ۽ تير ڏنا ويندا آهن، راڳ ۽ ساز جي نشان لاءِ چنگ هٿن ۾ ڏيندا اٿس ۽ پيشنگوئي جي نشان لاءِ ٽپائي يا صندلي رکندا آهن.

ڊيانا: جنهن کي يوناني آرٽيمس چوندا هئا، تنهن پنهنجي ٿي جيوپيٽر کان ڪنئاري رهڻ ۽ ويم جي ڪمن تي نظر ڪرڻ جو اختيار ورتو. مڙسن جي صحبت کان دور گذارڻ لاءِ هوءَ هميشہ پنهنجن ڪن ڪنئارين ساهيلين سان گڏ، جن کي نمف چوندا هئا. شڪار ڪرڻ ۾ مشغول رهندي هئي. هن جي بت کي هٿ ۾ مڙيل ڪمان آهي ۽ پٺن تي تيرن جي ٻٽي آهي ۽ پيرن ۾ ڪاٺ جا ڪڙٽڻ اٿس جي اڪثر شڪار ڪندڙ ڏالون ڏيکينديون آهن. جيئن اپالو سج ۽ ڏينهن جو نشان هوندو هو تيئن ڊيانا چنڊ ۽ رات جي نشاني هوندي هئي. افيسس شهر ۾ ڊيانا جو جيڪو مشهور مندر هو، سو دنيا جي عجائبات مان شمار ٿيل هو پر اهو ڪنهن ٻي ديوتا جي لاءِ هو جنهن جي بت ۾ گهڻيون ڇاتيون ڏيکارڻ ۾ ايندڙيون هيون ۽ جا حياتيءَ جي سنڀاليندڙ ليکڻ ۾ ايندي هئي.

مرڪيوري: جنهن کي يوناني هرميز چوندا هئا، (يعني عطارد

تارو) سو جيوپيٽر جو پٽ ھو مايا جي پيٽان، جا اٽلس بادشاھ جي ڌيءَ ھئي. قديم وقت کان وٺي يونانين ۾ مرڪيوري ديوتا جو ڪم چوپائي مال جي ڌڻن وڌائڻ جو ھو. انھن ڏينھن ۾ چوپايو مال مک دولت شمار ڪيل ھو تنھن ڪري اھو ھر قسم جي دولت جو خدا شمار ڪيو ويو. انھي ڪري اھو سوداگرن ۽ واپارين جو مربي سمجھبو ھو. واپار ۾ ٺڳي ۽ دغابازي بہ ھلندي آھي، تنھن ڪري اھو ٺڳن ۽ چورن جو بہ خدا شمار ۾ آيو. مرڪيوري ديوتائن جي، خصوصن جيوپيٽر جو قاصد چاتبو ھو تنھن ڪري انھي جي ٽوپي ۽ جتي ۾ٿي ڪنين واريون ھيون تہ جلد اڏامي ۽ ڪھڙي بہ شڪل وٺي ۽ اھڙو پاڻ کي لڪائي جو ڪو بہ ڪيس ڏسي نہ سگھي اگرچہ انھي اڳيان بيٺو بہ ھجي. ھو مئلن ماڻھن جا روح بہ ھيٺ پاتال ۾ نيندو ھو ۽ وري اجازت ملڻ تي انھن کي ڌرتيءَ تي آڻيندو ھو.

مارس: جنھن کي يوناني ايريس (يعني مريخ تارو) چوندا ھئا سو عام طرح جيوپيٽر ۽ جيونو جو پٽ سمجھيل ھو. ھو جنگ جو خدا ھو ۽ خونريزي ۽ خانہ خرابي مان ھن کي خوشي حاصل ٿيندي ھئي. روم شھر ۾ ھڪڙو ميدان ھن جي نالي پٺيان ڪئمپس مارشس سڏبو ھو. اتي قديم وقت کان رومن جوان اچي جنگي ورزشون ڪندا ھئا. سڀ ڪو رومن جنرل يا سپہ سالار جنگ تي وڃڻ کان اڳي زرھ ڍڪي ھن ديوتا جي مندر ۾ ايندو ھو ۽ ديوتا جي سپر ۽ ڀالي کي ھٿ لائي دعا گھرندو ۽ چوندو ھو تہ "مارس منھنجي سنڀال ڪجئين." اڳئين زماني جي ماڻھن کي خصوصن دشمنن جي قيدين کي ھن خدا جي اڳيان قربانيون ڪندا ھئا.

وينس: جنھن کي يوناني افروڊائيٽ چوندا ھئا، (يعني زھرہ تارو) تنھن کي عشق ۽ حسن جي ديوتا وسھندا ھئا. ھن جي پٽ جو نالو ڪيوپڊ ھو جو ھميشہ ساڻس گڏ گھمندو وتندو ھو جيئن ھندن ۾ ڪام آھي. ڪارنٿ شھر ۾ ھن ديوتا جو مندر ھوندو ھو جنھن ۾ ھزار کان وڌيڪ ديوتا جون ٻانھيون ڪنجرين وانگي رھنديون ھيون. جيئن ھندن جي ڪن مندرن ۾ ديوداسيون يا مرليون رھنديون آھن. انھن جي

پنيان ٻاهر جا گهٽا سير ڪندڙ مسافر پنهنجا خانا خراب ڪري ويندا هئا. اهو رواج ڪن صدين تائين پي هليو ته ٻه جيڪي مشهور مدبر ۽ فيلسوف ۽ علم وارا ۽ ڏاها ٿي گذريا تن اهو روا پي رکيو ۽ انهي کي روڪي نه ٿي سگهيا، جيئن هندستان ۾ ٻه هو.

ولڪن: جنهن کي يوناني هفيستاس چوندا هئا، تنهن کي ٻه ڪي جيوپيٽر ۽ جيونو جو پٽ ڄاڻيندا هئا. هي آسمان جو وڏو ڪاريگر لوهار هو ۽ جيوپيٽر جون وڄون ۽ ٻين ديوتائن جون زرهون ۽ هٿيار جوڙيندو هو. ايٽنا ٻرندڙ جبل جي هيٺان زمين جي پيٽ ۾ هن جو ڪورو يا ڪارخانو هوندو هو. جڏهن هو پنهنجو ڪورو ڏکائيندو هو ۽ ٻاهه ٻاريندو هو تڏهن جبل ٻرندو ۽ ڦاٽندو هو. هن جي ڪوري تي ڪم ڪرڻ وارو سئڪلاپ يا هڪ اکيا راڪاس هوندا هئا، جن جو اشارو مٿي ٻه ڏنل آهي.

ويستا: جنهن کي يوناني هستيا چوندا هئا، اها سئٽرن ۽ رهيا جي ڌيءَ ۽ جيوپيٽر جي ڌيءَ هئي. هندن جي ديوتا اگنيءَ وانگي هوءَ ٻه گهر جي رڌڻي ۽ ٻاهه جي ديوتا هئي. اها ڪٽنبن جي سنڀاليندڙ هئي ۽ انهي جي پوڄا يا شيوا لاءِ سڀ گهر جا ياتي ڏهاڙي ٻاهه جي چوڌاري اچي گڏ ٿيندا هئا. سڀ ڪنهن شهر ۾ هڪڙو اهڙو مندر جڙيل هوندو هو جنهن ۾ پاڪ ٻاهه هميشه ٻرندي رهندي هئي. ڳالهن جو هڪڙو فرقو هوندو هو جي انهي ديوتا جي ذمي رهنديون هيون ۽ انهي پاڪ ٻاهه جي سنڀال ڪنديون هيون. انهن کي ويسٽل سڏيندا هئا. جي ڪنهن اتفاق سان اها ٻاهه اجهامي ويندي هئي ته انهيءَ کي وڏي مصيبت سمجهندا هئا ۽ خراب سڳڻ ڄاڻندا هئا. اهڙي حالت ۾ ٿلهي بلور مان سج جي روشنائي يا اس جي سيڪ مان اها ٻاهه وري ٻاريندا هئا ۽ جنهن جي حرڪت يا غفلت ڪان اها اجهامي وئي هوندي هئي تنهن کي ڇهبڪن جي سخت سزا ڏيندا هئا. ۽ جي انهن ڳالهن مان ڪا بيشرمي جهڙي هلت ڪندي هئي ته انهي کي جيئري زمين ۾ پوري ڇڏيندا هئا ته بڪ ۽ اڃ ۾ گهٽجي مري وڃي.

ٽليپٽيون: جنهن کي يوناني پاسيبن سڏيندا هئا سو ٻه سئٽرن ۽

رهيا جو پٽ هو. انهيءَ کي تہ جمڻ شرط پٽس ڳهي چڙهيو پر ميٽس هڪڙي دوا جوڙي پيارِيس جنهن ڪري هن انهي کي الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيو. جڏهن پوءِ سٽرن جي بادشاهت وار هجي سندس اولاد کي ملي تڏهن دنيا جا سڀ سمنڊ نيپٽيون کي مليا ۽ نديون ۽ تلاءَ بہ ان جي حوالي ڪيا ويا. يوناني ماڻهو سمنڊ تي جهاز راني ڪندا هئا، تنهن ڪري هي ديوتا وٽن مکہ هو. گهوڙن ۽ ڍڳن جون قربانيون سندس لاءِ ڪندا هئا پر انهن کي ڪهندا نہ هئا جيئرا سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيندا هئا. جڏهن اتفاق سان ڪو جهاز سمنڊ تي لڳي پڄندو يا ٻڏندو هو تڏهن انهي جا بچيل ماڻهو سندس مندر ۾ نذرانو ڏيندا هئا.

سيريز: جنهن کي يوناني ڊيميٽر چوندا هئا، سا بہ سٽرن ۽ رهيا جي ڌي هئي. اها انّ ۽ پوک جي فصلن جي ديوتا هئي ۽ پوک ڪرڻ جو هنر ماڻهن کي انهي سيکاريو. تنهن کان اڳي هو جهنگلي حالت ۾ هئا ۽ وڻن جي پاڙن ۽ ميون تي گذران ڪندا هئا. زمين کيڙڻ، ٻج پوکڻ ۽ فصل لڻڻ، انّ پيهي ماني پچائڻ ۽ پوکن ۽ ميوه دار وڻن جي سنڀال ڪرڻ جو ڪم هن ماڻهن کي سيکاريو.

پيناٽي ۽ ليئر: هنن ٻنهي قسمن جا گهٽ درجي وارا ديوتا هئا، جي خاص رومن ماڻهن پنهنجي لاءِ هٿ ڪيا. اهي روح يا جن هئا جي ماڻهن جا گهر ۽ ڪٽنب سنڀاليندا هئا ۽ انهن جا بت گهرن ۾ ڪوٺين جي اندر رکيا هئا تنهن ڪري پيناٽي نالو ملين، يعني خانگي يا اندر وارا. سمجهيل هو تہ ماني کائڻ وقت اچي حاضر ٿيندا هئا تنهن ڪري انهن کي بہ ماني ڏيندا هئا ۽ ليئر وري مئلن وڏن ماڻهن جا روح هئا جي پنهنجي اولاد جي سنڀال لاءِ ڄمڻ ۽ مرڻ ۽ پرڻي ۽ سفر ۽ ٻين خانگي اتفاقي ڪمن وقت اچي حاضر ٿيندا هئا ۽ انهي وقت نذرانا يا ٻل ملندا هئا.

هر مهيني جي پهرين تاريخ انهن جي پوڄا ٿيندي هئي. انهن جو شڪليون يا مورتيون دولتمند ماڻهن جي گهر ۾ هڪڙي خاص جاءِ ۾ رهنديون هيون جتي هو وڃي انهن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ نذرنياز ڪندا هئا. هو هندن جي پترين سان ٿوري گهڻي مشابهت رکندا هئا.

ڪيلٽڪ ۽ ٽيوٽانڪ ديوتا:

مٿي چيو ويو آهي تہ يورپ جي ڏکڻ ۾ يونان ۽ روم جي الهندي ڏي ڪيلٽڪ قومون رهنديون هيون ۽ ٽيوٽانڪ قومون انهن جي اڀرندي ڏي. هيٺ انهن جي خدائن يا ديوتائن جو ٿورو ذڪر ڪبو.

ڪيلٽڪ قومون برٽن (هاڻوڪي انگليند) ۾ رهنديون هيون ۽ ڪيلٽڪ ٻوليون ڳالهائينديون هيون. انهن جون ٽيهہ چاليهہ شاخون هونديون هيون جي اڪثر هڪٻئي سان پيون وڙهنديون هيون. هر هڪ کي پنهنجو پنهنجو سردار هوندو هو. هو پنهنجن اڳهاڻن تي سولون هٿي جدا جدا شڪليون ڪيندا هئا. انهن جي ڌرمي ماڻهن يا پادرين کي ڊروئڊ سڏيندا هئا. اهي اڇا ڊگها جُبا ڍڪيندا هئا ۽ هر هڪ سوني ڏيلي ۾ نانگ جو آنو پيل ڳچيءَ سان ٻڌل هوندو هو. برٽن ماڻهن ۾ انهن جي هلندي اهڙي هوندي هئي جهڙي برهمڻ جي هندستان ۾ هوندي هئي. اهي جوانن ۽ ٻچاڻن کي تعليم ڏيندا هئا ۽ سڀ مذهبي رسمون انهن جي هٿن ۾ هيون. انهن جي مرضيءَ کان سواءِ يا ان جي بر خلاف ڪو بہ بادشاهہ هڪ قدم نہ کڻندو هو. هو لکڻ پڙهڻ ڪين چاهيندا هئا مگر گهڻا شعر ياد هئن جي بر زبان پيا پڙهندا هئا جيئن هندو ويد پڙهندا هئا هو ماڻهن کي انعام ۽ سزائون بہ ڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪو سندن نا فرماني ڪندو هو تہ انهي کي جات يا ٽالهيءَ مان ڪڍي ڇڏيندا هئا. ۽ پوءِ ڪو بہ بيو ماڻهو انهن کي ويجهو نہ ويندو هو.

وڏن ڏينهن تي هو ڪکن ۽ ڪاٺين مان ماڻهوءَ جهڙو هڪڙو وڏو بت بنائيندا هئا ۽ جنگ ۾ ورتلن قيدين ۽ ڌارين سان انهي کي ڪٺي پريندا هئا ۽ پوءِ باهہ ڏيئي انهن کي ساڙيندا هئا ۽ انهي طرح هو پنهنجن ديوتائن لاءِ قربانيون ڪندا هئا ۽ ساڳئي وقت ڊروئڊ خوشي جا راڳ ڳائيندا هئا ۽ ساز وڄائيندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو چوڌاري اچي گڏ ٿيندا هئا سي دهل وڄائي هڪلون ڪندا ۽ نعرا هڻندا هئا. هوڏي هو ويچارا سڙندڙ ماڻهو پيا رڙيون ڪندا هئا.

ٽيوٽانڪ قومون، جي قديم آرين مان هيون ٽيوٽانڪ ٻوليون ڳالهينديون هيون تن جون بہ وڏيون شاخون اڄا موجود آهن. هڪڙي

سڪانڊي نيوين ۽ ٻي جرمن. ڀهرئين ۾ ڊينمارڪ ۽ سويڊن ۽ ناروي جا ماڻهو داخل آهن جن جا وار ڳڪا ۽ اکيون نيليون آهن ٻي ۾ جرمني ۽ هالينڊ ۽ انگلينڊ جا سئڪسن ۽ ٻين ڪن هنڌن جا ماڻهو داخل آهن. ٽيوٽن ماڻهن جو اهو ويساهه هو تہ سيني جاندار توڙي ٻي جان شين ۾ سندن جهڙا روح هئا. هو جادو ڪندڙن ۽ خوابن جي تعبير ڪندڙن ۽ ڪاهنن کي گهڻو مان ڏيندا هئا. هر هڪ هنڌ هنن کي پنهنجا پنهنجا خدا هوندا هئا ۽ پوڄا وغيره جون عليحده عليحده رسمون هونديون هيون. ٽيوٽن قوم ۾ سڀ کان وڏو خدا هو ووڊن، جنهن کي سڪانڊي نيوين اوڊن سڏيندا هئا. انهي لفظ جي معنيٰ آهي وڏي قدرت يا طاقت وارو. جنگ ۾ اهو فتح ڏيندو هو فصل چڱا اهو ڪندو هو ۽ هر قسم جا سک اهو موجود ڪري ڏيندو هو. اهي ماڻهو بہ جنگي هئا، تنهنڪري جنگيون ۽ لڙايون خاص طرح هن جي هٿن ۾ هيون. سخت مرض ۽ وچڙندڙ ۽ پکڙندڙ بيماريون اهو ئي پيدا ڪندو هو جيئن هندن ۾ زدرا جي نالي چوندا آهن. سڄ هن جي اک آهي. بادشاهن ۽ پهلوانن جا اصل انهي وٽان نڪتل آهن. هفتي جي ڏينهن مان اربعايا ٻڌر جو ڏينهن انهيءَ جي نالي پنيان ويڊنيسڊي سڏيو ويو يعني ووڊن جو ڏينهن. فرگ يا فرگا مٿين ووڊن جي زال هئي ۽ ديوتائن مان ان جو اول درجو هو ۽ ڌرتيءَ ۽ ان جي رهاڪن جي طرفدار يا مربي هئي. اوڊن کان پوءِ ٻئي درجي ۾ ٿارهو جو ڪڪرن ۽ مينهن ۽ ڪوڙ ۽ گوڙ جي مٿان هو. اگرچہ اڪثر ڪاوڙيو هو ۽ سخت سزائون ڏيندو هو تہ بہ پيءُ جهڙو مهربان هوندو هو. پوکون مينهن جي مدد سان ٿينديون هيون تنهن ڪري ٿار پوکن جي بہ نظرداري ڪندو هو. ووڊن وانگي جنگ جي ڪمن تي بہ عمل هلندو هوس ۽ لٽ جي مال مان حصو ملندو هوس. هن جي شڪل مضبوط ۽ زبردست ماڻهوءَ جهڙي هئي. هٿ ۾ هڪڙو ڳرو مطرقو هوس جنهن مان جبل بہ ڏاري رکندو هو. ناوري وارن جو خاص قومي خدا هو. خميس يا وسپيت جو ڏينهن سندس لاءِ خاص طرح مقرر هو ۽ تنهن ڪري انهي کي ٿرسڊي چوندا آهن يعني ٿار جو ڏينهن. ٽيوٽن جو ٽيون وڏو خدا "ٽيو" هو. اهو بہ جنگ جي ڪمن

سان واسطو رکندڙ هو. اگاري يا منگل جو ڏينهن انهي جي بلي هو ۽ تنهن ڪري انهي کي تيوزڊي يعني تيو جو ڏينهن چوندا هئا.

فري مينهن، پاڻي ۽ اس ۽ روشنائي ۽ ڌرتي جي ميون ۽ چڱن فصلن ۽ دولت ڏيڻ وارو خدا اهو ۽ فريا سندس پيڻ هئي جاوڙن جي زال ٿي. جمعي جو ڏينهن انهيءَ جي نالي جي پٺيان فرائيڊي ٿيو. اها ٽيوٽنن جي وينس (زهره تاري) سان مشابهت ٿي رکي ۽ عشق وارن کي مدد ڪندي آهي. هن جي گاڏي کي ٻه ڪتا ڇڪيندا آهن.

اوڊن جي رهڻ جو هنڌ، آسمان يا بهشت "ولهلا" سڏبو هو. جيڪي ماڻهو جنگين ۾ مرندا هئا يا ڦٽيا هئا سي اتي ڪجهي ويندا هئا ۽ اوڊن جون نوڪرياڻيون ولڪري انهن جي خدمت چاڪري ڪنديون هيون . انهي اميد ۽ طمع تي ٽيوٽن ماڻهو ڏاڍي جوش ۽ شوق ۽ همت سان وڙهندا هئا ۽ ماريا هئا. ولهلا ۾ ڏاڍا عيش عشرت جا مزا هوندا هئا. عمدا طعام هميشه کاڄندا هئا. هر روز هڪڙو سوئر پڇندو هو ۽ کاڄندو هو ۽ وري ٻئي ڏينهن سڄو ۽ نئون ٿي ظاهر ٿيندو هو ۽ شراب به اتي مٿو ملندو هو. هميشه اتي به ڏينهن جون جنگيون ٿينديون هيون ۽ رات جو محفلون ۽ مجلسون ٿينديون هيون.

جيئن هندن ۾ مَهَاپَرليه ۽ مسلمانن ۾ قيامت چوندا آهن، جڏهن سڀڪجهه نيست نابود ٿي ويندو آهي، تيئن ٽيوٽنن ۾ رَگنراڪ هو. تڏهن سڀ خدا به ناس ٿي ويندا، انهي وقت کان اڳي دنيا تمام خراب حالت ۾ پڏندي ۽ خوفناڪ آفتون ۽ عجيب واقعا ٿي گذرندا، پر جڏهن آسمان زمين ٻاهر جي مچڻ ۾ سڙي ناس ٿي ويندا تڏهن وري نئين زمين ۽ نئون آسمان پيدا ٿيندو سڀ خرابيون گم ٿي وينديون ۽ باالبر ظاهر ٿيندو.

يھودي مذھب

تاريخي احوال:

يھودين جي ننڍي قوم آھي مگر انھي جو اثر مذھبن تي تمام گھڻو رھيو آھي، ھنن کي جيُو يا جھوڏ يا عبراني سڏيندا آھن، عبراني کي ھيبرو به چون ٿا اھا ٻولي ھُو ڳالھائيندا ھئا. انھي قوم جو بزرگ ھيبر نالي ھو جنھن پنيان اھو نالو پيُن. يھودين جو باني حضرت ابراھيم آھي، جو مٿين ھيبر جي نسل مان ھو ۽ اُر شھر جو رھندڙ ھو جو فرات نديءَ جي اپرندي ڏي ھو حضرت ابراھيم ۽ ان جو اولاد نسل به نسل نبي شمار ۾ آيا. حضرت ابراھيم کان پوءِ حضرت اسحاق سندس پٽ سندس جانشين ۽ قوم جو سردار ٿيو ۽ پوءِ انھي جو پٽ يعقوب ھو. يعقوب ع کي اسرائيل به سڏيندا ھئا. تنھنڪري ان جو اولاد بني اسرائيل سڏبو آھي، حضرت يعقوب کي ٻارھن پٽ ھئا، جن مان ھڪڙو يھود نالي ھو. جنھن اولاد مان حضرت دائود، حضرت عيسيٰ مسيح ھئا. يھودي يا جھودي به انھي نالي پنيان ٿا سڏجن. حضرت يوسف به انھي جو پٽ ھو. جو پوءِ مصر ۾ ويو ۽ اتي فرعون بادشاھ جو وڏو عزيز يا وزير ھو حضرت يعقوب جڏھن وڏي گھڻو ٿيو تڏھن اھي ڦٽي ٻارھن شاخون يا قومون ٿيون، ھن جو ھر ھڪ پٽ ڌار ڌار قوم جو سردار ٿيو حياتيءَ جي پڇاڙيءَ وارن ڏينھن ۾ حضرت يعقوب پنھنجي پٽ حضرت يوسف جي سان گڏ وڃي مصر ۾ رھڻ لڳو ھو ان جو اولاد پھرين وڏي زور وارو ھو پر پوءِ فرعون بادشاھن جا غلام ۽ قيدي ٿيا.

نيٺ انھن جي اولاد مان حضرت موسيٰ نبي انھن کي فرعون جي بند مان ڪڍيو ۽ ڪنعان جي زمين ۾ وڃي رھايو. ھو بحر احمر مان ٿي لنگھيا ته فرعون جا ماڻھو اچي پھتس پر ھو پار نڪري ويا ۽ ھي ٻڏي

مٿا. ڪنعان ۾ پهچڻ کان اڳي چاليهه ورهه هو جهنگ ۾ پيا رليا. انهي وچ ۾ حضرت موسيٰ به وفات ڪئي ۽ سندس جانشين حضرت يسوع قوم کي خدا جي وعدي ڪيل زمين ۾ وٺي آيو ۽ اهو ملڪ ٻارهني قومن کي وراهي ڏنو. يوشع کان پوءِ يهودي قوم جي حڪومت پهرين پرين مڙس جي مجلس يا جماعت جي حوالي ٿي، پوءِ منصفن جي ۽ پوءِ هڪڙي بادشاهه جي حوالي ٿي ۽ ساؤل پهريون بادشاهه هو. انهي کان پوءِ حضرت دائود سندس جاءِ تي ويٺو ۽ دائود کان پوءِ حضرت سليمان بادشاهه ٿيو. انهن ٽنهي بادشاهن جي راڄ ۾ بني اسرائيل يا يهودين جا ساري ڪنعان ۾ پير مضبوط ڪپي ويا ۽ ٿوري وقت لاءِ اها بادشاهت وڏي فرات ندي ۽ ڳاڙهي سمنڊ تائين آئي جتي کي بندر به هئن. پوئين بادشاهه جي وفات وقت اهي ٻارهن قومون وري ڌار ٿيون ۽ سندن مخالفت مان ٻه بادشاهتون قائم ٿيون: هڪڙي اسرائيل جي ۽ ٻي يهوداه جي. يهوداه واري حضرت دائود جي اولاد سان وفادار رهي ۽ حضرت سليمان جي پٽ رحوبوم جي تابعدار رهي. ۽ اسرائيل جي بادشاهت پنهنجي لاءِ يروبوم بادشاهه پسند ڪيو. اهي ٻئي بادشاهتون پاڻ ۾ وڙهڻ ڪري نيٺ حڪومت ڇڏي غلام ٿيون. اسرائيل جي بادشاهت کي اسيريه جي بادشاهه تسلمنليسر ناس ڪيو ۽ يهوداه جي بادشاهت کي نيبو ڪدنصر (بخت بصر) جو گهڻن يهودين کي قيد ڪري وٺي ويو ۽ يروشلم کي به ڪاهه ڪري ورتائين ۽ سندن عبادتگاهه پڇي ناس ڪيائين ۽ ماڻهن کي قيدي يا غلام ڪري وٺي ويو. ستر ورهن کان پوءِ يهودي ايران جي سائرس بادشاهه کان اجازت وٺي يروشلم ۾ موٽي آيا جتي سندن پادري يا ربي مٿن حڪومت هلائيندا رهيا. ايران جي بادشاهت گم ٿيڻ تي يهودي سڪندر بادشاهه جي حڪم هيٺ رهيا. ڪن ورهن کان پوءِ وري به سيرياجي ماڻهن انهن تي فتح حاصل ڪئي ۽ انهن کي غلام ڪيائون. پر انهن هنن سان وڙهي نيٺ پاڻ کي آزاد ۽ خودمختيار ڪيو. پوءِ رومن ماڻهن دست اندازي ڪري انهن جي مٿان هرود حاڪم ڪيو جنهن جي وقت ۾ حضرت عيسيٰ ڄائو.

مذهب:

جڏهن يهودي ڪنعان ۾ آيا تڏهن اتي اڳيئي گهڻا مندر ۽ بتخانا هئا جن مان وڏو بعل نالي پهڻ جو بت هو. بعل لفظ جي معنيٰ ڌڻي يا خاوند آهي. اهو هڪڙو اڻ گهڙيل پهڻ جو ايو زمين ۾ ڪتل هو ۽ هڪڙي وڻ جو بنڊ مونث خدا يا ديوتا هو. اهي ٻئي پوک ۽ آبادي جي سنڀال لاءِ هئا. يهودي يا بني اسرائيل بہ اتي جي ماڻهن وانگي بت پرست ٿيڻ تي هئا. گهڻن کي ڪو بہ اعتراض ڪو نہ آيو. فقط ڪن ٿورن کي اعتراض هو. حضرت سليمان، جو بني اسرائيل جو نبي بہ هو ۽ بادشاهہ هو، تنهن گرچہ هڪڙي وڏي خدا يهوداه جي لاءِ عبادتگاهہ پنهنجي گاديءَ جي هنڌ ٺهرائي، تڏهن بہ هن ٻين اتي جي خدائن لاءِ بہ ڪي مندر ٺهرايا. پوءِ بني اسرائيل ۾ جيڪي وقت بوقت نبي پيدا ٿيندا ويا تن جي تعليم هيٺ هو وري هڪڙي خدا جي پرستش ڪرڻ لڳا، جنهن کي يهوداه جو نالو مليل هو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هو ٻين سڀني خدائن کان مطلق انڪاري ٿيا ۽ فقط يهوداه کي ساري جهان جو پيدا ڪندڙ ۽ سنڀاليندڙ سمجهي انهي جي پرستش ڪندا رهيا. درجي بدرجي هو خدا جون ذاتي ۽ صفاتي وصفون معلوم ڪرڻ لڳا ۽ انهن کي سچو ۽ عدل انصاف وارو ۽ چڱو سمجهڻ لڳا. جڏهن عيسوي سن کان 458 ورهہ اڳي يهودي بابل جي بت پرست بادشاهن جي قيد کان آزاد ٿي موٽي يروشلم ۾ آيا تڏهن سندن رين يا پادرين سندن اصلوڪي مذهب کي زور وٺايو ۽ توريت کي تازو ڪيائون ۽ زبور ڳايائون، لوهون ڪيائون، صدقا ۽ قربانيون ڪيائون ۽ عباتگاهون ٺهرايائون جتي گڏ ٿي عبادت ڪندا هئا. ۽ انهي لاءِ سبت جو ڏينهن يعني ڇنڇر مقرر ڪري ڇڏيائون. توريت ۾ هڪڙي خدا يهوداه جي نسبت ۾ هي آيتون هيون، جي نموني لاءِ ڏجن ٿيون:

1. "اوهين پنهنجون اکيون مٿي کڻو ۽ ڏسو تہ ڪنهن هي سڀ شيون خلقيون آهن."
2. "دائم قائم خدا، خداوند، ڌرتي جي ڇيڙن جو پيدا ڪندڙ ٿڪجڻ جو ناهي."

3. "پيو ڪو بہ خدا ڪونهي، آءٌ پهريون ۽ پوئيون آهيان ۽ مون کان سواءِ پيو ڪو بہ خدا ڪونهي."
4. "سچ جو خدا، جنهن وٽ ڪا بہ بي انصافي ڪانهي. اهو انصاف وارو سچائي وارو آهي."
5. "خداوند لشڪرن يا قومن جو خدا پاڪ، پاڪ آهي."
6. "تون اهڙو خدا آهين، جو هميشہ معافي ڏيڻ لاءِ تيار آهين، مهربان ۽ رحم وارو آهين. دير ڪاوڙيو آهين ۽ وڏي شفقت وارو آهين."
7. "اي انسانو! هن اوهان کي چڱو ۽ سنو رستو ڏيکاريو. اوهان کان خداوند پيو ڇا ٿو گهري، سواءِ هن جي تہ انصاف سان هلو ۽ رحم پسند ڪريو ۽ پنهنجي خدا جي اڳيان نياز ۽ نوڙت سان هلو."

ايندڙ شفاعت واري جي اميد:

صدين جون صديون يهودي بت پرست حاڪمن جي زبردستي ۾ رهيا. سندن نيتن وقت بوقت کين پيشنگوئي ڪئي هئي تہ هڪڙو وقت اچڻو آهي جڏهن يروشلم دنيا جو مذهبي تختگاهہ ٿيندو ۽ يهودي سيني دنيا جي قومن کان وڏا ٿيندا ۽ هڪڙو خدا جو موڪليل شفيع ۽ مسيح ظاهر ٿيندو، جو خدا جي بادشاهت قائم ڪرڻ جو منڍ ٿيندو. انهي مسيح جون گهڻيون ئي معنائون ڏنيون ويون. "اسان جي لاءِ هڪڙو ٻار ڄمندو، اسان جي لاءِ هڪڙو پٽ ڏنو ويندو. جنهن جي ڪلهي تي حڪومت جو بار رهندو ۽ انهي جو نالو عجب وارو ۽ صلاحڪار ۽ قدرت وارو خدا، هميشہ حياتي ڪندڙ پيءُ، صلح جو بادشاهہ هوندو." "هو اسان جي گناهن لاءِ زخمي ڪيو ويو ۽ اسان جي ظلمن لاءِ هن جا هڏا ڀڳا ويا. اسان جي صلح جي سزا هن جي سر تي آئي ۽ انهي جي ڇهڪن ڪاڻ سان اسان جا زخم ڇٽي ويا." جڏهن حضرت عيسيٰ يا يسوع پيدا ٿيو ۽ مسيح سڏائڻ لڳو تڏهن يهودين کيس نہ مڃيو، ڇو جو رومن ماڻهن جا ظلم ٿي سٺا، تن جو خيال هو تہ اهو

اهڙو بادشاهه هئڻ گهرجي جو رومن ماڻهن کي جيتي ۽ يروشلم دنيا جي تختگاهه ڪري. نه فقط هن تي ايمان نه آندائون پر رومن حاڪمن وٽ فريادي ٿيا ۽ عرض ڪرڻ لڳا ته هن کي صليب تي چاڙهيو ۽ نيٺ ايئن ٿيو. انهي کان پوءِ هو جدا جدا ملڪن ۾ جدا جدا بادشاهن جي هٿان ظلم ۽ سختيون سهندا آيا آهن ۽ ٻين قومن سان شاديون ڪندا گڏبا آيا آهن تڏهن منجهن اصلوڪي صورت ۽ قوميت قائم رهندي آئي آهي ۽ هو دنيا ۾ پکڙيا ويا آهن ۽ واپار ۽ پيسن گڏ ڪرڻ ۽ وياج تي پيسن ڏيڻ ۽ طبابت ڪرڻ جي ڌنڌن ۾ نالو ڪيندا آيا آهن. علم ۽ حڪمت ۽ موسيقي ۾ به هو مشهور ٿيا آهن.

پاڪ ڪتاب:

يهودين جا پاڪ ڪتاب آهن توريت، جنهن ۾ زبور به اچي وڃن ٿا. توريت حضرت موسىٰ جو شمار ڪجي ٿو ۽ زبور حضرت دائود جو. هو اجا تائين پنهنجو قديم عادتون ۽ رسمون وٺيو اچن ۽ ڦيرايون نه ٿا. جيڪي شيون منجهن اصل کان پليت ۽ ناپاڪ شمار ٿيل آهن سي اجا به ايئن آهن ۽ عيدون ۽ وڏا ڏينهن به اهي ملهائيندا ايندا آهن. اڳي سندن پادري لاوي قوم مان هوندا هئا، جن کي پوءِ ربي سڏڻ لڳا پوءِ انهن ربين گڏجي قومي ۽ مذهبي قاعدا ۽ قانون جوڙيا، جي هڪڙي ڪتاب ۾ لکيا ويا جنهن کي تالمد ٿا چون. اهو 500 ع ۾ تيار ٿيو ۽ گهڻا يهودي انهن کي ميڃڻ ۽ انهي تي هلڻ لڳا پر ڪن انڪار ڪيو. انهي ڪري يهودين جا به فرقا ٿي پيا هڪڙا تالمدي پيا ربيي. پويان فقط توريت تي هلندا آهن. انهن کان سواءِ به پيا ڪي ننڍا فرقا انهن ۾ آهن. گهڻا يهودي يورپ جا رهندڙ عيسائي مذهب تي اچي ويا آهن ۽ هر حالت ۾ يورپي پيا پائنجن.

maablib.org

عيسائي يا نصراني مذهب

پيشنگويون:

عيسائي مذهب جنهن کي ڪرسچانٽي چون ٿا سو يهودين جي مذهب منجهان نڪتو. انهي جي بيان ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته حضرت ابراهيم، يهودي قوم جو ڏاڏو هو. تنهن سان خدا وعدو ڪيو هو ته "تنهنجي ڪري ڌرتي جي سڀني ڪٽنبن ۾ برڪت پوندي." يعني سندس اولاد مان ڪو برڪت وارو نبي پيدا ٿيندو. حضرت ابراهيم جي ڏهٽي به اها پيشنگوئي ڪئي ته "بادشاهي لٺ يهوداه جي اولاد مان نه ويندي، جيسين نشلوه ايندو." حضرت موسيٰ به اهڙي پيشنگوئي ڪئي ته "خدا مون جهڙو نبي اوهان منجهان پيدا ڪندو تنهنجو حڪم ٻڌجو." انهن کان پوءِ به وقت بوقت نبين اهڙي هڪڙي شفيع جي پيشنگوئي پي ڪئي ته يهوداه جي قوم مان ۽ حضرت دائود جي ڪٽنب مان اهو پيدا ٿيندو ۽ ڪنٺاري ڙال مان ڄمندو ۽ اهو هنڌ بيت الحم هوندو ۽ انهي جي اچڻ جي اڳواٽ خبر وٺڻ وارو پيو ڪو ايندو ۽ اهو معجزا ڏيکاري پنهنجي تعليم ڏيندو ۽ وڏي تحمل سان يروشلم ۾ داخل ٿيندو ۽ ماڻهو کيس رد ڪندا ۽ چاندي جي ٽيهن سڪن تي هو دغا سان گرفتار ٿيندو ۽ هٿن پيرن ۾ ميخون لڳنديس ۽ سر ڪو ڏنو ويندس ۽ هڪڙي دولتمند ماڻهوءَ جي قبر ۾ پوريو ويندو ۽ پوءِ مئن مان اٿندو ۽ بادشاهت قائم ڪندو جا پڇاڙي تائين هلندي. اهي سڀ پيشنگويون توريت ۾ ڏنل آهن.

تاريخي احوال:

مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته يهودي يا بني اسرائيل جي حضرت ابراهيم جي اولاد مان هئا. سي ڪيئن مصر ۾ ظلم سهي حضرت

موسيٰ جي مدد سان ڪنعان ۾ آيا ۽ پوءِ منجهن بادشاهه ٿيا ۽ وري به قيدي ۽ غلام ٿي بابل ۾ آيا جتان ايران جي بادشاهه سائرس انهن کي وري آزادي ڏني. ۽ پوءِ رومن شهنشاهت جي زماني ۾ فلسطين جو حاڪم يا بادشاهه هيرود هو. جو ڏاڍو ظالم هو هن جي مرڻ کان پوءِ سندس ملڪ سندس پٽن پاڻ ۾ وراهي ورتو ۽ انهن مان فلسطين وري به ان جي پٽ هيرود ٿي کي مليو. فلسطين (پاليسٽائين) جو پرڳڻو يونوچه سمنڊ سان لاڳو آهي جوان جي الهندي آهي ۽ اتر ڏي لبنان جبل اٿس. اڀرندي ۽ ڏکڻ ڏي عربستان جا واريا سا بيابان اٿس. پردي ندي جا لبنان مان نڪري مٿل سمنڊ ۾ پوي ٿي سا ان کي وراهي به ڀاڱا ڪري ٿي. رومن شهنشاهت جي وقت فلسطين جا چار ڀاڱا هئا يهوديه، سمريه، گليلي ۽ پيريا. يروشلم اڳوڻو گادي جو هنڌ يهوديه ۾ هو ۽ رومن گورنر گليلي جي تانيريس شهر ۾ رهندو هو. انهي جي ويجهو نصرت شهر آهي جتي حضرت عيسيٰ ڄائو.

مذهبي حالت:

يهودي جڏهن بابل کان موٽي پنهنجي وطن ۾ آيا تڏهن بت پرستي ڇڏي ڏني هئائون. يروشلم ۾ جيڪا ديول يا عبادتگاهه هئي سا وري مرمت ڪرائي اتي عبادت ڪندا هئا ۽ پنهنجون قديم قومي ۽ مذهبي رسمون ادا ڪندا هئا. انهن جي قومي جماعت يا مجلس مٿن مذهبي يا راجائي حڪم هلائيندي هئي جنهن ۾ ٻاهتر بزرگ هوندا هئا. انهن ۾ هڪ جيترا پادري ۽ عالم ۽ پريا مڙس هوندا هئا. يهودين جون به مک شاخون هيون. هڪڙا فريسي، جي پاڻ کي پاڪ ۽ اتم سمجهندا هئا ۽ ٻين کي پاڻ کان گهٽ. جيئن هندستان ۾ برهمڻ هوندا هئا ٻيا صدوقي جي هنن جا مخالف هئا. جي توريت جا فقط پنج ڪتاب قبول ڪندا هئا ۽ ملائڪن ۽ روحن کي نه مڃيندا هئا ۽ وسهندا هئا ته روح به جسم سان گڏ مري وڃن ٿا ۽ عيش عشرت ۾ گذاريندا هئا ۽ مذهب جو ڪو به خيال ڪين رکندا هئا. اهي تعداد ۾ ٿورا هئا مگر زور وارا ۽ دولتمند هئا ۽ جماعت جو وڏو پادري يا

پريزيڊنٽ انهن مان هوندو هو. انهن ۾ قومي شاخن کان سواءِ ٽيا سمريٽن به هئا. جي يهوديه ۽ گليلي جي وچ ڊاري رهندا هئا ۽ اسريه جي بادشاهه جي موڪليل ماڻهن جي اولاد مان هئا ۽ گڏيل ذاتين جا هئا، مگر هاڻي پاڻ کي اسرائيلي سڏائيندا هئا. هنن کي حضرت موسيٰ جي توريت جا پنج ڪتاب هٿ لڳي ويا هئا، تن جرزيم جبل تي هڪڙي ننڍي ديول يا عبادتگاهه ڪٽي ٺهرائي هئي. انهن سمريٽين ماڻهن کي يهودي ڌڪاريندا هئا بلڪ انهن جي نالي کان پڇندا هئا. عالم جنکي ڪاتب يا قاعده دان به سڏيندا هئا، سي توريت جا نقل ڪندڙ هئا جو انهن ڏينهن ۾ ڇاپو نه هوندو هو ۽ توريت جي قاعدن مان واقف هئڻ ڪري استاد يا تعليم ڏيندڙ به هئا. اڪثر اهي فريسي هوندا هئا. انهن کان سواءِ ٻيا ڌاريا ماڻهو هئا جي بت پرستي ڇڏي يهودي ٿيا هئا ۽ پروزيلائٽ يا نوان داخل ٿيل سڏبا هئا، جيئن هاڻي ڪرستان ۽ شيخ هوندا آهن.

مسيح جي اچڻ جي اميد:

يهودين رومن جي راڄ ۾ گهڻا ظلم سٺا هئا ۽ مسيح جون پيشنگوين ٻڌي منتظر هوندا هئا ۽ اميد رکندا هئا ته اهو ظاهر ٿئي ۽ سندن بادشاهه ٿي کين ظلمن کان ڇڏائي ۽ سندن دشمنن کان وير وٺي. اهو هو عام خيال، مگر مسيح جي روحاني مهندار ۽ مذهبي سڌاري ڪندڙ جو خيال ڪن مختصر يهودين کي هو. انهن ڏينهن ۾ رومن شهنشاهت دنيا ۾ بي مثال هئي. ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ کان وٺي فرات نديءَ تائين هئي. يونوچه سمنڊ جڻ ته انهي جي وچ ۾ هڪڙي ڍنڍ آهي. روم گاديءَ جو هنڌ هو جتان گهڻن پاسن ڏي سڙڪون جاري هيون ۽ واپار هلندڙ هو ۽ هزارن قومن جا ماڻهو انهي جي اندر رهندا هئا ۽ انهي جو حڪم مڃيندا هئا. جيڪو دنيا ۾ انهي وقت سڌارو هو سو رومن شهنشاهت جي حدن اندر هو. انهي کان ٻاهر بي بندوبستي ۽ جنگيون جهيڙا ۽ بي عملي هئي. مذهبي حالت انهي جي خاص طرح خراب هئي. هو نهايت پرمي هئا ۽ جنن ڀوتن کي مڃيندا هئا ۽ انهن

لاءِ پل چاڙهيندا هئا. خود رومن ماڻهن جي مذهب جي حالت به هندستان جي ماڻهن جهڙي هئي ۽ انهي جو مٿي بيان ڏنو ويو آهي. مطلب ته فقط يهودين جي قوم ۾ هڪڙي خدا جي پرستش جو خيال هو انهن کان سواءِ ٻين هنڌن تي دنيا ۾ گهڻن خدائن جي پرستش ٿيندي هئي ۽ بت پرستي عام هئي حضرت عيسىٰ جي ڄمڻ وقت دنيا جي مذهبي حالت اها هئي.

يسوع مسيح جي مختصر سوانح عمري:

يسوع عبراني نالو آهي جنهن کي عربي ۾ عيسىٰ ٿا چون ۽ انگريزي ۾ جيزس ۽ مسيح عبراني ۽ عربي لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي مَکيل يا تيل لاتل. مسيح چون مکڻ يا پاڻي، تيل وغيره لائڻ کي. انگريزي ۾ انهي کي مسايا چوڻ ۽ ڪرائيسٽ يا ڪرسٽ به. جنهن مان ڪرستان ۽ ڪرستيانٽي لفظ نڪتل آهن. عرب عيسائين کي نصارا يعني نصراني چون، جو حضرت عيسىٰ نصرت شهر ۾ ڄائو هو. رومن شهنشاهه انهي وقت اگسٽس سيزز هو جنهن جي بادشاهت جي هڪڙي عربياڻي پرڳڻي ۽ ڳوٺ ۾ هڪڙو ٻار ڄائو جنهن جو پيءُ جو زيف يا يوسف نالي وارو سڏبو هو. ٻارهن ورهن جي عمر ۾ هو پنهنجن مائٽن سان گڏ يروشلم ۾ آيو. انهي عمر ۾ به هو رواجي ٻارن کان زياده سمجهه ۽ خيال ۽ دل ۽ دماغ جي طاقت وارو هو مگر اهڙي ڪا ڏيان ڇڪڻ جهڙي نشاني ان مان ظاهر نه ٿي. جڏهن جوان ٿيو تڏهن به في الحال ڪا اهڙي حيرت جهڙي ڳالهه ڪا نه ٿي، اوچتو هو نصرت جي گوشه نشيني مان نڪري ٻاهر ٿيو ۽ ڪنهن به ٻئي جي مدد يا همدرديءَ کان سواءِ جيڪو هڪڙي عام واڌي جو پٽ سمجهيل هو، سو ماڻهن جي ڪوڙن پرمن ۽ ربي پادرين جي تعصب ۽ ريا ۽ ٺڳي ۽ ڪوڙائيءَ جي برخلاف بلڪ هر قسم جي گناهه ۽ بديءَ جي برخلاف وعظ ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. ڪي ٿورا پاڻ جهڙا غريب مسڪين ماڻهو هن جا شاگرد يا مريد ٿيا ۽ هن جي پٺيان لڳا. انهي ماڻهن جي مُٺ سان هو فلسطين جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گشت ڪرڻ لڳو. ٽي ورهه

برابر اها عمدي ۽ پاڪ تعليم ڏيندو رهيو. پوءِ يهودي سندس بر خلاف ٿيا ۽ حاڪمن وٽ دانهن ڪري هن کي بيعزتي سان صليب تي چاڙهيائون. هن جي عمر ٽيهه ورهه هئي. پر جيڪا تعليم ڏنائين ۽ جيڪو مذهب برپا ڪيائين تنهن ساري دنيا ۾ تحرڪ مچائي ڏنو ۽ چوڌاري پڪڙي پيو." وڌيڪ احوال هي ڏنل آهي ته حضرت يسوع مسيح عيسوي سن جي شروع ٿيڻ کان چار ورهه اڳي ڄائو هو. سندس والده ميري يا بي بي مريم هئي جا ڪنواري، اگرچه جوزيف يا يوسف واڍي جي زال هئي. حضرت عيسىٰ هڪڙي گهوڙن جي ڪڙهه ۾ ڄائو. سندس ڄمڻ جي خبر ملائڪن اتي جي ريڍارن کي ڏني ۽ انهي وقت هڪڙو تارو به اڀرندي کان مٿي چڙهيو. جو مجوسين کي ونئي يروشلم ۾ آيو ۽ اتي هنن هيرود بادشاهه يا حاڪم کي اطلاع ڏنو ته هنن کي پنهنجن پاڪ ڪتابن مان ۽ نجوم مان معلوم ٿيو آهي ته مسيح جيڪو ظاهر ٿيڻو آهي ۽ جنهن جو پيشنگويون اڳئي توريت ۾ ڪيل هيون سو ڄائو آهي، اسين انهي کي تعظيم ڏيڻ ۽ پوڄڻ آيا آهيون. هيرود ۽ سندس درباري هي خبر ٻڌي ٿرٿلي ۾ پئجي ويا. اهي مجوسي وري به انهي تاري جي سونهپ سان بيت اللحم ۾ آيا ۽ اتي اهو ننڍون ڇاول ٻار ڏٺائون. انهي جي زيارت ڪري ۽ نذرنياز ڏئي ٻئي رستي سان موٽي هليا ويا ۽ هيرود ڏي نه ويا، جو هنن کي اهڙي الهامي هدايت مليل هئي. ساڳئي وقت ميري جي مڙس جوزيف کي به خواب ۾ اشارو مليو ته اتان ڀڄي خوف کان ڇٽي. ان موجب هو زال ۽ ٻار سميت ڀڄي مصر ڏي ويو. اجا هوينڌ ۾ ئي هئا ته هيرود بيت لحم ۾ نون ڄاولن ٻارن ۾ آڻي ڪوس وڌو. نيٺ اهو ظالم بادشاهه مري ويو تڏهن يوسف موٽي وطن آيو. پر هيرود جو جانشين ارڪيلاز اتي راڄ ڪندو ڏسي لڙي نصرت جي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. انهي طرح جنهن پيشنگوئي ۾ يسوع نصراني سڏيو ويو هو سا پوري ٿي. اتي يسوع ٽيهن ورهن تائين پيءُ سان گڏ رهيو ۽ شايد انهي وارو ڌنڌو ڪندو رهيو. پوءِ پنهنجي مذهبي تعليم شروع ڪيائين. هن کي جا بپٽسٽ (حضرت يحيٰ) بپٽسما ڏني ۽ ڪي ٿورا شاگرد گڏ نڪري پيو ۽ وعظ ڪندو ۽ معجزا

ڊيڪاريندو گهمندو وتيو. هن جي مذهبي اصولن ۽ معجزن تي يهودي حيران ٿيڻ لڳا، پر هن کي مسيح مڃڻ جي بدران سخت دليءَ سان هن سان مخالفت ڪرڻ لڳا ۽ هن کي ڪوڙو ۽ ٺڳ ۽ جادوگر ڄاڻايائون. پنهنجي قومي جماعت ۾ صلاح مشورو ڪري ٺهراءُ ڪيائون ته هن کي ماري ڪپائجي ۽ سندس پڪڙڻ جي پٺيان پيا ۽ هن جي ٻارهن شاگردن مان هڪڙي خيوداس نالي ٽيهه چانديءَ جا سڪا هنن کان وٺي هڪڙي باغ ۾ هنن کي يسوع ڏيکاريائين ۽ گرفتار ڪرايائينس. هو پهرين هن کي پنهنجي وڏي پادري وٽ وٺي ويا، جنهن وري مڪاني حاڪم پانٽيس پا بليٽ ڏي ڏياري موڪليو. هن يسوع کي بيگناهه سمجهي گهٽيئي ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر يهودي نه مڙيا. ايترو ته مٿس زور رکيائون ته جي تون هن کي نه مارائيندي ته سيزر شهنشاهه جو دشمن سمجهبين. تنهن تي لاچار ٿي هن يسوع کي ڦاسي چاڙهڻ جو حڪم ڏنو ۽ ٻن ٻين ڌوهارين سان گڏ انهن جي وچ ۾ هن کي صليب تي چاڙهيو. اهو 36ع جي اپريل مهيني جي ٽي تاريخ هئي ۽ جمعي جو ڏينهن هو. انهي جي لاش هڪڙي نئي قبر ۾ پوري وئي. صليب تي چڙهڻ وقت يسوع ظاهر ڪيو هو ته آءٌ ٽئي ڏينهن وري جٿرو ٿي اٿندس تنهن ڪري يهودين پائليٽ کان سپاهي وٺي ٽي ڏينهن قبر تي پهرو رکايو. پر جڏهن ٽيو ڏينهن آيو تڏهن هو جيئرو ٿي نڪري آيو. سپاهين ڊوڙي وڃي يهودين کي ٻڌايو جن جي پڳهاريا اجوري ڏيڻ تي هو رکيا ويا هئا. يهودين انهن پهري وارن کي رشوت ڏئي ايئن چورايو ته سندس مريد اتان لاش چورائي کڻي ويا. انهي کان پوءِ يسوع چهن هفتن تائين پنهنجي مريدن سان گڏ گذاريو ۽ پوءِ هنن کي ٻاهر سان وٺي زيتونن جي جبل تي آيو ۽ اتان آسمان ڏي چڙهي ويو.(•)

maablib.org

حضرت يسوع مسيح جي تعليم:

حضرت يسوع مسيح جا مفصل مذهبي اصول انجيل ۾ ڏنل آهن

(•) هي مختصر احوال سواءِ معجزن ۽ پيشنگوين ۽ ڏند ڪٿائن جي، موز صاحب جي ڪتاب تان ورتل آهي.

جنهن کي نئون عهد يا نيونستميٽ يا گا سپيل يعني خوشخبري ٿا چون. مختصر لفظن ۾ هن جي تعليم جو مدعا هي آهي ته ماڻهو يا آدم ذات حضرت آدم جي گناهه يا خدا جي حڪم جي نافرماني ڪرڻ ڪري بهشت مان هڪاليو ويو پر جي وري توبهه ڪندو ۽ خدا جي حڪمن جو فرمانبردار ٿيندو ۽ حضرت يسوع مسيح کي مڃيندو ۽ انهي جي شفاعت وٺندو ته مرڻ کان پوءِ خدا تعاليٰ وري مٿس مهربان ٿيندو. حضرت يسوع خدا جو پٽ ٿي آسمان مان ماڻهوءَ جي صورت ۾ زمين تي آيو ۽ جهان جي گهنگارن آدمين جي بدران سندن گناهن جي ڪفارو سر تي کنيائين ۽ انجيل جي هدايت سان جهان کي اها هميشه جي حياتي ۽ نجات وٺي ڏنائين جا اصل آدم کي مليل هئي ۽ جا پوءِ هن هٿان وڃائي. تنهن ڪري ماڻهوءَ کي نماڻو ۽ نياز وارو ۽ نيڪي ۽ تحمّل وارو ۽ دنيا ۾ قناعت ڪندڙ رهڻ کپي ته هميشه جي پاڪائي حاصل ٿيس. منزيز صاحب هن جي تعليم جو مجمل بيان هن طرح ڏنو آهي: "خدا اسان جو آسمان وارو پيءُ آهي. ماڻهو سڀ هن جو اولاد آهن. ايئن وسهي ماڻهن کي دنيا ۾ حلت ڪرڻ گهرجي. وڏي خدا جي مرضي آهي ته سڀ ڪو ماڻهو ساٿس سندس پيار وانگي گذاري. انهيءَ کي ئي مذهب ٿو چئجي. پيءُ ۽ پٽ هڪٻئي سان محبت ۾ گذارين ٿا. انهي لاءِ ٻين ٻاهرين قانونن ۽ رسمن راهن ۽ زيارتن ۽ قربانين جو بلڪل ضرور ڪونهي. اها محبت ۽ اهو واسطو سڀ ڪنهن هنڌ ڪو به رکي ٿو سگهي. اهو خاص اخلاقي ڪم آهي ۽ محبت جو طبعي رستو آهي. پيءُ کي پنهنجن ٻارن جي سڀ ڪا خبر آهي ۽ جيڪي هن کي گهربل آهي سو ڏيئي ٿو سگهيس گهرڻ کان به سواءِ. جيڪي گناهه هو ڪري ٿو تن کان جڏهن هو پڇتائي ٿو تڏهن معاف ٿو ڪريس. چڱائي جي ڪمن ڪرڻ ۾ هن کي هميشه مدد ٿو ڪري. ٻار کي خبر آهي ته پيءُ هميشه کيس ويجهو آهي ۽ دعا گهرڻ ۽ سوال ڪرڻ سان جيڪا مراد يا گهرج اٿس سا هن وٽ نٿي ٿي اگرچه خبر اٿس ته هن کي سواءِ گهرڻ جي اڳئي ان جي خبر آهي. هي به ٿو ڄاڻي ته جيڪا چڱي يا پڇڙي حالت اچيس ٿي سا هن جي موڪليل آهي ۽

اها سندس چڱائي لاءِ آهي ۽ هر وقت هن جي مرضي معلوم ڪرڻ گهري ٿو ۽ انهي تي راضي رهي ٿو ۽ انهي تي سچي دل سان هلي ٿو.

اصول ۽ فرض:

حضرت يسوع مسيح جي تعليم يعني عيسائي مذهب جا ٻه وڏا اصول آهن: خدا کي پيءُ ڄاڻڻ ۽ ماڻهوءَ کي ڀاءُ ڄاڻڻ ۽ انهي مان هي ٻه وڏا فرض ٿا نڪرن: خدا سان محبت رکڻ ۽ ماڻهوءَ کي پيار ڪرڻ. حضرت يسوع پنهنجن شاگردن کي اها تعليم ڏني ته خدا کي "اسان جو آسمان وارو پيءُ" ڪري سڏين ۽ انهن کي حڪم هو ته ڪوشش ڪري پيءُ جهڙا ڪامل ٿين. انهن کي سندن گهرڻ کان اڳي خبر آهي ته هنن کي ڇا ٿو گهرجي. خالق هئڻ ڪري هو سڀني ماڻهن جو پيءُ آهي. اڳي هو ڪي ٻه ڪين هئا، هن جي حڪم پنيان هو هستيءَ ۾ آيا. ۽ پوءِ جيڪي هنن کي گهربل ٿئي ٿو سو ڪين موجود ڪري ڏئي ٿو جيئن پيءُ پنهنجي اولاد کي ڪري. ايتري مهرباني جي عيوض اسان جو اهو فرض آهي ته خدا سان محبت رکون ۽ هميشه پاڻ کي هن جي اڳيان سمجهون. يا هن کي حاضر ناظر ڄاڻون، هن جي مرضي پنيان هلون ۽ انهي جهڙي ٿيڻ جي خواهش ڪريون. سڀ ڪو ماڻهو گنهگار آهي ۽ گناهه سان ماءُ جي پيٽ ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ سندس دل خراب آهي ۽ منجهنس خود پسندي ۽ ناپاڪي گهٽي آهي، يعني پيءُ جو يا خدا جو بيشڪر يا نا احسانمند ۽ نافرمان پٽ آهي، تنهن ڪري تنهن پيشيمان ٿيڻ گهرجيس ۽ انهن کان معافي گهرڻ کپيس. جڏهن ڪو ائين ڪري ٿو تڏهن خدا هن کي ايئن معافي ڏئي ٿو ۽ پاڻ سان گڏي ٿو جيئن ڪوئي اهڙي پلي پلي پاڻ آيل پٽ کي ڪري ٿو. اها پشيماني يا توبهه سچي هئڻ گهرجي. انهي فرض جي ادائي يا استقامت لاءِ خدا کي توفيق ۽ مدد جي دعا گهرڻ کپي. انهي حضرت پنهنجن شاگردن کي خدا کان گهرڻ لاءِ هي دعا سيکاري "اي! اسان جا پيءُ، جو آسمان ۾ آهين، شل تنهنجو نالو پاڪ هجي. اڄ اسان کي پنهنجو روزمره وارو کاڌو ڏي. ۽ اسان جو قرض اسان کي بخش ڪر جيئن اسين پنهنجن قرضين کي بخش ڪريون ٿا. اسان کي آزمائش

واري هنڌ نہ وليءِ وچ پر اسان کي برائي کان ڇڏاءِ."

خدا جي عام خلق جي ٿي هنڻ مان ماڻهن جي پاڻ ۾ پيائپي ٿي ثابت ٿئي. سڀ قومون هڪڙائي رت مان جڙيل آهن. انهن ۾ ذات پات جو ڪو بہ فرق ڪونهي. تنهنڪري هر ڪنهن ماڻهوءَ کي لازم آهي تہ پنهنجي پاڙيسري کي اهڙو پيار ڪري جهڙو پاڻ کي ڪري ۽ پين سان بہ اهڙي هلت ڪري جهڙي پانئي تہ پيا ساڻس ڪن. بلڪ هنن بہ چيل آهي تہ: "پنهنجن دشمنن کي بہ پيار ڪريو جي، اوهان کي پٽين ٿا تن کي بہ دعا ڪريو. جيڪي اوهان کي ڌڪارين ٿا تن سان ڀلائي ڪريو. جيڪي اوهان کي ستائين ٿا تن جي حق ۾ دعا گهرو.

عيسائي مذهب جو هي بہ اعتقاد آهي تہ ماڻهو بلڪل گنهگار آهي تنهنجي نجات يا ڇوٽڪاري لاءِ خدا جو هڪڙو اوتار ضرور آهي. اهڙو اعتقاد هندن ۽ ڪن ٻين مذهبن جو بہ رهيو آهي. انهي لاءِ حضرت يسوع مسيح خدا جو پٽ ٿي آسمان مان زمين تي پيدا ٿيو تہ ماڻهن کي گناهن کان ڇڏائي. هنن جو اهو بہ اعتقاد آهي تہ اگرچہ خدا هڪڙو آهي تڏهن بہ اهو ماڻهوءَ کي نجات ڏيڻ لاءِ هڪڙي مان ٽي ٿي يا ٽي ڄڻان گڏجي هڪ ٿي ظاهر ٿيا، جنهن کي ترنٽي يا تثليث چوندا آهن. اهي ٽي آهن پيءُ، پٽ ۽ روح القدس. پاڪ روح اسان کي پاڪ ڪري ٿو ۽ گناهہ تي غالب رکي ٿو. جڏهن دعا گهربي آهي تڏهن هو مدد لاءِ حاضر ٿيندو آهي.

عيسائي مذهب جو پکڙڻ:

حضرت يسوع مسيح جو پوئين حڪم پنهنجن شاگردن کي اهو تہ "اوهين ساري دنيا ۾ پکڙي پئو ۽ هر هڪ مخلوق کي انجيل جي خوشخبري جو وعظ ڪريو." ان موجب هنن ڪيو پر انهي ڪم ۾ هنن کي ڏاڍيون تڪليفون رسيون. رومن شهنشاهت هنن جي بر خلاف هئي. گهڻن شهنشاهن جي راڄ ۾ عيسائين جا وڏا ڪرس ٿيا. پهريون نيرو شهنشاهہ جي راڄ ۾ ٿيو. گهڻن کي سوريءَ تي چاڙهيائون. گهڻ کي جهنگلي جانورن جي کلن ۾ وجهي ڪتن کان ڦاڙا رايائون. ڪن

کي ڏامر مکي مشعل ڪري پاريائون ۽ تماشي جي جاين تي سوجهرو ڪيائون. پويون عام ڪوس شهنشاهه دايو ڪليشن جي راڄ ۾ ٿيو (302 کان 310ع تائين) جڏهن ماڻهو ماريائون ۽ ديولون ڍهرايائون. پر اهڙن ظلمن ڪري پاڻ انهي مذهب نئي رونق ٿي ورتي. نيٺ 313ع ۾ شهنشاهه ڪانيستنتائين جي راڄ ۾ عيسائيت تان بندش ۽ ظلم جي هلت لٿي ۽ هنن کي مذهبي آبادي ملي. خود شهنشاهه بہ عيسائي ٿيو ۽ گهڻيون ديولون ٺهرايائين.

1000ع ڌاري مس يورپ جو گهڻو ڀاڱو عيسائي ٿي ويو. انهي کان پوءِ پيون اجايون رسمون عيسائي مذهب ۾ گڏجڻ لڳيون ۽ روم ۾ مذهبي مهندار پوپ ٿي ويا جي اهڙا زوردار ٿيا جو بادشاهن کي تخت تان لاهڻ جو بہ اختيار هئن. تنهن ڪري وقت بوقت ليوٿر پارا ڪيترا ماڻهو ظاهر ٿيا جن مذهبي سڌارو ورتو.

مذهبي فرقا:

عيسائي مذهب جا گهڻائي فرقا ٿي ويا. ڪي مکہ هتي ڏجن ٿا جن کي ٿا چون:

1. رومن ڪيٿولڪ چرچ، جنهن جا اصول پوپ پائيس چوٿين ۽ ترينٽ جي ڪائونسل مقرر ڪيا.
2. آرٿوڊاڪس گريڪ چرچ جو 1642ع ۾ ٺهيو.
3. ارمينيہ، سيريا، مصر ۽ ڪلديہ جو چرچون.
4. ليوٿر واري پراٽسٽنٽ چرچ (1530ع).
5. پراٽسٽنٽ چرچ فرانس، هيلويا ۽ بيلجيم واري.
6. پراٽيسٽنٽ ايپسڪوپل چرچ 39 قلمن واري، جنهن کي انگليڪن چرچ بہ چون.
7. پراٽيسٽنٽ چرچ وسٽ منسٽر ۽ سٺواءِ واري. ساري عيسائي آدمشماري مان اڌ جيترا فقط رومن ڪئٿولڪ آهن ۽ اڌ جيترا ٻيا سڀ فرقا. انهن مان بہ اڌ جيترا آهن پراٽسٽنٽ ۽ اڌ جيترا گريڪ چرچ وارا.

اسلام يا محمّدي مذهب

اسلام لفظ جي معنيٰ آهي پاڻ کي خدا جي مرضي تي سونپڻ يا تسليم ڪرڻ(*) انهي جو باني حضرت محمد ﷺ هو جو عربستان جي مڪي شهر ۾ ڄائو.

قديم عرب ۽ انهن جي حالت:

عربستان ايشيا کنڊ جي ڏکڻ الهندي ڪنڊ ۾ آهي ۽ ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي وچ ۾ آهي. عرب لفظ جي معنيٰ آهي بيابان ۽ حقيقت ڪري انهي ڏيهه جو گهڻو ڀاڱو اهڙوئي آهي. وچ ۾ سٺين زمين آهي جنهن جي چوڌاري واريءَ جو بيابان آهي. اتي جي هوا تمام گرم ۽ خشڪ آهي. عرب ماڻهو ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا شهري ٻيا بياباني يا گهمندڙ جن کي بدوي چوندا آهن. عرب ماڻهو اصل حضرت ابراهيم جي پٽ حضرت اسماعيل جي اولاد مان آهن، جيئن يهودي ان جي ٻئي پٽ حضرت اسحاق جي اولاد مان آهن جن مان حضرت يعقوب ۽ حضرت دائود ۽ حضرت سليمان ۽ حضرت عيسىٰ هئا. شهري عرب بدوين کان گهٽا آهن ۽ زياده سڌريل آهن ۽ اڪثر واپاري ماڻهو آهن.

قديم عرب بت پرست هئا. گهڻا ئي خدا هوندا هئن جن کي پوڄيندا هئا. ڪاريون يا اڇون پهڻ جون چيون يا ڪاٺ جا بند يا آسمان جا تارا، اهي سڀ انهن جا خدا هوندا هئا. حقيقت ڪري انهي وقت آس پاس بت پرستي پکڙيل هئي. يهودي ۽ نصارا به پنهنجي اصلوڪي دين کان بگڙي ويا هئا. ڪعبو هنن جو وڏو بتخانو هو. اها هڪڙي چورس جاءِ هئي جنهن کي فقط هڪڙو دَرُ هو دَرَ جي سامهون

(*) قرآن ۾ اڳوڻي سڀني نبين جو دين اسلام سڏيل آهي جنهن ڪري محمدي دين ڪو نئون نه آهي اڳوڻو به ساڳيو آهي ۽ انهي معنيٰ سان يهودي ۽ عيسائي به مسلمان آهن.

هڪڙو وڏو بت رکيل هو جنهن کي هبل چوندا هئا، جو مڪي شهر جو رکوال سمجهيل هو ۽ مينهن آڻيندو هو. اندر ڪعبي ۾ ٽي سو سٺ بت قطارن ۾ رکيل هئا جن مان ڪي مذڪر ڪي مونث هئا، جن مان ڪن جا نالا هي هئا لات، منات، عُزيٰ، وغيره. عرب خدا يا معبود کي الله چوندا هئا ۽ جڏهن سڀ ڪنهن هنڌ خدا ٿي پيا تڏهن منجهن اهڙو خيال پيدا ٿيو ته خدا هڪڙو آهي جو جدا جدا صورتون ٿو وٺي. هو روحن ۽ شيطانن ۽ جنن ۾ به ويساهه رکندا هئا ۽ چائيندا هئا ته اهي ڪا به صورت وٺي سگهن ٿا ۽ سڄن هنڌن تي گهمندا وتن. عرب انهن بتن لاءِ قربانيون ڪندا هئا. ڏيون ڇمنديون هئن ته جيئريون ئي زمين ۾ پوري ڇڏيندا هئا. مطلب ته منجهن تمام گهٽيون خراب ۽ پرمي رسمون عام هيون. تنهن کان سواءِ جدا جدا شاخن يا قومن جا پاڻ ۾ جهيڙا جهڳڙا هلندا هئا ۽ خون ۽ قريون ماريون ٿينديون هيون.

حضرت محمد ﷺ جو مختصر احوال:

اهڙي هنڌ ۽ اهڙي وقت ۽ ملڪ جي حالت ۾ حضرت محمد ﷺ پيدا ٿيو. هو 570ع جي آگسٽ مهيني جي 29 تاريخ مڪي ۾ ڄائو. هو قريش جي شريف قبيلي مان هو ۽ عبدالله بن عبدالمطلب جو پٽ هو. ٽن چئن مهينن جو مس ٿيو ته سندس پيءُ مري ويو ۽ سندس ماءُ بي بي آمنه سندس پرورش ڪئي. ڇهن ستن ورهن جو مس ٿيو ته سندس ماءُ به مري وئي ۽ يتيم ٿي پيو جنهن کي سندس ڏاڏو عبدالمطلب سنڀالڻ لڳو. ٻن ورهن کان پوءِ اهو به مري ويو ۽ پنهنجي ٻئي پٽ ابو طالب کي هن جي پارت ڪري ويو جنهن ان کي پنهنجي پٽ عليءَ سان گڏ سنڀاليو. جڏهن حضرت جن ٻارهن ورهن جا ٿيا تڏهن پنهنجي چاچي ابو طالب سان گڏ سوداگري جي لاءِ شام ملڪ ڏي ويا. اتي هڪڙي عيسائي عالم يا راهب ابو طالب کي ٻڌايو ته تنهنجي ڀاڻي ۾ آخر زماني جي ايندڙ نبي جون اهي نشانيون ٿيون ڏسجن جي اڳئين توريت ۽ انجيل ۾ ڄاڻايل آهن، تنهن ڪري تون هن جي زياده سنڀال رکج متان يهودي يا ٻيا دشمن هن کي نقصان پهچائين. جيئن حضرت

عيسىٰ کي پهچايو هئائون. سگهو ئي پوءِ هو موٽي مڪي ۾ آيا ۽ حضرت جن اهڙي چڱي هلت ڪئي جو ايمانداري امانت جي ڪري امين جي لقب سان سڏڻ لڳس. بي بيءَ خديجه نالي هڪڙي مالدار عرب سوداگر جي بيوه زال هن کي پنهنجي طرفان شام ۾ وچي واپار ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ۽ اهو ڪم هن تمام چڱي طرح ڪيو ۽ بي بي کي گهڻو فائدو ٿيو. نيٺ انهي ئي بي بي هن کي چڱو ماڻهو ڏسي ساڻس شادي ڪئي. حضرت جن کي انهن مان ڪي ڏيون ڄايون جن مان سڀ کان ننڍي بي بي فاطمه هئي، جنهن سان ڪين نهايت گهڻي محبت هئي. انهي وقت سندن عمر پنجٽيهه ورهه هئي. عربن جي خاني ڪعبي جي تڏهن مرمت ٿي ۽ نئين سر ٿي جوڙايائون. انهي جي ڪنڊ ۾ هڪڙو ڪارو پهڻ رکيل هو جنهن کي حجر اسود چون ٿا. اهو مڪي جي سڪرن جي خواهش موجب حضرت جن پاڻ کڻي پوري جاءِ تي رکيو. ننڍي هوندي کان حضرت جن جي عادت هوندي هئي ته اڪيلو گذارڻ پسند ڪندا هئا ۽ اڪثر خيال ۽ فڪر پچائيندا رهندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٿورو ڪاڌو ساڻ کڻي مڪي مان نڪري حرّا نالي جبل جي غار ۾ وڃي ويهندا هئا ۽ خدا تعاليٰ جي عبادت ڪندا هئا. چاليهن ورهن جي عمر ۾ جڏهن عادت موجب پاڻ انهي غار ۾ ويٺا هئا ته هڪڙي ملائڪ جي صورت ڏسڻ ۾ آيس جنهن کان معلوم ٿيس ته جبرئيل آهي ۽ خدا جو پيغام وٺي آيو آهي. تنهن چيس ته "محمد هي پڙهه. حضرت جن چيس ته چا پڙهان مون کي لکڻ پڙهڻ نه ٿو اچي. يعني اُمّي آهيان. پوءِ جبرئيل پهرين اعوذ باالله پوءِ بسم الله ۽ پوءِ قرآن جي علق واري سوره جون پهريون آيتون پڙهايس. پوءِ پاڪر پاڻي سيني ۾ علم وڌائينس ۽ نماز پڙهڻ سيڪاريائينس. جڏهن حضرت جن گهر آيا تڏهن پنهنجي بي بي سان اها ڳالهه ڪيائين. تنهن مبارڪ ڏنس. تنهن کان پوءِ وقت بوقت مٿس وحي نازل ٿيڻ لڳي يعني جبرئيل وٽس حڪم آڻيندو هو. حضرت جن جي نبوت تي پهرين بي بي خديجه رضه ايمان آندو ۽ ننڍن مان حضرت علي رضه ۽ وڏن مان حضرت ابو بڪر رضه پوءِ قريش جا ڪي آبرو وارا ماڻهو مسلمان ٿيا

پوءِ آهستہ آهستہ ٻيا ماڻهو بہ دين تي اچڻ لڳا. حضرت جن ماڻهن کي بت پرستي ۽ ٻين گناهہ جهڙن ڪمن ۽ رسمن کان منع ڪرڻ ۽ هڪڙي خدا جي عبادت ڪرڻ لاءِ سمجهائڻ لڳو. تنهن ڪري مڪي جا ماڻهو مٿس ڏاڍو ڪاوڙيا. گهڻو ئي لالچايائونس پر نہ رهيو. تڏهن سڀ ٽري سندس مخالف ٿيا ۽ ڏاڍيون تڪليفون پهچائڻ لڳس جي سڀ صبر ڪري سنائون. انهن ظلمن کان بچڻ لاءِ ڪي مسلمان تہ سمنڊ لنگهي وڃي آفريڪا جي حبش ڏيهہ ۾ رهيا جتي جو بادشاهہ نجاشي عيسائي مذهب جو هو. مڪي وارن مسلماني دين وڌندو ڏسي حضرت جن کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن جو سردار خود حضرت جن جو چاچو ابو لهب ۽ ابو جهل ۽ ڪي ٻيا مائٽ هئا.

حضرت جن جو سنڀاليندڙ چاچو ابو طالب ۽ بي بي خديجہ نبوت جي ڏهين ورهہ ۾ مري ويا. اهڙي حالت ۾ حضرت جن ڪن خاص اصحابن سان مڪو ڇڏي مديني ڏي ويا جتي جا ڪي ماڻهو بہ هر سال مڪي ۾ حج ڪرڻ لاءِ اچي ۽ حضرت جن جو وعظ ٻڌي مسلمان ٿيا هئا ۽ حضرت جن کي مديني ۾ هلي رهڻ لاءِ زور ڪيائون. اهو لاڏاڻو جنهن کي هجرت چون ٿا ۽ جنهن کان هجري سن شروع ٿيو. سو نبوت جي تيرهين ورهہ ۾ ٿيو. مديني ۾ وڃي هڪڙي مسجد جوڙيائون جتي عبادت ڪندا رهيا. مديني ۾ وڃڻ کان پوءِ قريشي مسلمانن سان ويڙهيون ڪرڻ لڳا ۽ تنهن ڪري مسلمانن کي بہ ساڻن وڙهڻو پيو. انهي قسم جون ڪيتريون جنگيون ٿيون جن کي غزوه ٿا چون. ابو جهل ۽ ٻيا قريشي سردار ماريا ويا ۽ گهڻا مسلمان ٿيندا ويا. ڇهين هجري سال ۾ حضرت جن ڏهہ هزار مسلمان ساڻ وٺي مڪي فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ مڪو فتح ڪيو ۽ بت ڀڃي ڪعبو پاڪ ڪيو. پوءِ بہ ٻيون عزائون پي هليون. ڏهين هجري سال ۾ حضرت پنهنجي اصحابن سميت حج تي آيا ۽ سڀني مسلمانن کي اسلام جا عقيدا رسمون ۽ چٽيءَ طرح سمجهايائون. اهو پوئيون حج هو ۽ يارهين هجري سال ۾ صفر مهيني جي ٻارهين تاريخ حضرت جن بيمار ٿيا ۽ ڏهين ڏينهن کان پوءِ ربيع اول جي ٻي تاريخ سومر جي ڏينهن رحلت ڪيائون.

مطابق عيسوي سال ۾ تاريخ 631ع 8 جون.

حضرت جن جي وفات کان پوءِ حضرت ابو بڪر رضہ خليفو ٿيو تنهن کان پوءِ حضرت عمر رضہ ٿيو. پوءِ حضرت عثمان رضہ ۽ تنهن کان پوءِ حضرت علي رضہ خلافت تي ويٺو. تنهن کان پوءِ سندس پٽ امام حسين سندس جانشين ٿيو پر پوءِ خلافت يا حڪومت معاويہ کي ملي جو بني اميہ مان هو. انهي عرصي ۾ مسلمانن پري پري جي ولايتن ۾ جنگيون ڪري ڍاڍا ملڪ هٿ ڪيا ۽ اسلام پکڙي ويو.

مذهبي اصول ۽ عقيدا:

اسلام يا مسلمانيءَ جو جوهر ڪلمو آهي يعني "الله کان سواءِ ٻيو ڪو معبود يا پرستش جي لائق ڪونهي ۽ محمد ﷺ سندس موڪليل آهي. الله جي ذات ۽ صفات بي مثال آهن، هن کي ڪو بہ شريڪ ڪونهي. انهي جهڙو ٻيو ڪو بہ ڪونهي. انهي ئي جهان کي پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ئي ان جي پرورش ڪري ٿو. هن کي نہ ڪنهن ڄڻيو نہ هن ڪنهن کي ڄڻيو. هو هميشہ جيئرو ۽ قائم آهي. هن کي سڀ شئي جو علم آهي. خلق جو ڏک سک، نفعو نقصان، مرڻ جيئڻ سڀ هن جي حڪم سان آهي. هو جتي ڪتي حاضر ناظر، ظاهر باطن هن جو اڳيان هڪجهڙو. هر طرح قدرت ۽ حڪمت وارو آهي. نيڪيءَ مان راضي ۽ بديءَ ۽ گناهہ مان ناراض ٿئي ٿو. هن جا صفاتي نالا بيشمار آهن ليڪن نوانوي مشهور آهن.

هيلين عقيدن تي سڀ ڪنهن مسلمان کي ايمان آڻڻو آهي. خدا تعاليٰ پيغمبرن کي ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليو آهي. اهي سڀ سندس نيڪ ۽ پسند ڪيل ٻانها آهن. خدا تعاليٰ انهن کي وحي يا الهام جي رستي پنهنجي حڪم ۽ مرضي کان واقف ڪري ٿو. نبي گناهہ کان پاڪ آهن ۽ پنهنجي امت جي شفاعت ڪندڙ آهن. نبين تي ڪتاب ۽ صحيفا نازل پي ٿيا آهن جن مان مک چار آهن. توريت حضرت موسيٰ تي، زبور حضرت دائود تي، انجيل حضرت عيسيٰ تي ۽ قرآن مجيد حضرت محمد ﷺ تي نازل ٿيو.

ملائڪ الله جا فرمانبردار ٻانها آهن ۽ هميشه سندس ذڪر ۽ اطاعت ۽ حڪم ۾ رهن ٿا ۽ گناهن کان پاڪ آهن. هنن جو جسم روحاني ۽ نوراني آهي. نه مرد نه زالون نه خنثي آهن. جن به خدا جي مخلوقات باهه مان پيدا ٿيل آهي. انهن مان ڪي چڱا ڪي بچڙا آهن. هو جدا جدا شڪليون وٺي سگهن ٿا. موجودات يا دنيا جون سڀ شيون ماده يا جسم جون آهن وهمي يا خيالي ناهن. اهي خدا پوءِ پيدا ڪيون پاڻ قديم ۽ ازلي ابدي آهي. اجل يا موت جو وقت هر ڪنهن لاءِ مقرر آهي، ضرور پوري وقت تي ايندو. خدا کان سواءِ ٻي سڀ ڪا شئي فنا ٿيڻي آهي. موت کان پوءِ قيامت ٿيڻي آهي جنهن جي وقت جي خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن کي خبر ڪانهي، اگرچه انهيءَ جون ڪي نشانيون ٻڌايل آهن جيئن نه دجال جو نڪرڻ، ياجوج ماجوج جو اچڻ، حضرت عيسيٰ جو آسمان تان لهڻ، سج جو الهندي کان اڀرڻ وغيره. مُئي کان پوءِ منڪر ۽ نڪير ملائڪ خدا ۽ دين وغيره بابت پڇا ڪندا ۽ قيامت جي ڏينهن سڀ مئا جيئرا ٿي اٿندا ۽ سواءِ چڱن ڪمن جي ٻيو ڪي به انهي ڏينهن ڪم نه ايندو. پوءِ پلصراط تان سڀ لنگهندا، جا وار کان سنهي ۽ ترار کان تکي آهي. سڀ ڪنهن کي پنهنجو عمل نامو هٿ ۾ هوندو ۽ پاڻ پڙهندو ۽ اهي عمل ساهميءَ ۾ ترندا ۽ ذري پرزي جو حساب ٿيندو. گهڻين نيڪين وارا درجي وار بهشت ۾ ويندا ۽ بدين وارا دوزخ ۾. بهشت نعمتن ۽ خوشين جي جاءِ آهي جتي عجيب نهرون ۽ حوض ۽ ميوا ۽ محلاتون ۽ حورون ۽ ٻيون نعمتون آهن. اتي غم غصو ڪو نه هوندو. هميشه جي حياتي ملندي. دوزخ ڏاڍين عذابن جي جاءِ آهي. انهي مان ڪي عرصي کان پوءِ نڪري بهشت ۾ داخل ٿي سگهن ٿا.

انهن کان سواءِ هيٺين متفرقه ڳالهين تي به ايمان آڻڻ گهرجي. خير ۽ شر يعني نيڪي ۽ بدي پيدا خدا ڪئي آهي. مگر اهي ماڻهو پنهنجي اختيار سان ٿو ڪري. سڀ ڪو پنهنجي قسمت تو ڪائي نه پرائي. شرڪ کان سواءِ ٻيا سڀ گناهه توبهه ڪرڻ سان معاف ٿي سگهن ٿا. خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي سجدو ڪرڻ يا پوڄڻ ڪفر

آهي. سيني نبين کي مڃڻ ۽ تعظيم ڏيڻ فرض آهي. حضرت جن جو معراج يعني آسمان وڃڻ برابر ٿيو. خدا کان نه ڊڄڻ ۽ ان جي رحمت کان نا اميد ٿيڻ ڪفر آهي. جادو يا نجوم کي سچ سمجهڻ ڪفر آهي. مُئي جي لاءِ خيرات ڏيڻ يا دعا گهرڻ جائز آهي. ماءُ پيءُ سان خاص طرح احسان ۽ نرمي ڪرڻ ۽ مسڪينن ۽ يتيمن تي احسان ڪرڻ ۽ وقت جي حاڪم جي اسلامي حڪمن موجب تابعداري ۽ فرمانبرداري ڪرڻ ضروري آهي. حلال روزي ڪائجي ۽ حرام کان پاسو ڪجي. صدقو بلا کي ٽاري ٿو. علم حاصل ڪرڻ فرض آهي. خدا تعاليٰ کي هميشه ياد ڪندو رهجي. ڪوڙو قسم بلڪل نه کڻجي نه ته ڪفارت ڏيڻي پوندي. امانت ۾ خيانت نه ڪجي، پاڙي وارن جي حقن جو گهڻو خيال رکڻ گهرجي.

مذهبي ارڪان ۽ عبادت جا فرض:

اسلام جا ارڪان يا ٿنڀ پنج آهن، جن تي اهو بيٺل آهي يا جي انهي جو بنياد آهن:

1: ڪلمون شهادت جو.

2: نماز جو وڏو فرض شمار ڪيل آهي. هر روز پنج وقتن تي نماز پڙهڻي آهي. فجر جو ڏينهن ڦٽڻ کان پوءِ ظهر يا اڳين جو، وچئين يا عصر جو، شام يا مغرب جو ۽ سومهڻي يا عشا جو. انهن جا فرض ۽ سنتون ۽ نفل مقرر آهن. وضو ڪرڻ سان ظاهري پاڪ ٿي يا ضرورت وقت غسل ڪري. يا پاڻي نه هئڻ جي حالت ۾ تيمم ڪري يعني مٽيءَ سان وضو ڪري پوءِ نماز پڙهي.

3: رمضان مهيني جا روزا. اهي فرض آهن ۽ نه رکڻ گناهه آهي. ڏينهن جو کائڻ پيئڻ بند رکبو ۽ ڪوشش ڪري عبادت ۽ چڱا ڪم ڪرڻا آهن.

4: حج به فرض آهي پر وسعت واري کي. مڪي ۾ ڪعبي جي زيارت ۽ مديني ۾ حضرت محمد ﷺ جن جي روضي ۽ مسجد جي زيارت ڪرڻي آهي.

5: زڪواھ بہ فرض آهي، ۽ اهو بہ وسعت وارن لاءِ آهي. انهي جو نصاب يا مقرر انداز ساڍا ست تولا سون جا يا ساڍا باونجاھ تولا چانديءَ جا جنهن وٽ ساري سال جي اندر رهيا هوندا تہ چاليھون حصو زڪواھ ڏئي يعني سَوَ تي اڍائي رپيا. سون ربي ڪان سواءِ چوپائي مال ۽ ان، سوداگري مال تي بہ زڪواھ آهيس جا خيرات جي ڪمن ۾ لڳائڻي آهي.

مٿين سڀني ڳالهين لاءِ قانون قاعدا مقرر آهن جن موجب انهي جي تعميل ٿئي ٿي.

پاڪ ڪتاب:

جيستوڻيڪ مسلمان سڀني نبين ۽ سندن پاڪ ڪتابن کي مڃين ٿا جيئن مٿي عقيدن ۾ ڏيکاريو ويو تہ بہ اسلام موجب انهن اصلي ڪتابن ۾ پوءِ جي ڦير گهير ٿيل آهي جنهن بابت قرآن ۾ گهڻن هنڌن تي اشارو ڏنل آهي. انهيءَ ڪري تہ حضرت جن کي يهودين ۽ نصارن ۽ ٻين سان اختلاف ۽ جهيڙي جنگ جو سبب پيدا ٿي پيو. قرآن مسلمانن جي لاءِ پاڪ ڪتاب آهي جو صحيح سالم حالت ۾ هليو آيو آهي. انهي ۾ ٽيھ جزو يا سيپارا يا پاڱا آهن ۽ 114 سورتون يا باب آهن. قرآن خدا جو ڪلام سمجهيل آهي ۽ تنهن ڪري ڪلام الله چوندا اٿس، جيئن ڪعبي کي ۽ مسجد کي بيت الله يا خدا جو گهر ٿا چون. مسلمانن وٽ ٻيا پاڪ ڪتاب آهن حديثن جا جو خود حضرت جن جو ڪلام يا سندن حڪم آهن جي جدا جدا وقتن تي ڏنا ويا آهن. اهي پوءِ اصحابن ۽ ٻين گڏ ڪيا آهن.

مذهبي فرقا:

ٻين مذهبن وانگي مذهبي اصولن يا حقيقتن جا ٻہ پاسا يا ٻہ صورتون آهن هڪڙي ظاهري ٻي باطني، هڪڙي خاصن لاءِ ٻي عام لاءِ. هڪڙا اکرن تي هلندڙ ٻيا معنيٰ تي هلندڙ. انهي ڪري ۽ مذهبي ڪتابن جي تفسير ۽ سمجهاڻي ڏيندڙن جي هدايت ڪري هڪڙي ئي مذهب ۾ فرقا ٿين ٿا. جن جي رج ۾ مخالفت پيدا ٿئي ٿي ۽ گهڻيون

جنگيون ۽ خرابيون پيدا ٿين ٿيون. اهڙو ساڳيو حال اسلام جو بہ آهي. اسلام وارا سڀ مسلمان سڏجن ٿا مگر انهن مان خود حضرت جن جي وقت ۾ بہ ڪي سچي ايمان ۽ اعتقاد وارا هئا. جن کي مومن ٿا چون ۽ ٻيا ظاهري مسلمان ۽ باطني نہ، اهي منافق سڏيل آهن. حضرت جن جي وفات کان پوءِ اهو فرق ظاهر ٿيڻ لڳو ۽ سندن جانشيني ۽ خلافت تي بہ مخالفت پيدا ٿي جا وڌي وڌندي، تان جو هيسيتائين ٻاهتر يا ٽيهتر فرقا ٿيا، جيئن حضرت جن اڳئي فرمايو هو ۽ جن مان ڇيو ويو هو تہ هڪڙو ناجي يا نجات وارو يا سچو هوندو جو خود سندن شريعت ۽ سنت تي هلندڙ هوندو. پهرين بہ وڏا فرقا ٿيا سُني ۽ شيعا. مختصر طرح سُني اهي آهن جي حضرت جن کان پوءِ سندن چئن يارن کي چوندڻ موجب درجي وار خليفو ڄاڻن ٿا ۽ انهي موجب هڪبئي کان بهتر ۽ ٻي سڀ خلق کان مٿي سمجهن ٿا. شيعا اهي آهن جي حضرت جن کان پوءِ خدا جي حڪم موجب حضرت علي کي پهريون خليفو ۽ ۽ وصي ۽ امير المومنين ڪري ٿا ڄاڻن ۽ انهن کان پوءِ سندس اولاد پشت بہ پشت جن کي ٻارهن امام ٿا چون ۽ جن ڪري شيعن کي اثنا عشري يا اماميہ ٿا چون. انهي کان پوءِ انهن ٻنهي فرقن مان بہ ٻيا فرقا ٿيا. شيعن مان ڪي پوءِ اسماعيلي ٿيا، جي پهرين ائن امامن کان پوءِ ٻيا امام شمار ڪرڻ لڳا ۽ ڪي زُرديہ ٿيا. وري اسماعيلين ۾ بہ فرق پوڻ لڳا ۽ بہ وڏا فرقا ٿيا. نزاري ۽ مستعلي جن مان اجا تائين هڪڙا بوهرا ۽ ٻيا خواجا آغا خاني هلندا اچن. خود اثنا عشرين ۾ هڪڙا احباري ۽ ٻيا اصولي فرقا ٿيا. معتزليہ بہ انهن جو ٽيون فرقو چئي ٿو سگهجي.

سنين جا بہ چار وڏا فرقا ٿيا جي سندن چئن مجتهدن يا امامن جي مذهبن تي ٻڌل آهن جن ۾ ڪي تفاوت آهن. هڪڙو امام ابو حنيفہ، جنهن جا پيروي ڪندڙ حنفي ٿا سڏجن. ٻيو امام شافعي، جو شافعي سيني جو مهندار آهي. ٽيو امام مالڪ جو مالڪي سنين جو اڳواڻ ٿيو. ۽ چوٿون امام حنبل جنهن جا پيروي ڪندڙ حنبلي ٿا سڏجن.

مطلب تہ هڪڙي ناجي فرق کي ڇڏي باقي ٻاهتر فرقن جو مختصر تفصيل هي آهي. پهرين ڇهہ وڏا فرقا يا ٽڙهي آهن:

1: جبريہ. 2: قدريہ. 3: مرجيہ.
4: جهيميہ. 5: خارجيہ. 6: رافضہ.

هر هڪ جا وري ٻارنهن فرقا آهن، سي ڪل ٽيا ٻاهتر. هر هڪ جي بيان ڏيڻ جو ضرور ڪونہ ٿو ڏسجي. انهن سڀني بابت منهنجا ڌار ڪتاب لکيل آهن. هتي فقط ڪن ٿورن مشهور فرقن جو مختصر ذڪر ڪبو.

اسماعيلي مذهب جو فرقو (خواجا ۽ بوهرا):

اسماعيلي مذهب وارو فرقو جنهن جو مٿي نالو آيو، سو جلد ملڪن ۾ پکڙي پيو: عربستان، ترڪستان، ايران، خراسان، زنگبار، افغانستان ۽ هندستان ۾ ڦيلجي ويو ڇا لاءِ جو انهي جا داعي يا مشنري جتي ڪٿي واعظ ڪرڻ لڳا هئا. جيڪي داعي هندستان ۾ آيا تن مان هڪڙو مشهور پير صدرالدين هو. جنهن خواجن جو فرقو بنايو. هو هندي ۽ سنسڪرت ٻوليون سکي ويدانت مان جيڪي اسلامي اصول تصوف سان موافق هئا سي هندڪي اصطلاح ۾ هندن کي پيش ڪيائين ۽ نيٺ انهن کي پنهنجي مذهب تي آندائين ۽ انهن کي تناسخ ۽ اوتارن جي موافقت تي پنهنجي طرف ڪيائين. هندن جي اوتارن مان شري ڪرشن مک آهي ۽ انهي سان هندن جي گهڻي محبت آهي. حضرت محمد ﷺ کي شري ڪرشن جو هڪڙو اوتار ٺهرايو ويو. ۽ اهو ئي نور شري رامچندر جي ۽ مهاتما ٻڌ جي ۽ شري ڪرشن جي اوتار ۾ ۽ پوءِ حضرت محمد ﷺ ۾ ظاهر ٿيو ۽ اهو ڪلجگ جو آخري اوتار سمجهيو ويو. جنهن ڪانپوءِ پراڻي ٻاقيامت اڇڻي آهي حضرت محمد ﷺ جو اوتاري روپ سندن وفات کان پوءِ حضرت علي ۾ آيو ۽ پوءِ نسل بہ نسل سندس اولاد يعني امامن ۾ آيو ۽ اهو ساڳيو هاڻي حاضر يا موجود امام ۾ آهي، يعني آغا خان ۾ آهي او ملفظ کي بہ علي جو نالو شمار ڪيائين. خود انهي مذهب ۾ بہ ٿوري گهڻي فرق سان ڪي پنٿ ڌار ٿيا جيئن تہ نام پنٿ، پران پنٿ، ٻت پنٿ وغيره. انهي مان ڪي گپتي (باطني) ۽ ڪي پرگهٽي (ظاهري) ٿيا. انهن جو پاڪ

ڪتاب ستويني آهي. صدرالدين جا بہ گهڻا ڪتاب آهن جي هو پڙهندا آهن. انهن مان گهڻا اصول بلڪل هندن جي ويدانت وارا آهن. آغا خواني خواجن جا بہ پوءِ بہ فرقا ٿيا هڪڙا اصل وارا پنجي ڀائي ۽ ٻيا پڙائي، جي پڙ ڪيندا هئا.

بوهرا اصل گجرات جي ڪنپات ۽ ڪن ٻين هندن تي برهمڻ ۽ لوهاڻا واپاري هئا، جن کي اسماعيلي داعين عبدالله ۽ احمد نالي ٻارهين عيسوي صدي يا پنجين هجري صديءَ ۾ اسماعيلي مذهب تي آندو. انهي وقت جو راجا سندروا جي سنگ ۽ سندس وزير ڀهارمل بہ اسماعيلي ٿيا. 567ع هجري (1171ع) ۾ مصر جي فاطمي خليفن جي حڪومت پوري ٿيڻ تي گجرات جا اسماعيلي شيعا يا بوهرا، جن جو ايسيتائين عرب وارن اسماعيلي سان واسطو هو ۽ انهن جا تابعدار هئا، سي خود مختيار ٿيا ۽ پنهنجي لاءِ هڪڙو مذهبي مهندار يا پيشوا دائود نالي مقرر ڪيائون. انهن کان پوءِ هو دائودي سڏجڻ لڳا. پوءِ گجرات کان سنڌ ۾ آيا. خواجن جي رسمن جي بر خلاف هو شيعا آهن ۽ نماز جا پابند آهن. محرم ۾ ماتم ڪندا آهن، حج ۽ ڪربلا جون زيارتون بہ ڪندا آهن. روزا ۽ زڪواه ۽ ٻيا اسلامي ڪم مڃيندا آهن. اهي ڏاڙهي ۽ مُڇون رکائيندا آهن ۽ طهور ڪرائيندا آهن. جڏهن هنن جو پوئيون امام گم ٿيل آهي يا غائب آهي تڏهن هو اثنا عشري شيعن وانگي پنهنجن مجتهدين جي حڪم هيٺ رهندا آهن جيڪي مُلاجي سڏيندا آهن. (منهنجي ڪتاب تحفہ اسماعيليہ ۾ هن مذهب بابت مفصل بيان ڏنل آهي.)

صوفي مذهب يا تصوف وارو فرقو:

تصوف هڪڙو باطني علم آهي جو سيني مذهبن سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. هن کي ڏار ڪو خلاصو مذهب نہ چئبو. مذهب جي ظاهري صورت بہ آهي ۽ باطني معنيٰ بہ آهي جا فلسفہ يا حڪمت جي هڪڙي صورت آهي. انهي باطني معنيٰ يا حقيقت کي تصوف ٿا چون ۽ ظاهري صورت کي رسمي مذهب يا شريعت ٿا چون. انهي باطني

حقيقت جا ب طرف آهن، هڪڙو خيالي يا اصولي ۽ ٻيو عملي. هڪڙو فلسفي يا حڪمتي ۽ ٻيو مذهبي يا اخلاقي. انهن ڳالهين جي نظر تي تڏهن تصوف انهن اصولن جو علم آهي جن موجب هلڻ ڪري ماڻهو ڪامل انسان ٿي ٿو سگهي ۽ پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ کان پوءِ خدا کي سڃاڻي نيٺ انهي سان واصل ٿي سگهي ٿو. يعني پنهنجا اخلاق سڌاري خدا جهڙا ڪرڻ يعني نفس مارڻ، نفسياتي خواهشون ۽ حواسي لذتون ڇڏڻ، ترڪ اختيار ڪرڻ ۽ خدا کان سواءِ ٻئي غير ڏي توجه نہ ڪرڻ.

مختصر تاريخ:

صوفي مذهب قديم وقت کان وٺي هلندڙ آهي. بلڪ حضرت آدم کان وٺي. قديم مصر ۽ قديم يونان ۾ انهي جي تعليم ڏيڻ ۾ ايندي هئي. سقراط، افلاطون، ارسطا طالس ۽ ٻيا يوناني حڪيم فيلسوف سڏبا هئا ۽ سوفاس يونان لفظ جي معنيٰ ڏاهپ يا حڪمت هئي ۽ صوفي لفظ بہ انهي جهڙوئي ٿو ڏسجي. اهڙو ساڳيو فلسفہ هندستان جي قديم هندن وٽ بہ هو جو اپنشد ۽ ويدانت ۽ يوگ مان معلوم ٿئي ٿو. اهي سڀ قديم حڪيم اشراقي يا صوفي سڏبا هئا. اڳوڻا نبي بہ اهو حقيقي علم رکندا هئا ۽ اهي بہ اشراقي هئا. اسلام ۾ بہ اهو مخفي يا حقيقي علم آيو ۽ مسلمانن جي نبي کان پوءِ سندس ڪن خاص ماڻهن کي مليو. اها اسلامي اشراقي حڪمت پهرين اسلام ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي آندي، جو شمس تبريز جو شاگرد هو ۽ جنهن جو تصوف وارو ڪتاب عوارف المعارف مشهور آهي. اهي ٻئي شهيد ڪيا ويا. شيخ بوعلي سينا ۽ فارابي ۽ رازي بہ مشهور اشراقي ٿيا ۽ مسلمانن جي ڪن ظاهري مذهبي اصولن جي بر خلاف هئا ۽ تنهن ڪري ڪافر سمجهيا ويا. منصور خلاج جو اهو حال هو. پڇاڙي ۾ امام محمد غزالي پيدا ٿيو جنهن اها اشراقي حڪمت اسلام سان موافق ڪري ڏيکاري. تڏهن مس تصوف اسلام وارن وٽ قبول پوڻ لڳو. هن قرآن ۽ حديث مان گهڻيون شاهديون آنديون. پوءِ اهو ٿيو اسلامي

تصوف جو ٻين ملڪن جي تصوف يا فلسفه تان ورتل نه هو پر خود اسلام مان جاڳيو. حضرت ﷺ جن جي وقت ۾ به ڪي اهڙي مخفي علم جي تعليم وٺندڙ هڪڙي ڏار صفي ۾ رهندا هئا ۽ اخوان الصفا سڏبا هئا ۽ اها جاءِ مڪي جي ويجهو صفا نالي جبل تي هئي. صوفي لفظ جو انهي سان به واسطو آهي. پهريون صوفي فقير خود حضرت جن جي وقت ۾ اويس قرني آهي جنهن جو اويسي طريقو اڄا هليو اچي. سو کن ورهه پوءِ صوفي لفظ لقب وانگي ڪم آيو ۽ اهو پهرين پهرين هڪڙي شامي زاهدا وها شم ڪم آندو جنهن هڪڙو خانقاهه به بنايو. هڪڙو روحاني طريقوجاري ٿيو. پوءِ ته حسن بصري، بي بي رابعه، سفيان ثوري ۽ ٻيا گهڻا نالي وارا صوفي ظاهر ٿيا.

بني عباسي خليفن جي ڏينهن ۾ اسلام جي گهڻن فرقن پيدا ٿيڻ سان گڏ جي صوفي يا فليسوفي طريقا يا فرقا به آيا، جيئن معتزلي، اسماعيلي، خارجي وغيره جن جو مٿي اشارو ڏنو ويو آهي. حسن صباح وارا چشتي به انهن فرقن مان هئا. انهي طرح تصوف به صورتون ورتيون هڪڙو سنين جو ٻيو شيعن جو. شيعن جي صوفين هجري ائين صدي يا پندرهين عيسوي صدي ۾ اهڙو زور ورتو جو ايران جا بادشاهه ٿيا ۽ انهي صوفي خاندان جو پهريون بادشاهه اسماعيل صفوي هو. انهي طرح جتي تصوف ٻيا ملڪ گهمي عربن جي هندستان فتح ڪرڻ تي هند ۾ به قدم رکيو، جتي هندي تصوف ويدانت، يوگ وغيره اڳئي موجود هو پوءِ اتي ٻئي گڏجي پيا. ٻين ملڪن وانگي صوفين جا چار وڏا خاندان شمار ۾ آيا، جن جون چوڏهن شاخون آهن. اهي پهريان وڏا مهندار هئا؛ حضرت صلعم جن پاڻ ۽ حضرت علي ۽ امام حسن ۽ امام حسين. انهن کان سواءِ سنين لاءِ انهن شاگردن يا اصحابن جا طريقا آهن. حسن بصري، سلمان فارسي، ڪمبل بن زياد ۽ شيخ جنيد بغدادي. هر هڪ طريقي مان پوءِ گهڻيون شاخون نڪتيون ۽ اڪثر هندستان جا يا ٻيا سني انهن مان هڪڙي شيخ يا پير جا مريد رهندا آيا آهن. پهريون صوفي بزرگ جو هندستان ۾ وارد ٿيو سو خواجه معين الدين چشتي اجمير وارو هو جو ڇهين

هجري صدي ۾ خراسان مان آيو. اهي طريقا گهڻا ٿي آهن: چشتي، قادري، سهروردي، نقشبندي، جنيدي، زيدي، دينوري وغيره.

تصوف جا مختصر احوال:

صوفين کي سالڪ به چون يعني سلوڪ جي رستي تي هلندڙ ۽ انهن جا چار درجا يا مرتبا آهن جن مان هڪبئي پٺيان هنن کي لنگهڻو ٿو پوي.

1: شريعت يعني ظاهري شرع جو رستو.

2: طريقت يعني باطني يا دل جو رستو.

3: معرفت يعني پهرين پنهنجي نفس کي پوءِ خدا کي سڃاڻڻ.

4: حقيقت يعني اصلوکي سچي حالت. جنهن ۾ ماڻهو واصل باالله ٿئي ٿو. معرفت ۽ حقيقت ۾ اچي وڃي ٿي تنهن ڪري ٽي درجا ٿيا. شريعت جو نفس ۽ بدن سان واسطو آهي، طريقت جو دل سان ۽ حقيقت جو روح سان. شريعت آهن قاعدا يا اصول. طريقت آهن افعال يا ڪم ۽ حقيقت آهن احوال يا حالتون. هن ننڍڙي ڳالهه سان انهي جو فرق آساني سان معلوم ٿيندو. هڪڙو شخص ڪنهن صوفي بزرگ وٽ ويو ۽ انهن ٽن درجن جي سمجهاڻي پڇيائينس. هن چيس ته هو سامهون ٽي ڄڻا ويٺا آهن تن کي وڃي ذڪ هڻ. هن وڃي ائين ڪيو. پهريون ذڪ جهلي ڪاوڙجي اٿيو ۽ انهي کي ذڪ جو ذڪ هڻي ڪڍيائين. ٻئي کي ذڪ لڳڻ تي ڪاوڙ لڳي ۽ وڙهڻ لاءِ تپ ڏئي اٿيو پر پوءِ پاڻ کي روڪي ويهي رهيو. ٽئي ذڪ لڳڻ تي هن ڏي ڪو به خيال ڪو نه ڪيو ماٺ ڪيو ويٺو رهيو. جڏهن موٽي شيخ وٽ آيو تڏهن هن چيس ته پهريون شريعت جي درجي ۾ آهي، ٻيو طريقت جي درجي ۾ ۽ ٽيو حقيقت جي درجي ۾.

صوفين جا ڪجهي مکيه اصول ۽ عقيدا هي آهن: ماڻهن جا روح خدا ئي روح ڪل جا جزا آهن، تنهن ڪري انهي ۾ ذات جو ڪو به فرق ڪونهي، ليڪن درجي جو فرق آهي. روح يا جزا مرڻ کان پوءِ وڃي حق يا ڪل ۾ پوندا جيئن قطرو سمنڊ ۾ پوي. خدائي روح عالم ۾

پکيڙيو پيو آهي يعني وحدت ڪثرت ۾ گڏجي وئي آهي ۽ اها هميشه سندس صنعت يا مخلوقات ۾ موجود آهي. وجود يا هستي ۽ سچ ۽ ڪمال ۽ جمال فقط انهن کي آهي، ٻين کي انهي جو فقط عڪس آهي. انهي جي محبت حقيقي عشق آهي ٻيو سڀ دنيا ئي يا مجازي آهي. خدا سڀ تي نگهبان ۽ مهربان آهي مگر ماڻهن يا انهن کي پنهنجا فرض ادا ڪرڻ واجب آهن. سڀ جسماني مخلوقاتون خيالي تصويرون آهن جن سان دل لڳائڻ نہ گهرجي. ايئن ڪرڻ سان اسين، يعني اسان جا روح نيٺ وڃي حق سان واصل ٿيندا ۽ اها آهي انسان جي لاءِ اعليٰ سعادت ۽ ابدي خوشي.

(تصوف بابت مفصل احوال منهنجي انهن نالي وارن ڪتابن ۾ موجود آهي)

وهابي مذهب:

سني مسلمانن جا مٿي ڏيکاريلن چئن امامن کان سواءِ ٻيا بہ ڪي فرقا ٿيا، ڪي قديم ڪي تازا. قرآن ۽ حديث جي حڪمن جي نسبت ۾ انهي ۾ ڪي اختلاف ٿيا. هڪڙا اهل قرآن سڏجڻ لڳا، جي قرآن جي حڪمن کان سواءِ ٻئي ڪنهن حڪم تي نہ ٿي هليا ۽ ٻيا اهل حديث جا جن حديثن تي بہ عمل ٿي ڪيو. پهرين مان وهابي مذهب مکيہ، گهڻي مدت کان پوءِ وري هاڻي زور وٺڻ لڳو آهي. انهن کي نجدي بہ چون.

تاريخي احوال:

هن مذهبي فرقي جو باني عبدالوهاب نالي هو، جو ٻارهين هجري صديءَ جي شروع يا سترهين عيسوي جي پڇاڙيءَ ۾ 1691ع ۾ عربستان جي نجد پرڳڻي ۾ ڄائو هو. هو هڪڙي شيخ يا ڳوٺ جي پرئي مڙس جو پٽ هو ۽ ننڍي هوندي بہ آس پاس جي ملڪن ۾ گهڻو گهميو ۽ بصري ۾ مذهبي تعليم حاصل ڪيائين. معلوم ٿيس تہ اصلوڪي مسلماني گم ٿي وئي آهي ۽ عرب توڙي ايراني توڙي ترڪ فقط نالي جا

مسلمان آهن ۽ منجهن گهڻيون نئيون بدعتون پئجي ويون آهن. تنهن ارادو ڪيو تہ مذهب کي سڄاري اصلوڪي رونق ڏياري. وطن ۾ موٽي اچي اهڙو وعظ شروع ڪيائين ۽ قرآن جي حڪمن کان سواءِ ٻئي سڀ حڪمن ۽ رسمن جي تعميل بند ڪري ڇڏيائين. قبرن يا روضن جي زيارت ۽ تعظيم، شرابخوري، تماڪ ڇڪڻ، ريشمي ڪپڙو ، سونا زيور ڍڪڻ وغيره، انهن سڀني جي بر خلاف هو زور لائڻ لڳو. ٻين مسلمانن بادشاهن خصوصن ترڪن کي هو نفرت جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳو. چاليهن ورهن جي عمر ۾ هن انهي تحريڪ جو وعظ شروع ڪيو. ترڪي حاڪمن هن کي جڏهن تنگ ڪيو تڏهن هن پيچي اچي درعيہ جي بهادر سردار شيخ محمد ابن سعود وٽ پناهہ ورتي جو سندس شاگرد يا مريد ٿيو ۽ عبد الوهاب جو نائي ٿيو. انهي لشڪر جي مدد ڏنيس، جنهن جي ڪري هو پنهنجو مذهب وڌائيندو رهيو ۽ ڇهانوي ورهن جي عمر تائين اهو بحرين جي ڪناري کان مخا ۽ عدن جي بندرن تائين پکيڙجي ويو ۽ هن گهڻيون فتحون ڪيون. نيٺ 1865ع ۾ هو مري ويو ۽ ساري نجد جي حڪومت سندس پٽ ۽ جانشين عبدالعزيز کي ملي، جو پاڻ کي امام ۽ سلطان سڏائڻ لڳو. مڪي جي حاڪم يا شريف غالب وهابين جي زور کان تنگ اچي ترڪي جي سلطان کان مدد گهري، جنهن پنج هزار ترڪ ڏنس. انهن ۽ عربن گڏجي وهابين سان جنگ ڪئي پر هن سان پڄي نہ سگهيا. وهابين بغداد، ڪربلا، مشهد وٺي انهن کي ڦريو لٽيو ۽ روضن جي ڏاڍي بي ادبي ڪيائون. پوءِ مڪي تي ڪاهي اهو بہ ورتائون ۽ 1802ع ۾ اتي ڏاڍو ڪوس ڪيائون. غالب شريف ڀڄي جده ڏي ويو ۽ حاجين جا سڀ رستا بند ڪري ڇڏيائين ۽ حج کان منع ڪيائين. ٻہ ورهہ پوءِ هن مدينہ بہ ورتو ۽ حضرت جن جي روضي جي بہ بي ادبي ڪيائين ۽ ڦر لٽ مچايائين. پوءِ تہ ترڪن آٿي سائنس جنگ شروع ڪئي جا 1819ع تائين هلي. انهي وچ ۾ حج بند ٿي ويا. 1811ع ۾ وهابي امام مصر سان جنگ شروع ڪئي. اتي جي خديو محمد علي پاشا هن کي شڪستون ڏئي ڪيس قيد ڪري قسطنطنيہ ۾ آندو. جتي 1818ع ۾ هن کي قتل

ڪري ڇڏيائون، پر انهي کان پوءِ تہ وهابي مذهب بدوي عربن ۾ هليو.
پر ٻارهن ورهن کان پوءِ وهابين وري مڪو ۽ مدينو ورتو ۽ حج بند
ڪري ڇڏيائون. سگهو ئي پوءِ مصر ۽ ترڪيءَ جي پاڻ ۾ مخالفت
شروع ٿي تنهن ڪري وهابين کي پيرن ڪوڙڻ جو چڱو وجهہ ملي ويو ۽
انهي وقت سندن امام يا حاڪم فيصل نالي هو سو ڳاڙهي سمنڊ کان
ايراني نار تائين حڪم هلائڻ لڳو. 1870فيصل انڌو ۽ ٻڌو ٿي پيو ۽
سندس ٻہ پٽ عبدالله ۽ سعود ساڻس ۽ پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا. انهي ڪري
ترڪ وجهہ وٺي وڃي هنن کي ڪي شڪستون ڏنيون ۽ فقط نجد کان
سواءِ ٻيو سڀ ملڪ ترڪن جو ٿي ويو. هاڻي تائين بدوي عرب وهابي
حاڪمن کي نہ ٿا مڃين. حاجين کي ڦري ماري پيا گذاريندا آهن.

بابي يا بهائي فرقي ۽ مذهب جي مختصر تاريخ:

هي مذهب ايران جي شيعن صوفين مان پيدا ٿيو. انهي جو باني
هڪڙو شيرازي سوداگر مرزا علي محمد نالي هو جو 1844ع ۾ جائو هو.
اتي جا شيعا حضرت علي جا خاص طرح معتقد آهن ۽ امام حسن ۽
حسين ۽ ٻين امامن کي گهڻي تعظيم ڏيندا آهن. 1844ع ۾ جڏهن هو
حج پڙهي موٽيو تڏهن ڪوفي ۽ ڪربلا ۽ مشهد مان ٿيندو آيو ۽ ڳوٺ
اچي قرآن جو نئون تفسير ڪيڻ لڳو ۽ ملن ۽ مولوين ۽ متجهدن ۽
عالمن سان بحث ڪرڻ لڳو. هو پاڻ کي باب سڏڻ لڳو يعني دروازو ۽
عام طرح وعظ ڪرڻ لڳو. جڏهن گهڻا مريد ٿيس تڏهن پنهنجو لقب
مٽائي نقط ڪيائين. خراسان جو هڪڙو وڏو عالم مُلاّ حسين بُشرويہ بہ
سندس مريد ٿيو ۽ ٻي مشهور عالمہ ۽ شاعره مريدياڻي زرين تاج نالي،
جنهن جو لقب قرت العين هو ۽ ٽيو مريد محمد علي ابو الفردشي ٿيو
جي سندس نائب ٿي مذهب پکيڙڻ لڳا. مُلا حسين تہ مازندان ۾ قلعو
جوڙائي زور وٺي ويهي رهيو پر ايران جي شاهہ جي لشڪر قلعو وٺي
1848ع ۾ هن کي مارائي ڇڏيو. ٻئي سال ۾ ابو الفردشي بہ وڙهي مارجي
ويو. انهي وچ ۾ سرڪاري ماڻهن خود باب کي گرفتار ڪري قلعي جي
پٽ مٿان، ڪجهہ کان رسو ٻڌي هڪڙي ٻئي مريد سان گڏ لڙڪائي

ماڻهن جي ديڄارڻ لاءِ بندوقون هٽايون. مريد کي ڌڪ لڳا ۽ مري ويو پر باب کي ڌڪ نہ لڳا رسي کي لڳا جو ڇڄي پيو ۽ پاڻ هيٺ ڪري پيو پر کو بہ ايذاءَ کو نہ آيس. ماڻهن هن جي اها ڪرامت سمجهي ۽ سندس زياده معتقد ٿيا پر باب کي هٿ سان قتل ڪرائي ڇڏيائون. هن جي عمر تڏهن ٽيهہ ورهہ هئي. هن جو هڪڙو جوان شاگرد ۽ مريد مرزا يحيٰ نالي صبح ازل جي لقب سان هن جو جانشين ٿي بغداد ۾ آيو ۽ اتي وعظ ڪرڻ لڳو. 1852ع ۾ ڪن بابين منصوبو ڪري ايران جي شاهہ ناصرالدين قاجار کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي ۾ قرت العين ۽ ٻيا بابي سر ڪردا مارجي ويا. مرزا يحيٰ پنهنجي وڏي ڀاءُ مرزا حسين علي کي پنهنجو نائب ڪيو ۽ 1859ع تائين هن نائب ٿي مذهب پي وڌايو. پر پوءِ 1863ع ۾ باب جي ڪتاب ۾ هڪڙي پيشنگوئي ڪيل پيش ڪيائين جنهن ۾ هو تہ "انهي کي خدا ظاهر ڪندو". ۽ چوڻ لڳو تہ اهو آءٌ آهيان ۽ باب پاڻ رڳو منهنجو اڳواڻ هو ۽ منهنجي اچڻ جي خبر ٿي ڏنائين. هن پنهنجو لقب بهاءُ الله ٺهرايو ۽ گهڻا بابي انهي جي طرف ٿيا ۽ ٻيا مرزا يحيٰ جا معتقد رهيا. انهي طرح بابين جا ٻہ فرقا ٿي پيا هڪڙا بهائي ۽ ٻيا ازلي يعني صبح ازل جا مريد. ٻئي پاڻ ۾ جهيڙا ڪرڻ لڳا. 1868ع ۾ ترڪيءَ جي سرڪار بهاءُ الله کي مريدن سميت شام جي ايڪر عڪر شهر ڏي موڪلي ڏنو ۽ اتي نظر بند رکيو ۽ پاڻس صبح ازل کي مريدن سميت سئپرس ٻيٽ جي فماگستا شهر ۾ رکيو. بهاءُ الله 16 مئي 1892ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ عباس افندي سندس جانشين ٿيو. پر ان جو پٽ محمد علي جانشيني جي لاءِ دعويٰ ڪرڻ لڳو پر گهڻا بهائي سندس طرف نہ ٿيا ۽ بهائي فرقو زور وٺندو ويو جهڙو مشرق ۾ تهڙو مغرب ۾. 1901ع ۾ تہ بهائي مذهب آمريڪا ۾ بہ وڃي نڪتو جتي ٽي هزار ڪن مريد پيدا ٿيا.

مذهبي اصول ۽ ڪتاب: بابي مذهب جا اصول مرزا علي محمد باب جي عربي ڪتاب "بيان" ۾ لکيل آهن جو بابين جو پاڪ ڪتاب سمجهڻ گهرجي. باب پهرين جڏهن اهو تخلص پنهنجي لاءِ ورتو تڏهن چئي تہ امام مهدي جي اچڻ جو اڳواڻ يا اڳي خبر ڏيندڙ سمجهي

پاڻ کي باب يا دَرُ پر پوءِ پاڻ کي جڏهن نقط جو لقب ورتائين تڏهن چئي ته پاڻ کي خود مهدي ظاهر ڪيائين ۽ باب جو لقب پنهنجي هڪڙي وڏي خاص مريد يا شاگرد تي رکيائين، پر اهڙي ڳالهه بلڪل ظاهر نه ڪيائين ته مون کان پوءِ اچڻ وارو بهاءُ الله ٿيندو، جو ڪانس به ورهه وڏو هو ۽ حياتي تمام وڏي ٿيس. بهاءُ الله ڪتاب بيان کي ڇڏي پنهنجو ڪتاب ڪڍيو جنهن کي ڪتاب القدس سڏيائين، جنهن ۾ پنهنجن مريدن لاءِ قاعدا قانون ڏنا اٿس. اهي گهڻو ڪري اسلامي قاعدي يا شريعت موجب آهن. نماز جي پنجن وقتن کي ڦيرائي ٽي وقت ڪيائين. سيني نمازن ۾ نو رڪعتون ٺهرايائين قبلہ جي نڌران عڪه ڏي منهن ڪرڻ جو حڪم ڏنائين جتي پاڻ رهندو هو. بيماري ۽ بيداپي ۾ نماز معاف آهي. روزا تيهن مان گهٽائي اوڻيهه ڪيائين، عيد جي لاءِ نو روز جو ڏينهن مقرر ڪيائين. زڪوات ۽ حج به قائم رکيا ويا. گهڻيون زالون پرڻجڻ به روا نه رکيائين، فقط ٻن جي موڪل ڏنائين. ورثي جا قاعدا به قائم رکيائين، ڏوهن جي سزائن ۾ به ڦير گهير ڪيائين.

بهاءُ الله ظاهر ڪيو ته جنهن جي اچڻ لاءِ حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ ۽ حضرت محمد صلعم پيشنگوئي ڪئي هئي سو آءٌ آهيان. بهاءُ الله جي هڪڙي شاگرد به هڪڙو ڪتاب بحرالعرفان نالي لکيو جو پڻ منجهن سندُ سمجهيل آهي. بهاءُ الله پاڻ کي نه فقط نبي ظاهر ڪيو پر يهوداه جي نالي جي دعويٰ ڪيائين، جو توريت ۾ خود خدا جو نالو هو.

مذهبي تعظيم:

بابين جي ٽئي مهندار عباس افندي به مذهبي اصولن ۾ ٿوري ڦير گهير ڪئي خصوصن فلسفہ جي ڳالهين بابت. پر هتي اسين بابي يا بهائي تعليم جي مک ڳالهيون پيش ڪريون ٿا جي بيان مان ورتل آهن:

هر ڪنهن ماڻهوءَ جو روح خدا مان نڪتو آهي ۽ نيٺ وري به انهي ۾ پوندو. سٽن جو عدد عجيب آهي جو ايتريون خاصيتون عالم جي خلقڻ ۾ ظاهر ٿيون. اوڻيهن جي عدد مان خود خدا جو نالو ٿو

نڪري ۽ پوئين نبين جو تعداد ٿو ڏيکاري، جي هنن نئي مذهب ۾ تقسيم ٿيل آهن. انهن مان مک باب آهي پرپيا ارڙهن انهي جي پاڪ خدائي ذات ۾ شامل آهن. هي مذهب قيامت تائين فنا ٿيڻ جو ناهي. جيڪو انهي مذهب وارن مان مرندو انهي جو اوتار هڪدم انهي جي پنيان وري پيدا ٿيندو. حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسىٰ ۽ حضرت محمد صلعم برابر نبي هئا پر انهن باب جي اچڻ جي اڳواٽ خبر ڏني. گهٽين زالن ۽ سريتن رکڻ جي منع آهي. پردو يا برقعو ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. مڙس ۽ زالون هڪ برابر. جيڪي اوٽيهه نبي هن مذهب ۾ اچڻا آهن ت مان هڪڙي زال ٻه هوندي. مهمانداري، خيرات، سخا، پرهيزگاري، شراب ۽ نشي کان پاسي رهڻ جو تاڪيد ڪيل آهي. رياضت ۽ فقيريءَ جي سخت منع آهي.

قادياني يا احمديہ مذهب ۽ ان جو باني:

هن مذهب جو باني مرزا غلام احمد قادياني آهي. جنهن جي حياتيءَ جو مختصر احوال هي آهي. هو 1839ع ڌاري قاديان شهر ۾ پيدا ٿيو. هو مرزا غلام مرتضيٰ جو پٽ هو. هو مغلن جي برلاس قوم مان هو. هن جا وڏا اصل خراسان ۾ رهندا هئا انهن مان هڪڙو ڪنهن خانگي تڪرار سبب وطن ڇڏي هندستان ۾ آيو ۽ لاهور جي ويجهو هڪڙو ڳوٺ اسلامپور نالي ناهي انهي ۾ رهي پيو ۽ وقت جي حاڪم اتي 85 ديهون هن کي جاگير ڪري ڏنيون، جتي جو هو قاضي ٿي رهيو. انهي لفظ جو آواز عربي ۾ قادري هوندو آهي انهي مان ڳوٺ جو نالو ئي قاديان ٿي پيو. سکن جي زماني ۾ هنن تي گهڻا ظلم ٿيا ۽ هو سڀ قاديان مان هڪالي نڪري ويا. پر پوءِ راجا رنجيت سنگهه مرزا غلام مرتضيٰ کي پنج ديهون وري جاگير ڪري ڏنيون. سکن کان پوءِ انگريز سرڪار جي راڄ ۾ مرزا غلام مرتضيٰ سرڪار سان وفادار رهيو ۽ 1857ع واري فساد يا غدر ۾ گهڻي مدد ڏنائين.

مرزا غلام احمد کي ننڍي هوندي کان چڱي تعليم ملي ۽ شروع ئي کان هن کي گوشہ نشيني وڻندي هئي ۽ اڪثر دنيائي ڌنڌن ۾ هٽ نہ

وجهندو هو. هڪڙي پيري لاچاري سبب سيالڪوٽ ۾ سرڪاري نوڪري به ڪيائين پر تڏهن به فراغت جو وقت ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشغولي ۾ رهندو هو. پر سگهوئي پوءِ نوڪري ڇڏي زمينداري جو ڪم ڪرڻ لڳو. مرزا غلام مرتضيٰ 1876ع ۾ مري ويو. تڏهن مرزا غلام احمد چاليهن ورهن جو هو. هو قرآن ۽ حديث ۽ مذهبي ڪتاب مطالع ڪندو رهيو ۽ روزا رکندو ۽ رياضتون ڪندو رهيو ۽ ظاهر ڪندو رهيو ته کيس الهام اچن ٿا ۽ خدا جا حڪم پهچن ٿا ۽ ڪي پيشنگويون به ڪرڻ لڳو. 1880ع ۾ هن پنهنجو مشهور ڪتاب براهين احمديه ڇپايو. جنهن ۾ اهي سڀ الهام ڏنا ويا هئا ۽ ٻن ورهن ڪان پوءِ هن اهڙا الهام ظاهر ڪيا جن ۾ هو خود ڏهين هجري صديءَ جو مذهبي سڌارو ڪندڙ مجدد سڏيو ويو بلڪ پيغمبر ٻڌيو ويو. 1888ع ۾ هو خلق کان بيعت وٺڻ لڳو ۽ ماڻهو سندس مريد ٿيڻ لڳا ۽ 1890ع ۾ پاڻ کي مسيح موعود ۽ مهدي سڏيو. انهي ڪري مولوي ۽ مُلا ۽ ٻيا ماڻهو سندس بر خلاف ٿيڻ ۽ لکڻ لڳا ۽ ساڻس سخت بحث مباحثا ٿيڻ لڳا. انهي وچ ۾ الهام ۽ آيتون ظاهر ڪندو رهيو ۽ ڪتاب براهين احمديه جا چار ڀاڱا ٿي ويا. نه فقط مسلمان پر هندو ۽ ڪرسچن ۽ سک سندس مخالف ٿيڻ لڳا ۽ ملن ۽ مولوين مٿس ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون، ڇا لاءِ جو هن پاڻ کي نبي ٿي سڏيو ۽ حضرت محمد صلعم جن کان پوءِ ٻيو نبي اچڻو ئي نه هو ۽ ملائڪن کان هو انڪاري هو ۽ معراج ۽ معجزا نه مڃيندو هو. انهن ڳالهين بابت هو تقريرون ڪندو رهيو ۽ امرت سر ۽ ديره با بانانڪ ۽ سيالڪوٽ ۽ دهلي ۽ لاهور ۽ ٻين هنڌن تي وعظ ڪندو رهيو. گرو نانڪ کي مسلمان سڏڻ لڳو. ڪن هنڌن تي ته هن کي ماڻهو ڪاوڙمان پهڻ هڻڻ ۽ گاريون ڏيڻ به لڳا. هندن ۽ عيسائين ۽ مسلمانن مٿس ڪيترائي فوجداري ۽ ديواني مقدما هلايا جن مان اڪثر هو ڇٽندو ويو. 1896ع ۾ لاهور ۾ جدا جدا مذهبي مسئلن بابت هڪڙي وڏي ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ هن ڏاڍي قابليت ڏيکاري. پنهنجي مذهبي جوش ۾ هو انهي حد تائين ويو جو ملڪ معظم وڪتوريا ۽ افغانستان جي آمر ڏي به دعوت ناما موڪليائين ته کيس مسيح موعود

ڪري مجن. پر انهي هوندي بہ هميشہ انگريز سرڪار سان وفادار رهندو آيو ۽ ان جي فائدي ۾ لکندو ۽ فساد بند ڪندو آيو. نيٺ 1908ع جي اپريل مهيني ۾ وفات ڪيائين ۽ بہ ورهن اڳي پنهنجي مرڻ جي ويجهڙائي ۾ وصيت نامو لکيائين. انهي وچ ۾ بہ ڪتاب حقيقت الوحي ۽ چشمہ معرفت لکيائين، جنهن ۾ آريہ سماج جي اعتراضين جا جواب ڏنائين. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ هن هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ صلح قائم ڪرڻ جي بہ گهڻي ڪوشش ڪئي ۽ انهي بابت هڪڙو ننڍو ڪتاب "پيغامِ صلح" لکيائين.

مذهبي اصول:

احمديہ مذهب جا اصول يا اهي خاص ڳالهيون جن تي ٻين مسلمانن ۽ عيسائين ۽ هندن جا اعتراض آهن سي هيٺ ڏجن ٿا. پهرين تہ هن قرآن ۾ گهڻن هنڌن جو تفسير يا ان جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي پنهنجي خيال موجب ٻي طرح ڪئي ۽ نہ رواجي جيئن ٻين عالمن ڪئي آهي. ٻيو تہ هن پاڻ کي نبي ۽ مسيح موعود ۽ مهدي سڏايو ٽيون تہ هن دعويٰ ڪئي تہ مون کي وحي ٿو اچي يا الهام ٿو ٿئي ۽ حڪم يا آيتون نازل ٿيون ٿين. چوٿون تہ هن پيشنگوئين ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ ڪسرتون ٿي ڪيائين جن مان ڪي پوريون ٿيون ڪي نہ. پنجون تہ هن ڪيتريون ئي ٻيون ڳالهيون ڪيون جي اسلام ۽ عيسوي ۽ هندن جي مذهب جي بر خلاف هيون. تن جو مختصر ذڪر هي آهي. هن مذهب جو نالو هن 1900ع ۾ احمديہ رکيو انهي ڪري تہ سندس نالي ۾ احمد لفظ آهي پر خود حضرت جن جي نالي پٺيان جو انهن کي محمد بہ چوندا هئا ۽ احمد بہ. عام مسلماني مذهب محمدي آهي ۽ هي احمدي مذهب سڏيو ويو. پاڻ جيڪو اشتهار ڪيائين سو هي تہ "منهنجو نالو خدا تعاليٰ مسيح ڪيو آهي ۽ آءٌ حضرت عيسيٰ جي روح ۽ اخلاق سان موڪليو ويو آهيان ۽ اهو ئي آهيان ۽ منهنجو نالو محمد احمد آهي ۽ حضرت محمد جي بہ روح ۽ اخلاقن ۽ شڪل ۾ موڪليو ويو آهيان تنهن ڪري آءٌ عيسيٰ مسيح ۽ محمد مهدي ٻئي

آهيان. مسيح حضرت عيسىٰ جو لقب هو ۽ مهدي حضرت محمد جو. آءُ پنهي جي نالن جو وارث ڪيو ويو آهيان. انهن ڪي تناسخ نہ ٿو چئجي پر بروز ٿو چئجي يعنيٰ آءُ عيسىٰ ۽ محمد پنهي جو بروز آهيان ۽ خدا جي وحدت اصلوڪي سچي حالت ۾ پکيڙڻ آيو آهيان. حديثن ۾ آهي تہ قيامت جي نزديڪي ۾ امام مهدي ايندو ۽ حضرت عيسىٰ بہ پوءِ ٻئي جنگ ڪندا ۽ ڪافرن کي قيرائي سچي دين تي آڻيندا، پر حقيقت ايئن ناهي. حقيقت هي آهي تہ مسيح ۽ مهدي هڪڙي ئي شخص جو نالو آهي ۽ اهو آءُ آهيان. حديثن موجب مون کي جنگ ڪرڻي ناهي پر جنگ بند ڪرڻي آهي. حضرت عيسىٰ جي نسبت ۾ بہ توريت ۾ هو تہ ايليا نبي اچڻو آهي پوءِ حضرت عيسىٰ چيو تہ اهو ايليا بيو ڪونهي حضرت يحيىٰ آهي، جو ايليا جو بروز هو تيئن آءُ بہ انهي ئي عيسىٰ جو بروز آهيان جو اچڻو هو."

عيسائين جو اعتقاد آهي تہ جيئن حضرت ايليا مئو ڪين پر مٿي آسمان ڏي کڄي ويو تيئن حضرت عيسىٰ جي نسبت ۾ بہ سندن ساڳيو ئي اعتقاد آهي اگرچہ هو پهرين صليب تي چاڙهيو ويو ۽ مئو ۽ پوريو ويو ۽ پوءِ ٽئي ڏينهن آسمان ۾ چڙهي ويو پر احمديہ مذهب جو اعتقاد آهي تہ حضرت عيسىٰ صليب تي ڪين مئو پر سڪتي جهڙي بيماري ۾ مئلن جهڙو بيهوش ٿي ويو هو ۽ انهيءَ ڪي مئل ڄاڻي دفن ڪيو هئائون. پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن ايئن نڪري اتي پڳو ۽ افغانستان ۽ هندستان مان اچي نڪتو ۽ اتي بني اسرائيل جي رهيلن قومن ۾ وعظ ڪندو رهيو ۽ جڏهن وفات ڪيائين تڏهن ڪشمير جي سري نگر جي شهر جي خان يار نالي گهٽيءَ ۾ دفن ڪيو ويو جتي اڃا سندس قبر ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ يوس آسف ۽ شهزاده نبي جي نالي سان مشهور آهي. يوس آسف يسوع لفظ تان ڪريل نالو آهي ۽ شهزاده نبي يا نبي صاحب مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ اهو نبي هو يعني حضرت عيسىٰ. انهي لاءِ مرزا احمد قادياني توريت ۽ انجيل ۽ قرآن ۽ تاريخ مان انهي لاءِ ثابتيون ڏنيون آهن جي پڙهڻ جهڙيون آهن پر هتي ڏئي نہ ٿيون سگهجن. مطلب تہ احمديہ مذهب موجب حضرت عيسىٰ پاڻ منهنجي

جسم ۾ اچڻو نہ هو پر سندس روح ٻي جسم ۾ اچڻو هو يعني ان جو بروز ۽ اهو آهي مرزا احمد ۽ اهو ئي وري مهدي بہ آهي ۽ مهدي ڏار پيو ڪو نہ اچڻو هو يا اچڻو آهي. انهي لاءِ بہ حجتون ۽ ثابتيون ساڳئي طرح پاڪ ڪتابن مان ڏنيون اٿس جي پڙهڻ جوڳيون آهن.

احمديہ مذهب جو اهو اعتقاد آهي تہ حضرت محمد صلعم خاتم الانبيا يعني پوئيون نبي نہ هو جيئن مسلمانن جو اعتقاد آهي ۽ انهي ڪان پوءِ بہ نبي پيا ايندا. هر هجري صديءَ جي شروع ٿيڻ وقت هڪڙو نبي پيدا ٿيندو آيو آهي جنهن کي دين جو مجدد ٿا چون يعني تازو ڪندڙ يا سڌاريندڙ يا جاڳائيندڙ ۽ اهو خدا موڪلي ٿو تنهن ڪري اهو رسل يا نبي يا پيغمبر چئبو. اهڙا مجدد اڳي پڻ ٿيا آهن جيئن تہ احمد سرهندي ۽ احمد دهلوي يا شاهہ ولي الله ۽ سيد احمد بريلوي ۽ هاڻي چوٿون آهي علامہ احمد قادياني. سيني جا نالا احمد هئا. انهي لاءِ جيڪي علامتون اڳئي ڏيکاريل آهن سي بہ مرزا غلام احمد ڏيکاريون آهن تہ انهن موجب بہ پاڻ اهو عيسيٰ موعود آهي ۽ مهدي بہ آهي ۽ انهي جو اچڻ محض اسلام جي تازي ڪرڻ ۽ زور وٺائڻ ۽ سڌارڻ واسطي آهي.

جن ڏهن شرطن بابت احمديہ مذهب وارا بيعت ڪن ٿا ۽ انهي مذهب ۾ داخل ٿين ٿا سي هي آهن جي 1889ع ۾ مقرر ڪيا ويا:

1: اهڙو مريد يا شاگرد ڪڏهن شرڪ نہ ڪندو.

2: هيٺان خرابي ۽ گناهہ جهڙا ڪم ڪڏهن بہ نہ ڪندو. ڪوڙ، زنا، اک جو زنا، خدا جا حڪم ڀڃڻ، خدا جي مخلوقات سان ظلم ۽ شهوت پرستي نہ ڪندو.

3: پنج وقت نماز ۽ رات جو تهجد ۽ صلوات ۽ توبهہ ۽ ذڪر ۽ دعا هر حالت ۾ ادا ڪندو رهندو.

4: ڪنهن بہ انسان کي عام طرح ۽ مسلمانن کي خاص طرح هٿ سان يا زبان سان يا ٻي طرح ايذاءِ رسائڻ نہ گهرجي.

5: هو خدا ۾ هميشہ ايمان رکندو ۽ هر حال ۾ راضي رهندو.

6: هو نفس پرستي نہ ڪندو ۽ قرآن ۽ حديث تي ئي هلندو.

7: هو مغروري ۽ وڏائي ڇڏي نماڻو ٿي گذاريندو.

8: هو اسلام جي هر طرح همدردي ۽ حمايت ڪندو رهندو ۽ پنهنجي جان ۽ مال ۽ اولاد کان انهي کي پيارو ۽ عزيز سمجهندو.

9: هو خدا ڪارڻ خدا جي مخلوقات سان خاص انسان ذات سان ڀلائي ڪندو رهندو.

10: جيڪا بيعت ڪري ٿو تنهن موجب پنهنجي مرشد سان ۽ ٻين هم مذهبن سان سچو ۽ ايماندار رهندو.

مذهبي فرقا:

احمديہ مذهب جي اسلام سان اهڙي نسبت آهي جهڙي عيسائي مذهب جي يهودين يا بني اسرائيلن جي مذهب سان هئي، تہ انهن جي پوءِ جي صورت پر اصلوڪي صورت ڇا لاءِ جو مسلمانن کي اهي ئي مذهب سچا سمجهڻا آهن. مسلمانن ۾ مرزا غلام احمد قادياني ظاهر هئڻ ۽ مسيح موعود سڏجڻ ڪري ٻہ فرقا ٿي پيا. هڪڙو فرقو انهن کي نبي يا مرسل وسهن ٿا ۽ ٻيا نہ. هن کي فقط مجدد يا محدث سمجهن ٿا ۽ ٻئي سندس ڪلام يا ڪتابن مان ثابتيون ۽ حجت دليل ڏين ٿا ۽ انهن کي قرآن ۽ حديث سان موافق ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙو فرق سندس جيئري هليل هو ۽ ٻيا مسلمان سندس بر خلاف ڪفر جون فتوائون ڏيڻ لڳا هئا، جيئن مٿي چيو ويو پر 1908ع ۾ سندس وفات کان پوءِ اهو جوش هلڪو ٿيو جو پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ هو انهي بابت زياده صفائي ڪئي ۽ دعويٰ ڍري ڪئي پر ڇهن ورهن کان پوءِ سندس پٽ ۽ مسند نشين مرزا محمود احمد وري پنهنجي پيءُ جي اڳواٽي اصلوڪي دعويٰ تازي ڪئي يعني انهيءَ کي نبي سڏڻ ۽ وسهڻ لڳو ۽ انهيءَ کان ڦرڻ واري کي ڪافر سڏڻ لڳو. جيڪي انهي جي پاسي ٿيا سي محموديہ شمار ۾ آيا ۽ ٻيا احمديہ. اهي ٻہ فرقا 1914ع ۾ شروع ٿيا. حقيقت ڪري مرزا محمود احمد کي ٻہ انهي نئي فرقي پيدا ڪرڻ ۾ ظهير الدين مدد ڪئي ۽ انهي راءِ تي بيهاريو ۽ حجت دليل ڏئي ٺهرايو جو گجرانوالہ ۾ انجنيري کاتي ۾ هڪڙو ڪلارڪ هو ۽

احمديہ مذهب جو هو. انهي جي مخالفت مولوي نورالدين احمديہ ڪئي. جو تڏهن احمدي مذهب وارن جو مهندار هو. ٻنهي جي وچ ۾ گهٽي لکپڙهہ هلي ۽ ڪتاب لکڻ ۾ آيا جن ۾ طرفين هڪٻئي کي رد ڪد ڏنا. 1913ع ۾ مولوي نورالدين وفات ڪئي پر انهن کان اڳي مرزا محمود احمد کي باز اچڻ لاءِ نصيحت ڪيائين. مولوي جي مرڻ کان پوءِ پيو مولوي سيد محمد احسن امروهي جاڳيو ۽ انهي مرزا محمد احمد ۽ سندس طرف وارن جي بر خلاف 1914ع ۾ هڪڙو اشتهار جاري ڪيو جنهن ۾ انهي صاحبزادي مرزا جون غلطيون ظاهر ڪيائين ۽ انهيءَ کي خلافت جي گاديءَ تان لاهڻ جي فتويٰ ۽ سند ڏنائين. جو اهو انهي جاءِ جو لائق نہ هو ۽ احمديہ وارن کي انهي جي اصولن کان پري رهڻ جي تاڪيد ڪيائين. انهي سيد ۽ ٻين ڪيترن صاحبزادي جي بيعت ڇڏي ڏني ۽ نہ ڇڏڻ وارن کي فاسق ٺهرايائين ۽ انهن جي اصولن جي بر خلاف ثابتيون ڏنائين.

اهي بہ فرقا اجا هلندا اچن. اگرچہ في الحال احمديہ مذهب جدا آهي تڏهن بہ گهٽائي پڙهيل ۽ قابل ماڻهو احمديہ مذهب جا عام مسلماني اصولن جو وعظ ۽ تبليغ ڪندا وتن، نہ فقط هندستان ۾ پر يورپ ۾ بہ جيئن تہ خواجہ ڪمال الدين ۽ ٻيا جن مسلماني مذهب پکيڙڻ ۾ وڏا ڪم ڪيا آهن. اگرچہ احمديہ مذهب موجب هاڻي جتي ڪو انهي مذهب جو امام ملي سگهي ۽ اهڙي جماعت موجود ٿي سگهي اتي اهي ڌار نماز پڙهندا آهن پر جتي ايئن نہ ٿي سگهندو آهي اتي احمديہ مذهب وارا ڪنهن بہ مسلمان امام جي پنيان نماز پڙهندا آهن. ڪٿي تہ خلاصيتون احمديہ مذهب وارن جون مسجدون آهن.

مٿيون سڀ احوال مولوي محمد علي جي لکيلن ڪتابن تان ورتو ويو آهي جنهن قرآن جو انگريزي ترجمو ڪيو آهي ۽ احمديہ مذهب جي خيالن موجب ان جو تفسير بہ ڪيو آهي. انهي پنهنجي ڪتاب ۾ مرزا احمد قادياني جي نبوت جي ثابتيءَ لاءِ سندس ڪيل ڪي پيشنگوييون بہ ڏنيون آهن جن مان ڪي مکيہ مختصر طرح ڏجن ٿيون.

1: شروعات ۾ جڏهن الهام اچڻ لڳس تڏهن خدا وٽان ڪيس اها

خاطري ملي تہ ڪيس گھڻيون مشڪلاتون پيش اينديون ۽ ڏاڍي مخالفت ٿيندس پر پوءِ نيٺ هو فتحياب ٿيندو ۽ سندس مذهب پري پري پکڙي ويندو. آخر ايئن ٿيو جيئن مٿي سندس سوانح عمريءَ مان ثابت ٿيو.

2: جيڪا وڏي جرمن وار لڳي تنهن جي هن گھڻو اڳي خبر ڏني جا اخبارن ۾ بہ ڇاپي وئي ۽ انهي ۾ خاص روس يا رشيا جي شهنشاهہ زار جي خاندان جي تباهيءَ جي پيشنگوئي ڪيائين. اها پيشنگوئي 1905ع ۾ ڪئي وئي هئي ۽ جنگ 1914ع ۾پوري ٿي ۽ جيڪي ڇيو ويو هو سو پورو ٿيو.

3: 1882ع ۾ ڪالگرا جي واديءَ جي زلزلي سبب ناس ٿي وڃڻ جي پيشنگوئي ڪيائين ۽ وري 1903ع ۾ بہ ڪيائين آخر 1904ع ۾ اها پوري ٿي ۽ ساري وادي ناس ٿي ۽ ڏاڍو جان ۽ مال جو نقصان ٿيو.

4: 1905 ۾ وري ٻئي اهڙي زلزلي جي پيشنگوئي ڪيائين جا ڪي مهينا پوءِ پوري ٿي.

5: 1897ع ۾ پنجاب ۾ پليگ يا طاعون پوڻ جي پيشنگوئي ڪيائين تڏهن پليگ بمبئي ۾ مس شروع ٿي هئي. نيٺ گھڻن احتياطن وٺڻ کان پوءِ بہ اتي اچي نڪتي ۽ ڏاڍو نقصان ڪيائين.

6: 1906ع ۾ بنگال جي تقسيم بابت ۽ پوءِ بنگالي ماڻهن جي رنج ٿيڻ ڪري انهن جي تلافي لاءِ دهلي جي دربار ٿيڻ بابت پيشنگوئي ڪيائين جا 1912ع ۾ پوري ٿي.

7: ايران ۽ ترڪستان ۾ فسادن ٿيڻ ۽ بادشاهن جي تخت تان لهڻ بابت 1906ع ۽ 1908ع ۾ پيشنگوئي ڪيائين جي 1913ع ۾ پوريون ٿيون.

maablib.org

ٿياسفي مذهب

ٿياسفي مذهب:

ٿياسفي مذهب جو مطلب لفظي معنيٰ موجب آهي مذهبي حڪمت يا حڪمتي مذهب. يعني ڏاهپ جو مذهب، جنهن کي هندو برهم وديا ٿا سڏين. تصوف وانگي اهو به هڪڙو اهڙو باطني ۽ حقيقي عام لاڳو مذهب آهي جو قديم وقت کان دنيا جا ڪي حڪيم ۽ ڏاها ماٿهو رکندا آيا آهن. حقيقت ڪري ٿياسفي ڪو مذهب ناهي پر سڀني مذهبن جو مول يا مغز يا جوهر آهي. اهو سچ يا حقيقت جا سڀني مذهبن ۾ مخفي يا لڪل رهي ٿي. پر ٻي طرح ٿياسفي فلسفہ يا حڪمت بہ آهي، سائنس يا علم بہ آهي ۽ مذهب بہ آهي.

انهي جا باني:

1875ع ۾ ڪرنل الڪاٽ ۽ هڪڙي رشين ليڊي ميڊم بلاو ٽسڪي هڪڙي سوسائٽي يا جماعت آمريڪا جي نيويارڪ شهر ۾ برپا ڪئي. پاڻ انهي جا پريزيڊنٽ يا صدر مجلس ٿيا انهن جي ڪوشش سان آمريڪا، يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي گهڻن ڀاڱن ۾ انهي سوسائٽي جون شاخون قائم ٿي ويون. هندستان ۾ بہ مدراس جي ويجهو اديار شهر وٽ انهي جي مکيہ جاءِ قائم ٿي. مٿين ٻنهي پريزيڊنٽن جي وفات کان پوءِ مسز بيسنٽ پريزيڊنٽ ٿي جا اڃا حيات آهي. انهن ٽنهي شخصيتن ۽ ٻين گهڻن ننڍن پوءِ لڳن گهڻا ڪتاب لکيا، خصوصن سنيٽ، ليڊ بيٽر ۽ ٻيا. انهي سوسائٽي قائم ڪرڻ جو اصل مدعا اهو هو تہ قديم زمانن ۽ علمن جي نئين سر ظاهر ڪرڻ ۽ قائم رکڻ ڪري مذهب ۽ سائنس جي سچي ترقي ٿئي ۽ اڳوڻن ڏاهن ۽ حڪيمن ۽ بزرگن جا جيڪي قول آهن تن جي ڳڌ ۽ پڙهي ڪرڻ

ڪري ۽ انهن کي پوري تعظيم ڏيڻ ڪري سيني قومن ۽ مذهبن جي وچ ۾ اتفاق ۽ اتحاد پيدا ٿئي ۽ هاڻوڪي جسمانيت يا ماديت جي بدران روحانيت زور وٺي. انهي نظريي موجب هن سوسائٽي جا ٽي وڏا مطلب آهن.

1: ساري انسان ذات جي وچ ۾ قوميت، مذهب جنس، ذات يا رنگ جي تفاوت ڌاران عام ڀائپي پيدا ڪرڻ.

2: آرين ۽ ٻين مشرقي علمن ۽ مذهبن ۽ فلسفن جي مطالع جو شوق پيدا ڪرڻ.

3: قدرتي باطني قاعدن ۽ انسان جي روحاني طاقت جي تحقيقات ۽ ان جا تجربا ڪرڻ. هن سوسائٽي ۾ ڪنهن به مذهب يا قوم جا ماڻهو شامل ٿي سگهن ٿا. ڪنهن کي به ڪنهن جي مذهب ڇڏڻ يا مٽائڻ لاءِ نه ٿو چئجي، پاڻ انهن کي انهن ۾ قائم رهڻ لاءِ تاڪيد ٿو ڪجي، مگر انهي جي حقيقت پوري طرح معلوم ڪرڻ جو تاڪيد ڪجي ٿو. انهي سان گڏ هن کي ٻين سيني مذهبن ۽ انهن جي باني کي تعظيم ڏيڻي ٿي ٿئي.

مختصر احوال:

ٿياسفي جا مختصر اصول هي آهن:

1: ماڻهوءَ جو روح حقيقي انسان آهي ۽ اهو باقي آهي فاني ناهي، مگر جسم جو گهڻين شين مان مرڪب ٿيل آهي سو فاني آهي. ۽ هي عالم سڄو هڪڙي ليکي شئي آهي ۽ انهي جا سيئي مخلوق يا ڀاڱا آهن. يعني جيڪي عالم ۾ آهي سو سڀ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهي ۽ نه ڌار. هر هڪ ڀاڱي جو خيال يا ڪم ساري عالم تي اثر پيدا ڪري ٿو. تنهن ڪري سڀ ماڻهو پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ ساري انسانذات هڪڙي برادري آهي.

2: ماڻهوءَ جي روحانيت سندس جسم ۽ سمجهه وانگر سڌري ۽ ترقي حاصل ڪري سگهي ٿي. پوءِ هن کي روحاني يا غيب عالم جي خبر پئجي سگهي ٿي جا اهڙي سچي ۽ معتبر آهي جهڙي ڪنهن

فليسوف يا حڪمت واري آزمودگار ماڻهوءَ جي هجي.

3: اهڙا ماڻهو قدرتي طاقتن تي پنهنجي مرضيءَ موجب عمل هلائي سگهن ٿا ۽ اهڙا غير طبعي ۽ فوق البشري ڪم ڪن ٿا جي ظاهريءَ ڪري ڪرامت ۽ معجزي جهڙا آهن مگر حقيقت ڪري اهي فقط عام قدرتي قانون جي پوري علم حاصل ڪرڻ جو نتيجو آهن.

4: ٿياسفيءَ جي تعليم مان معلوم ٿي سگهي ٿو تہ دنيا ۾ شمسي نظام جا پيا گهمندڙ تارا ڪيئن شروع ٿيا ۽ انهن ۾ حياتي ڪيئن ظاهر ٿي ۽ درجي بدرجي عالم جمادات يا معدنيات ۽ نباتات ۽ حيوانات ۽ خاص انسان ذات ۾ ڪيئن ترقي ڪيائين.

5: هن دنيا جا ڪم ٺهرايلن دورن جي قانون موجب هلن ٿا ۽ هر هڪ دور جي عليحده حالت آهي.

6: جيڪي هن دنيا ۾ ٿي گذريو آهي يا ٿئي پيو يا جيڪي هن کان پوءِ ٿيندو سو سڀ خيال توڙي قول، توڙي فعل نوراني يا مثالي عالم ۾ داخل ٿيندو وڃي، جيئن ڪنهن سرڪاري دفتر ۾ وارداتون يا انهن جون رپوٽون داخل ٿينديون وڃن.

7: انسان ذات شروع ڪيئن ٿي ۽ ترقي ڪيئن پي ڪئي اٿس ۽ آخر سندس ڪهڙو حال ٿيندو.

8: هر ڪو ماڻهو يعني ان جو حقيقي روح هڪڙي وڏي خدائي روح ڪل جو جزو. يا پاڳو آهي جو ڪيترن جسمن مان لنگهي ۽ آزمودا حاصل ڪري وري وڃي اصل خدائي روح ۾ گڏجي ٿو.

9: اهو تناسخ يا جدا جدا ظاهري حياتين جو سلسلو هن جي ترقي لاءِ آهي ۽ جدا جدا زمانن يا دورن ۽ دنيائن يا تارن تي ٿئي ٿو.

10: هر هڪ دنيا ئي جنم يا حياتي ۾ گذارڻ کان پوءِ سڀ ڪو روح آرام وٺي ٿو ۽ ٻئي جنم يا دنيائي حياتي جي لاءِ تيار ٿئي ٿو ۽ ان لاءِ لياقت حاصل ڪري ٿو.

11: هر هڪ جنم جي حالت گذريل حياتيءَ جي خيالن ۽ ڪمن تي منحصر رهي ٿي.

12: انهي لاءِ هڪڙو قدرتي واعدو مقرر آهي جنهن کي ڪرم

چون ٿا ۽ جنهن جو مطلب آهي تہ جهڙي ڪو پوکيندو تهڙي لڻندو ۽ انهي قاعدي تي ماڻهوءَ جو سک ۽ ڏک متعلق رهي ٿو. قسمت يا نصيب جو انهي ۾ ڪو بہ واسطو ڪونهي.

13: جي ماڻهو اڳيئي اعلىٰ ترقي ڪري ڪامل انسان ٿي ويا آهن ۽ جي حڪيم ۽ استاد ۽ پيغمبر ۽ اولياءَ ۽ رشي سڏبا آهن، سي انسان جي روح کي ترقي ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏين ٿا جيسين هو وجي خدا سان واصل ٿين يا خدائي اصل روح ڪل ۾ گڏجن.

14: انهي وقت هر هڪ روح کي پنهنجين گذريلن حياتين جي واقعن جي يادگيري اچي ٿي ۽ خبر پوي ٿي، نہ ان کان اڳي.

15: ماڻهو کي گهرجي تہ ڪوشش ڪري اعلىٰ روحاني حالت حاصل ڪري ۽ اها آهي پنهنجو نفس مارڻ يعني پاڻ کي وساري يا خود قرباني ڪري ٻئي جي خير خواهي ڪرڻ ۽ خلق کي فائدو رسائڻ هميشہ خدا تعالىٰ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ رهڻ، نفساني خواهشن تي غالب پوڻ، اندر جي قاضي يا خدائي اشاري يا ضمير جي حڪم موجب پنهنجا سڀ فرض ادا ڪرڻ ۽ سڀ حق بجا آڻڻ.

16: اها روحاني ترقي حاصل ڪري، رياضتون ڪري، باطني علم مان پوري طرح واقف ٿيڻ ۽ پوءِ پاڻ ٻين کي انهي بابت هدايت ۽ ارشاد ڪري. پوءِ مس خدا سان وصال جي درجي ملڻ جي اميد رکي.

17: اهڙي ترقي سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جي اختيار ۾ آهي مگر سندس سچي ذاتي ڪوشش تي منحصر آهي.

18: ٿياسفي جي فلسفہ ۽ مذهب مان معلوم ٿئي ٿو تہ زمين کان سواءِ ٻين دنيائن يا تارن ۾ ڪهڙي مخلوقات رهي ٿي ۽ اها ڪهڙي ڪم لاءِ آهي.

19: زمين جي مخلوقات جا قسم ۽ قومون يا ذاتيون ڪيئن ترقي ڪن ٿيون ۽ انهن جي وچ ۾ ظاهري ۽ باطني تفاوت جو ڪهڙو سبب آهي.

20: دنيا جي سڀني مذهبن جو بنياد هڪڙي ئي قسم جي سچ تي رکيل آهي.

21: دنيا جي خرابي ۽ ڏک ۽ مصيبت ۾ ڪهڙي چڱي حڪمت رکيل آهي ۽ ماڻهن جي حالتن ۽ اخلاقن ۽ ذهنن جي وچ ۾ جيڪو فرق معلوم ٿئي ٿو تنهن جو ڪهڙو سچو سبب آهي.

22: ڪن ماڻهن ڪي اهڙ فوق البشري يا ملڪي طاقت ٿيندي آهي جو هو غيب عالم جي مخلوقات ڏسندا آهن ۽ غيب جون ڳالهيون ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا آهن ۽ ٻئي جي دل جو احوال ۽ ان جا خيال معلوم ڪري سگهندا آهن ۽ ٻين ارواحن سان واسطو رکي سگهندا آهن.

23: اهڙي طاقت سان هو خلق کي ڏاڍو فائدو رسائي ٿا سگهن ۽ انهن کي ترقي ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏئي سگهن ٿا.

24: دنيا ۾ وقت بوقت گهڻي عرصي کان پوءِ جڏهن ماديت ۽ جسمانيت زور وٺندي آهي ۽ روحانيت گهٽجي ويندي آهي ۽ تازي تعليم ۽ هدايت جو گهڻو ضرور ٿيندو آهي تڏهن هڪڙو استاد پيدا ٿيندو آهي ۽ اهڙو هاڻي جلد ظاهر ٿيڻو آهي تنهن ڪري ماڻهن کي انهي جي سڃاڻڻ ۽ انهي کي ظاهر ٿي خلق کي سچي تعليم ۽ فيض پهچائڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ ۾ گڏ ٿي اڳيئي ضروري بندوبست رکڻ کپي.

maablib.org

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر
[illegible]
ISBN # 978-969-7417-034-1